مڪنوزِ دُرلعل
(حصہ اول)

ڪلام فقير درمحمد (دوم) هيسباڻي



مرتب: فقير احسان علي هيسباڻي

FROM

FAQEER SAIF HESBANI
CUSTODIAN OF DARGAH
KHUSH KHAIR MUHAMMAD
FAQEER HESBANI.

S.R. Hisbani

21 MARCH 18.

مڪنوز درّ لعلّ

(حصه اوّل)

ڪلام فقير درّ محمدّ (دوم) هيسباڻي

مرتب

فقير احسان علي هيسباڻي

مددگار:

قبلا مسرت عباس شاهه عرف شاهه ڪريم

ڇپائيندڙ

صوفي خوش خير محمد هيسباڻي اڪيڊمي

ڪروندي تعلقو فيض گنج ضلع خيرپور ميرس

سيئي حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: مڪنوزِ دُر لعل (حصہ اوّل)
ڇاپو پهريون: ڊسمبر ٢٠٠٠ع
تعداد: هڪ هزار
اشاعتي نگران: فقير رحمٰن علي هيسباڻي
ڪمپيوٽر لي آؤٽ: نياز حسين گبول
ڇپائيندڙ: صوفي خوش خير محمد هيسباڻي اڪيڊمي
ڪرونڊي تعلقو فيض گنج ضلع خيرپور ميرس
اهتمام: فقير احسان علي هيسباڻي
ايس اينڊ ٽي ڊپارٽمينٽ، پورٽ قاسم اٿارٽي ڪراچي ٤٨
ڇپيندڙ: ازا ڪميونيڪيشنز ڪراچي. فون: ٧٧٣٧٢٩٠

ملڻ جو هنڌ:
درگاهه خوش خير محمد فقير صوفي
پوسٽ آفيس ڪرونڊي، تعلقو فيض گنج، خيرپور ميرس سنڌ.

انتساب

هي ڪتاب
مان پنهنجي والد بزرگوار هيسباڻي قوم جي سردار،
موجوده سجاده نشين درگاهه خوش خير محمد فقير صوفي،
فقير درمحمد (دوم) جي فرزند
فقير خير محمد (سوم)
جي نذر ڪريان ٿو.



قبلا شهنشاهه فقير درمحمد (دوم) هيسباڻي

ڇپائيندڙ جا تاثرات

عرصي دراز کا اندر ۾ اها آس هُئي تہ مهراڻ جي ماٺريءَ جي عظيم صوفي شاعر فقير درمحمد (دوم) هيسباڻي جو ڪلام ڪتابي صورت ۾ منظر عام تي آڻڻ نهايت ضروري آهي، ليڪن هر ڳالهہ جي اظهار ٿيڻ جو وقت مالڪ شهنشاهہ جي طرفان مقرر هوندو آهي. آخرڪار اهو ڏينهن بہ اچي ويو جو هن عظيم صوفي بزرگ جو ڪلام ڪتابي صورت ۾ اڄ اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي. پڙهندڙن جي سُڌ لاءِ عرض آهي تہ هي ڪتاب صرف سنڌي ڪلامن تي مشتمل (حصہ اول)ا آهي. ۽ آءٌ انهيءَ ڪوشش ۾ آهيان تہ تمام جلد سرائڪي ڪلامن تي مشتمل (حصہ دومُ) ڇپرائي منظرعام تي آڻجي انشاءَالله تعاليٰ العلي العظيم.

ڪلامن جي ترتيب سنڌي الف- ب- جي حساب سان ڏنل آهي.

آءٌ شڪر گذار آهيان تمام انهن دوستن، طالبن ۽ عقيدتمندن جو جن هن ڪتاب ڪي ڇپرائي منظر عام تي آڻڻ ۾ منهنجو سات ڏنو ۽ تعاون ڪيو.

آءٌ خاص طرح سان شڪر گذار آهيان مرحوم استاد محمد عرس عرف نبي بخش قاضي (تالپر وڏا) جو جن پنهنجي سخت محنت ڪوشش ۽ جدوجهد سان پنهنجي مرشد شهنشاهہ ۽ راقم جي ڏاڏا سائين جن جو ڪلام سهيڙڻ ۾ خاص ڪردار ادا ڪيو مولا علي پاڪ ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پونئرن ڪي صبر و جميل عطا فرمائي آمين ثم آمين-

فقير احسان علي هيسباڻي
مرتب

سيف جو گهر
ڪراچي، ١٢- ڊسمبر ٢٠٠٠ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مهاڳ

سُپت سنڌو جي سدا سهاڳڻ ڌرتيءَ تي اهل دل واڪاڻيل سدا حيات صوفي شاعرن جي صف ۾ جيڪي شاعر اچن ٿا انهن ۾ صوفي خوش خير محمد فقير هيسباڻيءَ جي اولاد مان درويش دل صوفي درمحمّد فقير (دوم) درلعل بہ وڏي واکاڻ لائق آهي. پنهنجي دؤر جو قلندري صفت رکندڙ ڪامل قلندر هو. سندس علم حلم ۽ سخاوت جو ڪوبہ ثاني نٿو ملي. ذڪر فڪر جي محويت جي عالم ۾ مستي ۽ سالڪيت جي موجن سان دم قدم ملائي حد ڪان لاحد ڏانهن هلندڙ ثابت قدم صوفي، درمحمد درلعل جهڙا متقي پرهيزگار پانديئڙا هن جُوءِ ۾ ڪي ورلي ملندا. سندس ڪلام روح جي راحت ۽ قلب جي تراوت آهي. سنڌ جي صوفي ڌارا ۾ جن صوفي شاعرن جو ڪلام اهم ليکي سگهجي ٿو، هي ڪلام انهيءَ ۾ هڪ اضافو آهي.

اسان کي اميد آهي تہ پڙهندڙن وٽ هي ڪتاب بيحد مقبوليت ماڻيندو.

فقير احسان علي هيسباڻي

مرتب



قبله شهنشاهه فقير خير محمد (سومر)

موجوده سجاده نشين درگاهه صوفي خوش خير محمد فقير هيسباڻي

فقير درمحمد (دوم)
جي حياتيءَ جو احوال

جنم:

فقير سائين جن پنهنجي آباڻي ڳوٺ درگاهه خوش خيرمحمد فقير هيسباڻي تعلقو فيضگنج ضلع خيرپور ميرس ۾ تقريباً ١٨٨٧ع ڌاري پيدا ٿيا ۽ پاڻ ۾ چار ڀائر هئا جن مان فقير صاحب جن سيني ڀائرن کان وڏا هئا.

ننڍپڻ ۽ تعليم:

فقير درمحمدَ سائين جن اجا ننڍا ئي هيا ته سندن والد خير محمدَ فقير دوم پنهنجي اباڻي ڳوٺ تڳرن مان سندن جدي امجدي استادن مان قاضي نور محمدَ کي گهرائي، فقير صاحب جن کي عربي ۽ فارسي تعليم ڏيارڻ لاءِ سندن حوالي ڪيو. ڪجهه عرصي بعد فقير صاحب جن کي ڳوٺ ٽالپر وڏا، تعلقه ڪوٽڏجي ضلع خيرپور ۾ استاد روشن علي قاضي صاحب جن وٽ وڌيڪ عربي فارسي پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. فقير درمحمد سائين جن جي والد بزرگوار جو دلي شوق اهو هيو ته سندن فرزند عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪن مگر سندن چاچا امداد علي هيسباڻي جو خيال هو ته سندن فرزند فتح علي فقير

عرف ظفر علي فقير کي انگريزي تعليم ڏياري وڃي انهيءَ اسرار تي فتح علي فقير ۽ سائين درمحمد فقير جن کي انگريزي تعليم ڏيارڻ لاءِ خيرپور ناز هاءِ اسڪول ۾ استاد امام بخش خان وٽ موڪليو ويو، جيڪو سچل سرمست درازن واري جو طالب هو. فقير سائين جن علم پڙهڻ جا بيحد هوشيار هئا، پري پري جا عالم فاضل پروفيسر اچي سندن پڙهائي ٻڌندا هئا خيرپور ناز هاءِ اسڪول ۾ ٻه درجا انگريزي پڙهڻ ڪانپوءِ اوچتو ئي هڪ ڏينهن سندن والد بزرگوار خير محمدؒ فقير جن گهوڙي تي سوار ٿي خيرپور پهتا پاڻ فرمايائون ته ٻچا اوهان اها ڏئون بڌئون (انگريزي واري ٻولي پڙهڻ ڇڏيو. هاڻي توهان پنهنجي درگاهہ تي واپس هلو ڇو ته مون کي ٻه هاڻي هن دنيا فاني مان ڪوچ ڪري بقا جي ملڪ روانو ٿيڻو آهي. تنهنڪري مونا ڪان بعد اوهان جو اتي هجڻ ضروري آهي، اهڙي طرح سائين جن پنهنجي ظاهري تعليم جي انهيءَ حد تائين تحصيل ڪري درگاهہ خوش خيرمحمد فقير تعلق فيضگنج تي پهتا.

والد صاحب جي وفات:

خيرپور جي واپسيءَ کان ٻن ٽن ڏينهن بعد خيرمحمدؒ فقير صاحب جن کي بخار ٿي پيو، عزيزن چيو ته دوا وٺي ٿا اچون پاڻ فرمايائون ته دوا جي ضررت ناهي ڇو ته چند گهڙين بعد اسان جي دارالبقا روانگي آهي. منهنجي دل چوي ٿي ته اوهان سڀ هتيئي مون وٽ هجو ته بهتر. چند منٽن گذرڻ بعد فقير سائين جن چادر پائي پنهنجا هٿ پير سنواري سڌا ڪري سمهي پيا ۽ سندن دم پرواز ڪري ويو. ان وقت فقير درمحمدؒ سائين جن جي عمر ته ننڍي هئي پر سندن ڀيا ٿي يائر ملنگ علي فقير، عبدالله فقير ۽ حب علي فقير اجا ٻه گهٽا ننديا هئا. يعني خير محمدؒ فقير جن جي ڪٽنب مان ڪوبہ وڏو ڪونہ هو

ننڍا ہارئي ھئا.

طلب وٺڻ:

فقير درمحمدؐ سائين جن اجا ننڍي عمر جا ئي ھئا تہ محمود فقير لغاري، جيڪو خيرمحمدؐ سائين جن جو طالب ھو، در محمدؐ سائين جن کي سائين صفي الله نوشھرہ وارن وٽ وٺي آيا ۽ ڪائنن طلب حاصل ڪئي. ننڍپڻ ۽ ظاھري زماني جي حالتن سبب، مرشد پاڪ جي ٻڌايل سبق کي مڪمل ياد نہ ڪري سگھيا. بھرحال مرشد پاڪ جو امر ھو ان نيٺ اثر ڪيو. پاڻ زماني جي ڳالھين کي ڇڏي ذات الٰھي جي عشق ڏانھن متوجہ ٿيا. نوشھرہ درگاھ تي پھتا. نوشھرہ جي گادي نشين نول گھوٽ جي حڪم مطابق "موھن جو مڪان" لاڙڪاڻي پھتا، جتي سائين صفي الله جا پوٽہ بندہ علي سائين رھندا ھئا. پاڻ بندہ علي سائين جن کي نول گھوٽ سان ڪيل حال احوال ٻڌايائون. بندعلي سائين جن ساڳيو اسم جيڪو صفي الله سائين جن ٻڌايو ھو. ساڳيو ئي ھلائڻ جو حڪم ڏنو ۽ اھڙي طرح فقير سائين پنھنجي مرشد جي مھربانيءَ سان ذاتي ذڪر ۾ محويت حاصل ڪري حدلا حد جي منزل ماٿي بحر محمديءَ جو درلعل بڻيو.

مرشدن جي خدمت:

پنھنجي مرشد بندہ علي سائين جن جي وصال ڪانپوءِ انھن جي ٻن شھزادن ١- دامن علي سائين ۽ اعجاز علي سائين جن کي درگاھ خوش خير محمد فقير يعني پنھنجي ڳوٺ وٺي آيا ۽ انھن جي مستقل رھائش جو بندوبست بہ پاڻ وٽ ڪيائون ۽ انھن جي خدمت پنھنجي زندگيءَ جو مقصد بنايو. پاڻ پيدل مَٽي کڻي ٻن ميلن جي مفاصلي فقير علي نواز جي ڳوٺ مان پاڻي ڀري مرشدن جي خدمت ۾ پيش ڪندا ھئا. انھن جي اولاد مان مسرت عباس شاھ عرف شاھ ڪريم ۽ اعجاز علي

سائين اڄ بہ درگاھ خوش خير محمّد فقير صوفي تي رهندڙ آهن ۽ دعائن سان درگاھ وارن کي شادوآباد ۽ فيضياب ڪندڙ آهن. ۽ اڳتي لاءِ بہ انهن مالڪن کي پارت آهي، آمين ثم آمين.

اهم شخصيتن سان ملاقات:

فقير سائين جن جي ملاقات عين الهي محبت جي مستيءَ جي عالم ۾ هز هائينس مير علي مراد خان موجوده سان ٿي. مير علي ڏنو خان ٽالپر ڪوٽ ڏجي. عبدالستار سائين جهوڪ ڏٽي، عبيدالله دراني صاحب پشاور، ڊاڪٽر تنوير عباسي. ڊاڪٽر محمد ابراهيم جويو صاحب، درگاھ جهوڪ شريف جو گادي نشين سائين وارث شاھ، سيد رحمان شاھ ڳوٺ آرائين ضلع سکر، فقير غلام سرور پناڻ ڳوٺ آرائين. ڪريم ڏنو مڱڻهار، بيگ محمد فقير چڇڙو، مطلوب شاھ شهيدن جو ٿلهو لڳ ڪوٽ مير محمّد، محبت علي شاھ، مهدي شاھ، شاھ پور جهانيا، قطب علي فقير تجل شريف، مراد علي فقير شر، فقير عبدالحق فاروقي درگاھ درازا، موجوده سخي قبول محمّد، ثناءُ الله فقير چانديو. فقير امير علي هيسباڻي نوابشاھ.

فقير سائين جن جا صحبتي:

علي محمّد فقير ٽالپر، قاضي غلام حسين عرف بابا بنل، يارمحمّد قاضي، معشوق علي ڪوڪر، غلام محمّد قاضي، نظر علي فقير ڦل، غلام محمّد "عرشي" سومرو پريا وارو، لعل محمد شاھ (پوڳڙي) زوار عرض محمد سهاڳ (همراز)، نروار علي فقير خاصخيلي.

هم عصر صوفي شاعر فقير درويش ۽ صحبتي:

هز هائينيس مير علي نواز خان، مخدوم طالب المولي، سيّد پيرل شاھ ۽ علي شاھ سهڪجي انور علي شاھ گهوٽڪي،

ولايت شاھ، ھبناھ سچل فقير ڪوري پير ڳوٺ، فولاد علي فقير شر، صوفي علي محمّد فقير ٽالپر، نصير علي فقير جلالاڻي، علي گل فقير جلالاڻي، مينگھو فقير شر، ٻڍل فقير شر منگھو فقير شر، آچر فقير عرف نظام فقير ساڪاٽي، فتح علي فقير عرف ظفر علي فقير هيسباڻي، فقير علي نواز هيسباڻي، سچل فقير لاڙڪ ڪاهي، عنايت علي فقير نوناري عبيدالله دراني صاحب پشاور، رئيس خدا بخش خان جسڪاڻي، آخوند صاحب غلام الرسول خيرپوري، نظر علي فقير ٿل، فقير لعل بخش خاصخيلي ٽالپر وڏا، فقير محمد خاصخيلي ٽالپر وڏا، فقير غلام حسين ڪوري پير ڳوٺ، محمد علي شاھ مگھرجي وارا، موجوده محمّد علي شاھ عرف شهنشاھ ڪنگري وارا، غمدل فقير رتوديرو وارا، مير محمّد فقير ٽالپر، مطلوب شاھ دوست محمّد فقير ٽالپر، غلام حيدر فقير ٽالپر، اميد علي فقير ٽالپر، غلام محمد فقير ٽالپر، الھ بخش فقير ٽالپر، سائين عبدالستار سومر جهوڪ شريف زوار غلام قاسم خان جسڪاڻي بشير احمد ڏهراج محبت ديرو جتوئي، پيارو ساڪاٽي، فقير محمد ساڪاٽي نزد ٽالپر وڏا، محمد علي عرف گدا حسين قاضي ٽالپر وڏا، محترم استاد عطا محمد حامي صاحب، عدل فقير ڳوٺ انب فقير مگنهار.

فقير سائين جا معروف طالب:

فقير محمد خاصخيلي ڳوٺ جسڪاڻي، زوار محمّد هاشم خاصخيلي محرابپوري، استاد رسول بخش شيخ محرابپوري، پلھوان فقير چانديو، صادق فقير چانديو، بالو فقير چانديو ساڪن خيرپور ناٿن شاھ، رئيس پنھل خان جسڪاڻي، محمد بچل فقير جسڪاڻي، واحد بخش خاصخيلي، نروار علي فقير خاصخيلي ساڪن جسڪاڻي، ڪيوڙو فقير ڪوڪر فيضگنج، قاضي غلام حسين (عرف بابا

بنل) ساڪنِ ٽالپر وڏا، يار محمّد فقير قاضي، غلام محمّد فقير قاضي، محمد عرس عرف نبي بخش قاضي، زوار عرض محمّد سهاڳ، فقير امير حسين ٽالپر، مير خان فقير ٽالپر، مدد علي ٽالپر، رمز علي قُل، سهراب علي فقير، قلندر بخش فقير خاصخيلي، الهه بخش فقير ٽانوري، فقير احمد علي پريا روڊ، نياز محمد سومرو محبت ديرو، مهتاب علي نزد محبت ديرو، نشان علي فقير گاڏهي مهوال فقير ساڪاٽي نزد ٽالپر وڏا، سعيد خان ساڪاٽي نزد محرابپور، گفتار علي فقير خاصخيلي، زوار قادربخش خاصخيلي، گل حسن خاصخيلي، زوار علي بخش خاصخيلي، رانجهن فقير خاصخيلي، غلام محمد فقير خاصخيلي، نياز حسين عرف جمن خاصخيلي، يار محمد فقير خاصخيلي، پريل فقير ٻانيڻ ڳوٺ چيڙ ٻانيڻ، مومن فقير شر بلوچ نزد سيال آباد، صادق فقير چانديو، گولاڙچي (بدين) عنايت فقير چانديو، محمد ابراهيم محرابپور، استاد جان محمد چاچڙ محرابپور، منظور علي ٽانوري نزد محبت ديرو، قاضي عبدالتقي (ٽالپر وڏا)، جائي جمال هيسباڻي فقير.

فقير سائين جي شخصيت:

فقير سائين جن قداور جسم وارا ۽ رعبدار مگر سهڻي شڪل شباهت جا مالڪ هئا. ڪوبہ ماڻهو سندن اکين ۾ اکيون وجهي ڏسي نہ سگهندو هو. سندن رعب تاب کان ڏسندڙ جون اکيون يڪدم جهڪي ويندون هيون. سندن اکيون وڏيون، ذڪر فڪر بندگي ۾ اوجاڳن ۽ معنوي محويت جي مستيءَ سبب هميشہ گهريون گلابي رهنديون هيون. سندن گول چهره مبارڪ نوراني نور سان هردم پرپور رهندو هو. سندن ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي سفيد ۽ شهپر وڏا هوندا هئا.

پوشاڪ ۾ سفيد رنگ جي شلوار ۽ سفيد ويڪرو پهرياڻ پائڻ پسند ڪندا هئا. مٿي تي اڪثر گيڙو دستار ٻڌندا هئا

جنهن ڪي هيٺ طرو بہ ڇڏيندا هئا. گيڙو قسم جو يا سفيد رنگ جو وڏو رومال يا دوشالو ساڻ ضرور ڪڻندا هئا. پنڌ يا سواريءَ تي سفر ڪرڻ وقت چيلهہ سان قمر بند ٻڌندا هئا، پيرن ۾ بخمل جي جتي يا ڳاڙهو سليپر بوٽ پائيندا هئا. اڪثر سائي رنگ جي چادر ويڙهيندا هئا. ڪڏهن دستار جي بجاءِ گيڙو توپ بہ پائيندا هئا جيڪو سندن ڪنن مٿا بہ آيل هوندو هو. هردم ، دم اسم سان رهندا هئا. تسبيح جام پڙهندا هئا. نماز جا پابند هئا، هميشہ باوضو رهندا هئا. هٿ ۾ فقراهي ڏنبو يا سنهين عصا رکندا هئا. "محبوب پاڪ" سندن تڪيہ ڪلام هوندو هو. هر هڪ ملڻ واري سان بيحد محبت نياز نوڙت ۽ احترام سان ملندا هئا پوءِ ملڻ وارو چاهي ننڍو ٻار هجي يا وڏو، پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل هجي، واقف هجي يا غير واقف، پنهنجن مرشدن جو بيحد احترام ڪندا هئا، پاڻ طالب تمام گهٽ ڪندا هئا. تمام گهٽي اسرار تي جيڪڏهن طالب ڪندا بہ هئا تہ ڪين چوندا هئا بابا اوهان بنده علي سائين جن جا طالب آهيو. فقير سائين جن بي انت سخي مرد حليم ۽ بردبار هئا. ليڪن پنهنجي ذاتي عشق ۾ بيحد بهادر، مست ۽ مستحڪم هئا، پاڻ ڪي مولا علي پاڪ ۽ قلندر لعل شهباز جي سپاهين جا سپاهي سڏائيندا هئا ۽ سندن طالبن جا طالب سڏائيندا هئا.

فقير سائين جن جي برقعہ پوشي:

اربع ڏينهن، ١۴_ جمادي الاول ١٣٩٧ هجري بمطابق ۴_ مئي ١٩٧٧ع. فقير سائين جن تقريباً ٩٠ ورهيہ جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

اوچتو ئي فقير سائين جن ڪي ڄنگهہ ۾ درد پيدا ٿيو. سور ايترو تہ هيو جو ڄڻ تہ اسمان تـَـل آهي پر پوءِ بہ هڪ دم بہ ذڪر الهي کان غافل نہ ٿيا. عشق جي محويت جي عالم ۾

فقير سائين درمحمدَ (دوم) هيسباڻي جو خانداني سلسلو هيٺ ڏجي ٿو.

- حاجي خوش محمدَ فقير صوفي (اول)
  - ملنگ بادشاھ
  - مست درمحمد فقير اول
    - فقير خير محمد (دوم)
      - فقير عبدالله
        - فقير نهال خان
          - فقير بلاول خان
        - فقير نيازعليَ
          - فقير فياض علي
          - فقير راشد علي
        - فقير لعل خان
          - فقير رضوان
          - فقير فرحان
      - فقير ملنگ علي
      - فقير درمحمدَ (دوم)
        - فقير خير محمد (سوم)
          - فقير انصاف علي
            - فقير عارف علي
            - فقير آصف علي
          - فقير احسان علي
            - فقير سيف الرحمٰن
            - فقير رحمٰن علي
            - فقير حبيب الرحمٰن
          - فقير درسن علي
            - فقير ذاڪر حسين
            - فقير عاشق حسين عرف درمحمد سوم
            - فقير پرويز حسين
            - فقير معشوق حسين
            - فقير عجيب حسين
          - فقير منصف علي
          - فقير رونق علي
            - فقير حيدر علي
      - فقير حُب عليَ
        - فقير گلشن عليَ

جڏهن ڊاڪٽرن سندن ڇنگهه ڪٽي ڇڏي تاهم ٻه ڪين ان ڳالهه جي ڪابه خبر نه رهي. هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجن طالبن کي چيائون ته جڏهن چوڏهين تاريخ ٿئي ته ٻڌائجو، طالبن کان ته ڳالهه وسري وئي هڪ رات اچانڪ پاڻ فرمايائون ته محبوب پاڪ اڄ چوڏهين تاريخ آهي ۽ اسان جي دارلبقا روانگي ٿيندي، جڏهن طالبن کي ياد ايو ته برابر ان رات چوڏهين تاريخ هئي پاڻ هي جهان ڇڏي ملڪ بقا ڏانهن روانا ٿيا.

فقير سائين جن جو اولاد:

فقير سائين جن کي هڪ فرزند آهي جنهنجو نالو فقير خيرمحمد (سومر) آهي ۽ جيڪي موجوده سجاده نشين ۽ هيسباڻي قوم جا سردار آهن فقير خير محمد (سومر) ٻه پنهنجي والد بزرگوار فقير درمحمد دوئم (درلعل) وانگر شعر و شاعري ٻه ڪئي آهي موجوده سجاده نشين فقير خير محمد سومر کي پنج فرزند آهن. ١- فقير درسن علي، ٢- فقير احسان علي، ٣- فقير انصاف علي، ۴-فقير منصف علي، ۵- فقير رونق علي. جن جو پڻ شعر و شاعري سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي. فقير درسن علي کي ٻه پنج فرزند آهن. ١- فقير ذاڪر حسين، ٢- فقير عاشق حسين، ٣- فقير معشوق حسين، ۴- فقير پرويز حسين، ۵- فقير عجيب حسين.

فقير احسان علي کي ٽي فرزند آهن. ١- فقير رحمان علي، ٢- فقير حبيب الرحمٰن، ٣- فقير سيف الرحمٰن.

فقير انصاف علي کي ٻه فرزند آهن، ١- فقير عارف علي، ٢- فقير آصف علي.

موجوده سجاده نشين فقير خير محمد سومر جي شاعري جون چند سٽون پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون، جن شاعري ۾ پنهنجو تخلص "هيسباڻي" ڇيو آهي،

مطلع: آيا عجيب اسان جي اڱڻ احسان ٿيا،
پسي حُسن حبيب هـرٽئي حـيران ٿيا،

١ـ دل گـهريو دلـدار اڱـڻ اڄ آيو آ،
محبت ۾ مشتاق مڙئي مستان ٿيا،

٢ـ سرس ڪري سينگار صنم آيو صورت جو،
ڪاتب قلم قضا جا ڇڏي قربان ٿيا،

٣ـ ساقيءَ سڪ سان سڏي سوائي سرڪي ڏني
پلڪ اندر پُر پياسن جا پئمان ٿيا،

٤ـ هيسباٽي صد بار صدق تنهن ساجن تان،
عاشق جنهنجا عرش و برين انسان ٿيا.

هم عصر شاعرن جو فقير جي شاعري تي اثر:

فقير سائين جن گهڻو ڪري بيدل سائين ۽ سچل سائين جن جي شاعري پڙهندا ۽ ٻڌندا هئا. تنهن ڪان پوءِ ٻيدل فقير، خوش خيرمحمد فقير، ڇتو فقير سانگي، پهلوان فقير ۽ عثمان سانگي جي گهڻي شاعري راڳ ويراڳ جي صورت ۾ ٻڌندا هئا، تنهن هوندي بيدل گهڻو ٻڌندا هئا. فقير سائين جن ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي سموري فقراه ۾ شعر جي ڪا "طرح" ڏيندا هئا جنهن تي سڀ فقير شعر ڪلام ٺاهيندا هئا. ظفر علي فقير ڪان هڪ مليل طرح هئي:

"عشق جي ميدان ۾ لتڪيل سريون ڏڙ ڏار ڏسِ".

انهيءَ طرح تي درمحمد سائين جن جي شعر جو مطلع آهي:

ٿيا مري جيئرا وري، ساڳي سِري سردار ڏس،

فقير ظفر علي:

عيد ڪن عاشق ڏسي، محبوب مل ميدان ۾،

فقير درمحمد:

منهن ميثاقي جو چيو، گذريون صديون ارمان ۾،

ظفر علي فقير:

فيضگنج خوش خير محمّد جي فقر اظهر ڪيو،

درمحمد فقير:

الفقر فخري امر صادر سيّد سرور ڪيو.

فقير سائين جي شاعري:

فقير سائين جن جي شاعري گهڻو ڪري سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ٻولين ۾ حمد، نعت، مدح، منقبت، دوهڙن، رباعين ۽ ڪلامن تي مشتمل آهي. فقير سائين جن جي ڪلام ۾ الهي عشق، پنجن پاڪن جو عشق ۽ پنهنجي مرشد پاڪ جي محبت حد کان وڌيڪ ڀريل آهي. ان کان علاوه محبوب حقيقيءَ جي حسن جي تعريف، ناصحانه نقطن ۽ تمثيل سان سندن ڪلام ڀرپور آهي. شعر ۾ فارسي ٻوليءَ جا لفظ تمام گهڻا استعمال ٿيل آهن. سندن شعر بحر وزن قافيه رديف سان سهڻو سينگاريل آهي. فقير سائين جن جو ڪلام پُر معنيٰ ۽ ايترو اونهو چيل آهي جو عام سطحي ذهن رکندڙ کي گهٽ سمجهه ۾ ايندو. سندس شعر صوفيانه فلسفي ۾ سهڻي نموني رڱيل آهي ۽ ان ۾ قرآني آيتون پڻ حوالي طور ڏنل آهن فقير سائين جن جو شعر اڪثر سيني صنفن جو مجموعو آهي ۽ گهڻا شعر ذوقافيه آهن. سندن ڪجهه شعر اهڙا آهن جن جي پڙهڻ سان چپ چپن سان نه ملن ۽ ڪجهه اهڙا شعر آهن جيڪي بغير نقط جي آهن ۽ ڪي ڪلام سوال جواب ۾ پڻ آهن. فقير سائين ڪلامن ۾ پنهنجو تخلص، درمحمّد، دردان، درلعل، درناز ۽ دُر استعمال ڪيو آهي. مطلب ته سائين جن جو ڪلام تمثيلن، تجنيسن، تشبيهن جو ڀنڊار آهي. جيڪو به هن شاعري جو دل جي حضور سان مطالعو ڪندو، ته انشاءَالله سير سلوڪيت جي اعليٰ عرفان کي پهچندو. آمين ثم آمين.

شعر- فقير معشوق علي ڪوڪر جو چيل

فقير درمحمدَ درلعل جي وصال جي موقعي تي جن فقيرن وصال نامہ پڙهيا اهي هن ريت اهن:

وصال نامہ:

مطلع: اڄ اسان جي اڱڻ تان درلعل محمدَ ويا لڏي،
ڳڏ گذاري راتڙيون، وڇڙيا پرين ويلي وڏي.

۱- ڪل تہ وچ جي ڪانہ پيئي سنبريا سفر ساجن سٽت،
من اندر ماتمر ڏئي، ڇوري ڇپر ويڙا ڇڏي.

۲- مونجهہ ڏئي من ۾ ويا، موتي ملڻ تن جو محال،
شل وصل واڳان ورائي، من منهہ اوڏا اڏي.

۳- ڪير ڏئي خاصي خبر، ويندڙ پرين ورندا ڪڏهن،
هڪ گهڙي سو سال جڻ، گذريا غمن ۾ ويا گڏي.

۴- ديس ڪان پرديس تي، وينا وِتي وارث وجهي،
ماڳ تي موتي ملن، شل طلبگارن جي تڏي.

۵- من موهيندڙ ڳالهہ مرشد جي مٺي معشوق علي،
سا ورونهہ وسري نٿي، جا ڪئي سخي سائل سڏي.

صوفي علي محمد فقير ٽالپر جو چيل

وصال نامو

مطلع: سائين درمحمد وٽين دلدار پري،
اکڙيون روز روئن ڳالهيون ياد ڪري،

۱۔ توکي روز ازل کان هو عشق حقي،
لڳي مرض انهيءَ کي ڪانءَ ڦڪي،
ڏسي نبض تنهنجي ويا حڪيم ڏکي،
اندر آتش جو پيو آڙاهه ٻري.

۲۔ آئين سانگ ڪرڻ، پرديسي پکي،
ڳجهي رمز واري متا مام رکي،
ماٽيئي موج منصوري سردار سخي،
هٿئون حيدر ٻجي پيتئي جام پري.

۳۔ پنهنجا واعدا ڪين وساريا تو،
هر فوج فقر سان پاريا تو،
ڏاڍا بيرنگي رنگ ڏيکاريا تو،
ڪيئي پنڌڙا پشاور ذوق ذري.

۴۔ جڏي وطن پرين پرديس وڃڻ،
زاريون زور ڪيم نہ ڪا منت مڃڻ،
شهر ٽالپرن مان ٻيرو ٻجڻ،
دل ڳٽتين ۾ تي روز ڳري.

٥۔ تنهنجي صورت ڏٺي سهڻا سال ٿيا،
هيڻا حيرت ۾ منهنجا حال ٿيا،
لهي لڙڪ اکين مان لال ٿيا،
وري ڪڏهن وصال جو واءُ وري.

٦۔ چوڏهين جمادي الاول اربع رات چوان،
ٿيو ملڪ بقا تي روح روان،
سانليمر سور تنهنجا سپ سيني سنوان.
لکيو قلمر قضا جو ڪين ٽري.

٧۔ دلڙي روز سڄڻ توکي ساري ٿي،
علي محمدؐ ڪين وساري ٿي،
تنهنجي محب جدائي ماري ٿي،
نہ ٿي توريءَ ساعت ساھ سري.

شعر نمبر ۱

مطلع: اڄ ٿي ڏيئي جي لاٽ مان ويو ٻيڙ گهر جي ڇت منجهان،
پروان جان قربان ڪل انسان ٿيا عبرت منجهان.

۱۔ شهباز جي پرواز کان ممتاز اعجاز علي،
خلق الادم ساڳي صورت مالڪ مليو مورت منجهان.

۲۔ عاشق حسن آهو چشم ابرو اشاره سان ڪنا،
دل محو ٿي هڪ درد ۾ حيران دم حيرت منجهان.

۳۔ خود خيال سان هم خيال ٿي خمار ۾ خوشدل مليو،
ناظر هڙئي منظور ٿيا مخمور جي محبت منجهان.

۴۔ هڪ موج اندر اوج ٿيو فوج حسن ۾ حيدري،
دردآن جهلي دامن علي بزمِ بره برڪت منجهان.

شعر نمبر ٢

مطلع: اڄ عيد ڪن عاشق ڏسي معشوق مل کولي نقاب،
عشق و حسن همدم رهن دوئيءَ جا ڊهن هر جا حجاب.

١ـ ابروءَ ڪمان بسمل ڪيا ڪنڙا نيٽڻ جي نوڪ ناب.
مانجهي مري جيرا ٿيا جلوه حسن ڪيڙا ڪباب.

٢ـ آندا زلف زندان ۾ شوقِ حسن شائق شتاب.
دم محو ٿيا ديدن اندر آيو نہ جسماني عذاب.

٣ـ حاصل ٿيو حج حسن جو وسري ويا جرم و ثواب،
از خود عاشق کي اوچتو خود خيال پياريو عشق آب.

٤ـ بيخود خوديءَ ۾ خود محو وصل وهجر جو ويو حساب،
خمارِ دل مخمور ڪيو بن ڀنگ چرس عمل و شراب.

٥ـ هر لهر اندر موج ماڻي بحر سان ٿيو هڪ حباب،
مطلوب طالب ۾ مليو سودو سرن جو پيڙو ساب.

٦ـ طالب مولا بر تختِ دل برحق سڃاتو بو تُراب،
فرمان جي اعتبار سان لشڪر فقر ٿيو فيض ياب.

٧ـ 'دُر محمد' سان ملي خوشدل رهيو ماڻي خطاب،
بنده علي اعجاز سان ٿيو نينهن جو ناظم نواب.

ڪلام نمبر ٣

مطلع: اڄ خيال ڏنو هڪ خواب ميان، تعبير ڪندا تارڪ سالڪ.

١ـ ويجهي وارث ڏنو ڏورون، سوال سندو نہ جواب ميان.

٢ـ خواب مهتاب جو تاب پسايو، جاڳيو شوق شتاب ميان.

٣ـ ڏُود ڏکايو دردن دل ۾، اکين آندو آب ميان.

٤ـ حسن شهباز شڪار ٻڌايو، هرهڪ عشق عقاب ميان.

٥ـ 'دُر محمد' مڙهيل من ۾، ڏنو خيال خطاب ميان.

ڪلام نمبر ۴

مطلع: اچين وڃين ٿو مڃيءَ جان، تون آب ڪي چو نا لکين،
ذائق ڪان بيخبر ٿئين، چاش پيو توڙي چکين.

١۔ وفي انفسڪم مام ڄاڻج، خود پيهي آيو پکين،
فاذڪروني رمز پرجهي، پٺج ڀهڳڻ سان ڀڪين.

٢۔ بره جون بويون نہ ورتئي، پيو عطر و عنبر مکين،
ڪر فنا لا سان جسم ڪي، ڏِس اسم دل جي اکئين.

٣۔ آتش خليلي باغ باقي، چو ڏرين ڪوڙئين ڏکين،
غير ساڙي عشق ناراً ۾ وهارج وَرُ ڪکين.

۴۔ مولا علي سان عشق رک، هر راز جي ڪل جي رکين،
بنده علي ڪان 'دُر محمد' هي سبق سکيا لکين.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٥

مناجات درگاه شهنشاه لعل شهباز قلندر پاڪ

مطلع: اچي حامي حسيني تي، قلندر لعل لاثاني،
نباهيو نينهن نازڪ خود، نسنگ ڪريو نگهباني.

١۔ پسايو پاڪ رخ پنهنجو، ڪيو مالڪ مهرباني،
ملي دائم دلي درسن، ٿئي يڪ نظر نوراني.

٢۔ امالڪ عشق ناراً ۾، جلايو مرض جسماني.
رهن روشن قلب طالب پسن پيا راز روحاني.

٣۔ ملي مورت بہ هر صورت، سجايي سڪر سلطاني.
محو موجود گيءَ ۾ دم، مچائن شغل شاهاني.

٤۔ هجي آباد هرهڪ دل، وسايو بره باراني.
ماڻن موجان فقر فوجان، ملهائي مام من راني.

٥۔ دليون دُر لعل ۾ رلمل، رهي دل مست مستاني.
رلايو خود رضا رهبر، هلايو راه رنداني.

آمين ثم آمين.

کلام نمبر ٦

مطلع: احوال دل صورت سليو، دم خيال مورت ۾ مليو،
محبت مُلڪ معنيٰ مَليو، همحال مورت ۾ مليو.

١- بيمثل عشق مثال ٿيو، معشوق ساڻ وصال ٿيو،
عاشق فراقي فال ٿيو، احوال مورت ۾ مليو.

٢- بيحال خيال بحال گم، ممڪن نهال محال گم،
ماضي قبل درحال گم، هر حال مورت ۾ مليو.

٣- گفتار در ديدار گم، رفتار در دلدار گم،
بي سراندر سردار گم، اقبال مورت ۾ مليو.

۴- عاقل ڪنهن ديوان رهيو، اخگر ڪنهن پروان رهيو،
خندان ڪنهن گريان رهيو، رومال مورت ۾ مليو.

٥- دلدار ڪر دي دلجوئي، محبوب ميثاقي توئي،
در بحر وحدت گم دوئي، در لعل مورت ۾ مليو.

كلام نمبر ۷

مطلع: احد خود احمَد سڏائي سر عيان ڪيو منجھ عرب،
طالب و مطلوب جو مطلب سيڪاريو منجھ طلب.

١ـ وَ ابتَغُو صادر وسيلہ مَن عرف مصدر منجهان،
مقصدِ باطن سڃاڻ، لاءِ ظاهر ٿيو سبب.

٢ـ محمدي صورت جي معنيٰ، سان مليو مرشد علي،
حبِ علي روشن ڪيو، حبدار قنبر جو قلب.

٣ـ قلب مومن عرش الله، منجھ ملهيو معراج دل،
دوئي اندر درسن وحدت ٻاهر ڏسيو آمر ادبُ.

۴ـ دُر محمدؐ دمبدم دل عشق ۾ معشوق سان،
سَرصفي الله ساڳي آ عاشق جنهن جو لقب.

کلام نمبر ۸

مطلع: احد احمَد صورت ساڳي علي الله رب آهي،
سچاپڻ محض معنيٰ لئي، جدا نالو لقب آهي.

۱۔ علي الله هرهڪ جو هندو مسلم مومن ڪافر،
رسائي رزق هرتئين ڪي، جتان جنهن جي طلب آهي.

۲۔ صورت انسان ۾ آهن، سيئي مخلوق جون جنسان،
نرالن نسبتن اندر، نرالو تيو نسب آهي.

۳۔ صورت محمد صحيح سمجهي، علي الله ثابت ڪيو.
طلب مطلوب ۾ طالب، سچاپڻ جو سبب آهي.

۴۔ بنا حب پاڪ پَجنتَن جي، روحي رتبہ نہ حاصل ٿئي،
سگِ در دُر محمد جو، مليو منصب عجب آهي.

شعر نمبر ۹

در مکان موهن لاڙڪاڻہ

مطلع: اديبِ عشق ڪان پيو سک، تنهن ڪان پوءِ عاقل ٿئين،
اگر العقل نوراً في القلب، سمجهين تہ قابل ٿئين.

۱ـ علي حيدر جي بيعت ڪر، بقا باالله بنج بي سر،
اکين الله ڏس اظهر، ملنگ تون منهن مقابل ٿئين.

۲ـ امرمن عرف جو جاڻج، عقيدو پاڻ تي آڻج،
موجان معنيٰ منجهئي ماڻج، سمنڊ صورت سڄاتل ٿئين.

۳ـ محو مرشد بہ هر طالب، غازي همگام با غالب،
اُڏيا عرشين ڪيري قالب، ائين ڪر تان تہ ڪامل ٿئين.

۴ـ مليا دم اسم ذاتيءَ ۾، جليا جيئن پتنگ جهاتيءَ ۾،
مماتي گم حياتيءَ ۾، موتو ڏي جان تون مائل ٿئين.

۵ـ عجب اعجاز جون عينان، عشاقن لاءِ آئينان،
نباهِن ناز سان نينان، نگاهُن ۾ نوازيل ٿئين.

۶ـ صورت مورت تيا هڪ پيئي، ملهايون هڪ حدان تيئي،
فراقي دوئي پڌر پيئي، وصل وحدت ۾ واصل ٿئين.

۷ـ ملهيا معراج جسماني، ڪلي پيا راز روحاني،
شائق هر شب قدرداني، شهنشہ ساڻ شامل ٿئين.

۸۔ پيوند منصور پارن ۾، وٽيل هج وره وارن ۾،
عاشق العشق ناراً ۾، تون باغائي بنايل ٿئين.

۹۔ دنيا عقبيٰ کي تو ڇڏيو، طالب موليٰ تو سان گڏيو.
ديدن ۾ دل محل اڏيو، حسن محفل ۾ داخل ٿئين.

۱۰۔ موهن ميلا مچائين تو، رندانہ رنگ رچائين تو.
نسنگ صوفي نچائين تو، شغل هرهڪ ۾ شاغل ٿئين.

۱۱۔ دُرل دامن علي اندر، سجاتو صفي الله سرّور،
پياريو جنهن قدح ڪوثر، سخي ساقيءَ جو سائل ٿئين.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ۱۰

مطلع: ازل تنهنجو ابد تنهنجو، تنهنجو انجام تنهنجو آغاز.

۱ـ تنهنجي فهم سان توکي ڄاتم، دم قدم سان اسم ڄاتم،
رنگ و بيرنگ تون رنگساز.

۲ـ دل ويراڳي وحدت واڳي، علي قلندر صورت ساڳي،
مُلڪ معنيٰ جو بي انداز.

۳ـ عشق عاشق معشوق هڪوئي، عرش فرش تي ساجن سوئي،
ناز ماڻيو دل دلساز.

۴ـ ڪنت ڪنزاً مخفي ڪليو، عشق سڃاتو حسن جو حُليو،
محبت ڪيو ظاهر ممتاز.

۵ـ ڏنو 'دُر محمد' آ جا ڪون، دل ماڻي مَوجودگي تاڪون،
حسن هادي همدم همراز.

کلام نمبر ۱۱

مطلع: از خود آغاز مليو، انجام عشق ۾،
معراج دل ملهايو، الهام عشق ۾.

۱۔ چشمان سجڻ پسايون، تيون روح جون رسايون،
وارث دليون وسايون، احڪام عشق ۾.

۲۔ لشڪر حسن ڪمربند، ڪيا نامور نظربند.
ٿيا قتل عام هر چند، پيا دام عشق ۾.

۳۔ بزمِ عشاق باقي، معشوق سان ملاقي،
درسن ملايو ساقي، پر جام عشق ۾.

۴۔ آقا عرض اگهايو. لازم ملازم لايو.
ملزوم فيض پايو، الزام عشق ۾.

دامن علي سان دل بند، پيوند 'دُر محمد'،
۵۔ بخشش بحال بيحد، انعام عشق ۾.

شعر نمبر ١٢

مطلع: اسرار ٿيو يار جو اظهار صحن ۾،
ٿيا حر فدا حسين تان صد بار صحن ۾.

١ـ انوار احديت جو جهلڪار صحن ۾،
پروان عبديت جو پڙڪار صحن ۾.

٢ـ قربان عشق حسن تان حصيدار صحن ۾،
من عرف مرد بنيو حقدار صحن ۾.

٣ـ هر محل مان هڪ مهل مليو يار صحن ۾،
گفتار سان رفتار ۾ ديدار صحن ۾.

۴ـ ڪلي غنچه دهن بنيو گلزار صحن ۾،
زلف مار ڏنگيا بلبل ٿيا مار صحن ۾.

٥ـ ڏڪ بيني دونالي جو دڏڪار صحن ۾،
شهداءِ شائقن جو قتڪار صحن ۾.

٦ـ جزوات ڪيو ڪُل مان سينگار صحن ۾،
هرهڪ ماٽيو علحده معيار صحن ۾.

٧ـ بازار بره جو هر واپار صحن ۾،
نشو نينهن ماٽن ناظم نروار صحن ۾.

٨ـ هر هار لهي جيت پايو هار صحن ۾،
اعجاز سان همراز در درڪار صحن ۾.

کلام نمبر ۱۳

مطلع: اسان انت نہ پنهجو پايون تا، خود خيال روح ريجهايون تا.

۱ـ شائق حسن شاه مردان آهيون، مليل مثل شمع پروان آهيون،
ڪڏهن صورت عشق عيان آهيون، ڪڏهن مورت مخفي ملايون تا

۲ـ مجبوري خود مختياريءَ ۾. اختياري بي اختياريءَ ۾،
اعتبار اسب هسواريءَ ۾، حڪم حيدر هيٺ هلايون تا.

۳ـ سر گهر گهوريا سي گام ڪٽي، مُوتُو مري جياسي هام هٽي،
وصل وحدت ۾ وريام ٻٽي، دل فراق دوئيءَ سان لايون تا.

۴ـ مطلوب طالب تي طلب تاٽيون، اِسرار عدم اظهار آٽيون.
خود وجود اندر موجود ماٽيون، مقصود معراج ملهايون تا.

۵ـ هر صورت سان روحي رمز رلي، دل لعل محمد منجه ملي،
ڪڏهن 'دُر محمد' ڪڏهن دامن علي، ڪڏهن صفي الله سڏايون تا.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ١۴

مطلع: اسان تي عين شفقت ٿي، سخي سردار سرور کان،
رسي وئي روشني دل ۾، مٿي ماهِ منور کان.

١۔ ڦرون مخمور مستانہ، جاڳي پيا شوق شاهانہ،
پياريا يار پئمانہ، لبالب حوض ڪوثر کان.

٢۔ وظائف جي نہ درڪاري، لطائف نينهن نرواري،
دلي اذڪار ٿيا جاري، کُليو هر راز اندر کان.

٣۔ رهون مذهب نہ ملت سان، نڪو شيخي ڪرامت سان،
گذاريون پيا وصالت سان، ناهيون دم دور دلبر کان.

۴۔ ازل کان پاڪ پَنجتَن ٿيا، نہ 'دُر محمد' بنيا مٽ ٿيا،
وجي تحت الثريٰ ۾ پيا، ڦريل جي شاه حيدر کان.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ١٥

مطلع: افسوس پرين ڪي نہ پهتم، ويا وطن تياري ڪيون،
نياپا هوائين نينهن جا، ڪلم ڪانگ جي لاتيون ليون،

١- بنده علي جن جي بره، زنده ڪيون مرده دليون،
مقبول حق ڳالهيون مڙئي، ظاهر زبان جيئن پٿي چيون.

٢- دم دم ڏسن موجود هر، طالب سنديون دل جون اکيون،
مطلوب جون موجان ملن، تيون طلب ۾ نت نت نيون.

٣- سرساه ڪن عاشق فدا، محبوب جا ماٽا پَسيون،
محبت سندي ميدان ۾، جن عشق جون گويون کُيون.

٤- دم ظاهر و باطن عشاقن، عشق جون هامان هَيون،
آزاد ڪثرت کان رهي. وحدت اندر دليون ويون.

٥- دل ۾ رهيو محبوب دل، هر وقت دلداريون ڏيون،
اي ”دُر محمد“ پاڪ سان پيوست تي دليون پيون.

کلام نمبر ۱۶

مطلع: اکين کتا اقرار، ابروءَ جي اغماز سان.

۱۔ مالڪ مخفي پاڻ پسايو، نين لڳا نروار، مليو ناز نياز سان.

۲۔ شغل حسن شهباز ۾ شاغل، عشق مرغ اظهار، پيوند هر پرواز سان.

۳۔ طرح طرح جا سير پسن پيا، سوار اسب اعتبار، رنگ رنگ ۾ رنگساز سان.

۴۔ مرشد ڪل معيار ملهايا، دل ماڻيا ديدار، اهميت امتياز سان.

۵۔ 'دُر محمد' لعل بنايو، دلدل جي هسوار، اچي امر اعجاز سان.

ڪلام نمبر ١٧

مطلع: اکيون عجب جن پاڻ ۾، خود پاڻ کي پسيو اچي،
دل ۾ ملهيو درسن جڏهن، رنگ روحيت رسيو اچي.

١- دمساز مليو دوبدوِ، قرب و بُعد رد روبرو،
ملي محويت هر مُوبمو بادل بره برسيو اچي.

٢- عشاق عدم وجود ٿيو، محبوب ۾ موجود ٿيو،
ڪل معنوي مقصود ٿيو، صورت سچل سڏيو اچي.

٣- دربار وحدت ۾ وٺيو، ڳڻ عشق سان عُهدو ڳڻيو.
معشوق خود عاشق بڻيو، واهڻ وري وَسيو اچي.

٤- ثابت ثناتن جي تيهي، نت نينهن ڪن نيبھ نيهي.
پريل بحر وٹ سان ويهي، تن کي ڏين تسيو اچي.

٥- بنده علِي ماٹيو بقا، لٹن لٹن ۾ لاهوتي لقا،
تنهن سَرَ فنا دردان ڪا، قدمن سانَ گسيو اچي.

ڪلام نمبر ۱۸

مطلع: اڳيون عشق عقل کئي آزي، ٻٽي زور ٻره جي بازي.

۱. مڃ مجاز ۾ محو پتنگ ٿيا، پرت کئي پروازي.

۲. ڪُهن ساليءَ ۾ عشق ملائي، حسن جي تابش تازي.

۳. سر تي ساقي سرڪ متي تو، گهري پين ٿا غازي.

۴. ٻره ٻلي جي عاشق آهن، هَٿِينِ حيلہ سازي.

۵. راه روحي ۾ خم نہ ڏنگايون، ناه نشيب فرازي.

۶. حسن حقيقي عاشق موهيا، پهري پوش مجازي.

۷. 'دُر محمد' تي ٻنده علي کئي، بيحد ٻنده نوازي.

آمين ثم آمين.

كلام نمبر ١٩

مطلع: انگ عشق جا نہ هرگز آيا انداز ۾،
رنگ روح جا رنگارنگ، رث رنگساز ۾.

١ـ صورت سجاتي عاشق حسن حجاز ۾،
روشن رهي حقيقتِ معنيٰ مجاز ۾.

٢ـ اعتبار ماٺيو درسن آخر آغاز ۾،
نروار دل نيٺن كئي درجهِ دراز ۾.

٣ـ همراز راز كوليو، ناز ونياز ۾،
امداد عشق اعليٰ، علي نواز ۾.

٤ـ بمحويتِ محبوبيت، مجنون ممتاز ۾،
دذكار دريائي ليلہ، اُلتي آواز ۾.

٥ـ محمود محوه رهيو، از خود اياز ۾،
مصداق 'دُر محمد' علي اعجاز ۾.

کلام نمبر ۲۰

مطلع: انوار دو ابرو کليو، عاشق علي حيدر ٿيو،
معراج جسماني مليو، داخل بَدل دلبر ٿيو.

١۔ معشوق حد معياد ۾، عاشق رهيو امداد ۾،
آگهہ نہ استعداد ۾، از عشق خود اظهر ٿيو.

٢۔ غالب مجن مغلوبيت، ٿيو مالڪِ محبوبيت،
طالب ماٿي مطلوبيت، درطلب وڏ ويتر ٿيو.

٣۔ محفل محمد شبقدر، ساقي علي جامِ جبر،
معراج دل ڪربل اندر، حر جو مثل قنبر ٿيو.

۴۔ نظريو نفي اثبات سان، شامل پتنگ شعلات سان.
همذاتِ رهيو ذات سان، مخبر اندر خيبر ٿيو.

٥۔ ستار عِرفِ عارفين، سردار بيسر مومنين،
مهدار دُرِ محمدؐ مبين، مختيار هر مظهر ٿيو.

کلام نمبر ۲۱

مطلع: انور آغاز مليو، انجام عشق ۾،
نينن کئي نوازش، انعام عشق ۾.

۱۔ خوبن جا خاص خادم نازو نياز ناظم،
الزام عام لازم، احرام عشق ۾.

۲۔ پلڪار پيار پل پل، مرڪز مدار هلچل،
تِر ڪيا تمام توصل، هڪ مام عشق ۾.

۳۔ لاهوت لامڪاني، منزل دراز داني،
گهر جي ٿي پهلواني، هر گام عشق ۾.

۴۔ دامن عليءَ ۾ درسن، ماڻن ملنگ روشن،
گل ڦل گلاب گلشن، دُر نام عشق ۾.

ڪلام نمبر ۲۲

مطلع: اوچتو اکيون اڙيون محبوب بيپرواه سان،
سُونهن سهڻي جي ڏسي سجده ڪيم سر ساه سان.

۱۔ در عجب نرگس ٿيو محبوب جون نينان ڏسي،
لب پسي مرجان لال مست ٿيا ساراه سان.

۲۔ ناز غمزه يار جا سرتي سهڻ پيڙا ضرور،
ڇا حجت سگهندو هلي بنجي سپاهي شاه سان.

۳۔ شال منهنجو خيال غالب ٿئي اماره نفس تي،
يا علي رهبر ٿيو مونجهو نہ ٿيان هن راه سان.

۴۔ انتظاري دل ويچاري تي ڪري هڪ ڳالھ لئي،
دُر محمدؐ دم سچو دائم رهي دلخواه سان.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٢٣

مطلع: اوهان جي عشق عاشق کي گهمايو هي مڪان آهي،
نباهيو نينهن پنهنجي سان جيئن آندو اوهان آهي.

١. نحن اقرب نياپي سان في انفسڪم فڪر فائق،
ٻڌڻ جو ذڪر ٻن پيرو، لٿي دِل ديد سان آهي.

٢. ڪري لڪ چپ چپو چو تا، سگهو ظاهر ٿيو سهٽا،
پسايو پاڪ رخ پاٽهي. عاشق دردر دَوان آهي.

٣. ڪري ٿو ڪونہ هٽ هرگز، هيٺيءَ دل سان همدردي،
اوهان بن هِن وَسنوَ ڪان وڏ، وٺيو ويتر ويران آهي.

۴. محو دل 'دُر محمد' ٿئي، پسايو حسن هڪواري،
ملايو بره باطن ۾، اوهان اڳيان عيان آهي.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ۲۴

آهي من ۾ ائين ممتاز مليل،
شهباز سان جيئن پرواز مليل.

مطلع: هر ملنگ ۾ شه مردان مليو، مصداق شمع پروان مليو،
جسمڪ جسمي جو فرمان مليو، داخل دل ۾ تيو دمساز مليل

۱۔ امر عشق عاشق مامور ڪيا، يڪ نظر نينن منظور ڪيا،
محبت محبوبي مخمور ڪيا، نشو نبيه نينهن نواز مليل.

۲۔ رفتار روحي هسوار حسن، گفتار زبان اختيار حسن،
ديدار ديدان اخبار حسن، ڪليو راز نياز و ناز مليل.

۳۔ هر وجود اندر موجود هڪو، اولي عبد اندر معبود لڪو،
ضايع ضرر تيو ثابت سود سڪو، العقل نوراً امتياز مليل.

۴۔ بخشيو بنده علي اعجاز دلي، رنگ و بيرنگ گڏ رنگساز دلي،
'دُر محمد' سوزگداز دلي، هر ساز سان جيئن آواز مليل.

۵۔

كلام نمبر ۲۵

مطلع: آهي من ۾ ائين مهتاب مليل، جيئن آب سان آه حباب مليل،

۱۔ كيا نينن ناز نياز اڳيان، گهايا غازي ابرو اغماز اڳيان.
لقم لحم حسن شهباز اڳيان، مرغ عشق جو قلبي كباب مليل.

۲۔ دڙكا دلبر جا ميناج دلي، ملهيا دم دم ۾ معراج دلي،
دخل درد اندر اخراج دلي، رزق روحي ريءَ حساب مليل.

۳۔ قدمين كول مرشد مهدار كيو، پنهنجي اكين ۾ اظهار كيو،
دل عاشق جي اعتبار كيو، ڏسي خاص الخاص خطاب مليل.

۴۔ رليو روح جڏهن جسمات اندر، مورت محفل كئي محلات اندر،
صورت ذات سمائي صفات اندر، حسنِ حال خيال و خواب مليل.

۵۔ بابنده علي بر حال مليو، دردان محمد لعل مليو،
معدوم فراقِ وصال مليو، شامل شاه شهيدان شتاب مليل.

کلام نمبر ۲۶

مطلع: آهن حوالي يار جي برحق ڪُلئي ڪم ڪاريون،
جام جلالت جو ڏِکي هر حال تا گڏ گھاريون.

۱۔ مولئ علي جي امر سان آهن مليل اختياريون،
پيالا طهورا دمبدم پيا تا پيون ۽ پياريون.

۲۔ ناز و نيازِ راز ۾ هرٽئي گرم گفتاريون،
هر ڪيل بنيل ميل سان ڪُليون بره بازاريون.

۳۔ اعتبار معنئ دل مليو صورت ڏنيون ڏيکاريون،
نظران سيئي نذر ۾ منظور ناظر واريون.

۴۔ بنده علي جي عشق جون دردان ڪي دلداريون،
خود خيال ۾ تئي خود قتل دل ياد ڳالهيون ڏياريون.

ڪلام نمبر ٢٧

مطلع: آهيون پيش مرشد جي پيا، ڳوليون نہ در ٻيا ٻيا.

١ـ صورت آدم معنيٰ الله، علي يدالله علي الا الله وهم وچون سڀ ويا.

٢ـ ثم وجہ الله مام موچاري، والله مُعَڪُم بره بهاري روز پايون ويٺا ليا.

٣ـ عشق زهر مان شربت ٿيڙا، موليٰ علي جي محبت ڪيڙا روشن دل جا ڏيا.

۴ـ بيرنگ مان رنگ شوق اصل جو، درد فراقي ذوق وصل جو سدا رهون خوش ڪيا.

٥ـ باغ بره جو بنده علي آ، 'دُر محمد' مند يلي آ ميوه عجائب ٿيا.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٨

مطلع: اي رفيقا خيال منهنجو ناه يڪجا ڇا ڪيان،
پور پرين جا پون ٿادل اندر دم دم نوان.

١. ناز نينڻن جا ڏسي، داناءَ دل ٿي بيوسي،
حسن جي جلوه جلايو، ساه سارو باه جان.

٢. يار جي نازڪ نظر، دل کي ڪيو شوقن شڪار،
بيخبر جهنگ جهر ڦران، فرياد هيءَ ڪنهن کي ڏيان.

٣. ڪين ٿي وسري ڪڏهن، محبوب جي صورت عجيب،
ويڇهڙائي يار جي، ويتر وڌائي سڪ عيان.

٤. بيوفا دنيا اندر، ياٽيان نہ ساعت ڪا سُکي،
دم اهو برحق ڀلو، رهجي اچي جو يار سان.

٥. 'دُر محمد' ڳالهه دل جي، آ گهٽي پر ڪر قطع،
حال ياٽي ناه ڪو، ڪنهن سان قصو سارو سليان.

ڪلام نمبر ٢٩

مطلع: آيو پيارل گهر ۾ پيهي، پتنگ مثل پچايو يار.

١۔ عين الستي پرين پسايا، درسن ماڻيو ديهي محبت مچ مچايو يار.

٢۔ ناظر ڏي منظور نهاريو، نحن اقرب نيهي نظرنينهن نچايو يار.

٣۔ دم جسم ڪان اسم علحده، ڏينهن سان ٽيو ڏيهي بيرنگ رنگ رچايو يار.

۴۔ من مشتاق جو موهي موهن، دل ۾ رهيو ويهي اڪين ساڻ اُچايو يار.

٥۔ بنده علي ۾ دردان رل مل، آه حقيقت ايهي رهبر راز رچايو يار.

ڪلام نمبر ٣٠

مطلع: اي دل صحيح ڪر يار جا، ناز عجب نوان نوان،
خود عشق عاشق جي مٿان رکيا رکب نوان نوان.

١۔ هڪ دم منجهان آدم ٿيو، آدم منجهان آئي حوا،
ٿيا هڪ اسم جا لک جسم، جڙيا نسب نوان نوان.

٢۔ مطلوب هڪ طالب لکين، هرهڪ طلب ۾ ٿيو جدا،
مجذوب دَم جاذب ڪيا، ٿيڙا جذب نوان نوان.

٣۔ شفقت شهنشه جي بنان، ڪوشش نه هرگز ڪارگر،
راضي رهي بنجن تڏهن، سوَ سو سبب نوان نوان.

۴۔ دل 'دُر محمد' پاڪ در دامن علي پيوند ڪئي،
دم محويت محبوب مان آيا ادب نوان نوان.

ڪلام نمبر ۳۱

مطلع: بازي بره غازي ڪٿن، پيا پرت پڙ ۾ سر ڏيئي،
افسوس سا بازي نہ سڪيم، زندگي گذري ويئي.

۱۔ راند ڪوڙيءَ ۾ رانيوتا، ڏئي اٿاريان ٿو رئي،
جِڪتاڻ ۾ ڦاٿي پيا، شلوار جا پاچا ٻئي.

۲۔ گيڙو ٻڌي صوفي بنيم، ڪامل ڪوٺايم پاڻ چئي،
ٻگوليان گهٽين ۾ پيو گهٽا، پر نينهن جو ناٿيم نشئي.

۳۔ امر و ادب عجز و حيا حق، هٿ ڪجن پرتوِن پنجئي،
حرض و حسد بدظن رهڻ، ڇڏ منجھ لعنت اهن ٿئي.

۴۔ هر هر وضو ڪيم هٿ اچا، پر دل اڃي مون ڪانہ ڪئي.
روزا نمازان حج پڙهيم، ڪل يار پرچڻ جي نہ پئي.

۵۔ موليٰ علي معافي ملي، جيڪا خطا غلطي ٿئي،
بنده علي سان دُرِ محمد، جو نباهيو نينهن نئي.

کلام نمبر ۳۲

مطلع: برقع سیه م لعل رخ پوري کئي تازي طلب،
پیکان سان دلڙي کئي آهو چشم باهو ضرب.

۱۔ یک رنگ رتا همراز هڙ، شهباز کیا شاه عرب،
من عرف بنیو مطمئن خود خیال بر تختِ قلب.

۲۔ موج محبتِ محویت، مجذوب ماڻن در جذب.
در معرفت ممکن صبر، سالک صاحب هر سبب.

۳۔ بنده علي جي باغ مان، میوات ملیا منتخب،
خوشدل خنده همدل هڙئي، مخمور بنده مُتعصِب.

۴۔ در دل علي اصغر ڏنم، حاصل کیم کامِ قرب.
اعجاز دُرِ محمد امین، قائم لکن عجزو ادب.

ڪلام نمبر ۳۳

مطلع: بره بيرنگ برقرار، پيو ميون دليون جياري

۱۔ چارئي اکيون اتکيون جڏهن. درسن مليو اندر ديدار
ابرو اشاري روح ڦوڪيو. شھ حسن ڪئي دل شڪار
من موهيو نازڪ نظاري.

۲۔ اربَع عناصر کان الڳ، اسم و جسم کان خيال ڏار،
محبوبيت جي محويت ۾، عرش لنگهيا آشڪار
عشق ٿو عاشق اُڏاري.

۳۔ اعتبار جي بازار ۾، سورهيه سرن جو ڪن واپار
موتو قبل جيرا شهيدن، سان شامل ليل و نهار،
جن کي ساقي سرڪ پياري.

۴۔ مضمون محبت جو ڪندا، قاضي ملان ڪهڙو ويچار؟
لڳو نينهن جو نعرو جتي، پِڳو عقل رهيو مٽ نہ يار
عشق ورتام دَمَ اجاري.

۵۔ بنده علي جي عشق جو اڳ، ازل کان آ اختيار
دُرِ محمدؐ دمبدم، آه تنهن امر جو تابِعيدار
خود اٿاري خود ويهاري.

ڪلام نمبر ٣٤

مطلع: بقا باالله ڪئين ٿيندو، جيڪو لا سان لڙيو ناهي،
امر من عرف ۾ عاشق، نفي اثبات ٿيو ناهي.

١ـ خدا جو ٿئي خدا خود ڪو، جڏي خود خود ٿيڻ چاهي،
شهادت ۾ شامل شائق، شهيدان شاه ٿو گاهي.

٢ـ آيو منجھ امتحان نفسي، ڪشش روحي ڪديو ڪاهي،
محو معشوق عاشق ۾. ڪري ٿو عشق جيئن چاهي.

٣ـ انا احمد بلا ميمي، ڏسيو آ ڏانءُ خود ڏاهي،
اناالحق چئي اياڻن ۾، سياڻا سَوَ چڙهيا ڦاهي.

۴ـ ڪري خود ترڪ 'دُر محمد' پنهنجي اختيار ڪي ڊاهي،
بره بنده علي بيرنگ، آيو هر رنگ حسن ناهي.

ڪلام نمبر ۳۵

مطلع: بوند بره جي دل برسائي، ابرِ عشق ملهار مچايو.

۱ـ بوند بره سان ڀُڳل ڀڳل ٿيا، اُجريا اگهڙ وئي ڪُل ڪسائي
سبز سڪل برسات بچايو.

۲ـ قلب قرار ۾ آيو برحق، روح خيال جي ڪئي رسائي
عشق حسن هر رنگ رچايو.

۳ـ فثم وجہ الله ڳايون پيا، معنيٰ صورت يار پسائي
ناز نياز ۾ نينهن نچايو.

۴ـ بنده علي ٿيو اندر اوطاقي، 'دُر محمد' دل وسائي
باغ بقا هڪ پِڪ پچايو.

ڪلام نمبر ٣٦

مطلع: بيخود ٿيو خود خيال، ديدن جي ديدار ۾.

١ـ درسن دوست وجود وساريو، عدم امر اعمال.

٢ـ حسن جمال جلال ملايو، ڪرم ڪريم ڪمال.

٣ـ شاه حسن جي حڪم موجب، پوري ٿي پرتال.

۴ـ عشق عاشق معشوق هڪ، همدم ٿيا هر حال.

٥ـ اسم اعجاز سان جذب جسم ۾، دائم ٿيا دُر لعل.

ڪلام نمبر ٣٧

مطلع: بيخود خوديءَ جي خود خبر، دل مان وڃان دل ۾ ڏيان،
معشوق عاشق ۾ محو، هڪ عشق ٿيو آهي عيان.

١ـ اعليٰ مراتب عرش جا، بخشا بره سڀ فرش تي،
ماضي قبل همحال ٿيو، هر حال ۾ از خود عيان.

٢ـ عاشق آهن منهنجا مڙئي، معشوق آهيان عشق جو،
صورت محمد ظاهري، معنيٰ علي باطن بيان.

٣ـ پنهنجو سڄاڻي پاڻ ۾، ماڻين قلب موجودگي.
مرشد مهربانيون ڪيون، قربان قدمن تان ٿيان.

٤ـ خود خيال پاليو خيال ڪي، جاليو جسم ڪان دم جدا،
ريءَ دم گهمان ريءَ دم سمهان ريءَ دم مران ريءَ دم جيان.

٥ـ دل 'دُرِ محمد' لعل ڪئي شامل شهيدان شاهه سان،
هر دم هٿان حيدر علي، پيالا طهورا پيو پيان.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٣٨

مطلع: بيرنگ بره باطن رهيو، رنگ ساڻ اچ اظهار ۾،
موجود سان معدوم جو،اقرار گم انڪار ۾.

١۔ بيسر بنيو سردار تي، مِليو حسن سردار ۾،
معشوق عاشق ۾ محو، هڪ عشق خود اختيار ۾.

٢۔ پروان شمع جان مرد جليا، حسن جي جهلڪار ۾،
عاقل رهيا عاجز ڏسڻ ڪان، عشق جي اخبار ۾.

٣۔ درسن مليو ديدار ۾، گفتار ۾ رفتار ۾،
ناظر ڪيو منظور نينن، يڪ نظر نروار ۾.

۴۔ خالق خُلق مخلوق سان، تيو خلق هر اطوار ۾،
هر هار سان هڪ جيت جو، پيو هار خلقٿهار ۾.

٥۔ بنده علي اعجاز تيو، آواز سان اعتبار ۾،
دامن علي سان دُرِ محمد، پيوَ پلوَ پينار ۾.

ڪلام نمبر ٣٩

مطلع: ٻڌ پيارل ٻاجھ سان تون ھي بيان،
جگر جليو آه فرقت تنھنجي ڪان.

١ـ ڪونہ ٻانئيان تو سوا ٻيو خير خواه،
بي وفا ٿي ويو سمورو ھي جھان.

٢ـ ديد دھشت سان ڪسي دل دلربا،
بي دليو ٿي خوش دنيا ۾ ڪيئن رھان

٣ـ مام محبت ڪان نہ آگھ عام دل،
دوست ٻڌجي صبح دشمن شام سان.

٤ـ 'دُر محمد' دم صبر سان پيو گذار،
خيال سان ڏس آه عبرت جو مڪان.

کلام نمبر ۴۰

مطلع: تجليٰ ياد اکين کي سدا ماهِ منوّر جا،
آهن دل ۾ بنيل نقش نظاره نَاز پرور جا.

١ـ چگيون چشمن سنديون چاليون، نٽيون وسرن منيون ڳالهيون،
ملي من يار گڏ جاليون اوريان احوال اندر جا.

٢ـ جذب دل کي محبت جو، گذاريان دم نہ فرحت جو،
ڳولو سهڻي جي صورت جو، کيم ديدار هر گهر جا.

٣ـ جدا ٿيو دلربا جاکون، سنم طعنا تڏهن لاکون،
سمائي سک سرس تاکون، پوَن پيا پور دلبر جا.

۴ـ ٿي 'دُر محمد' نہ دلخستہ، پرين تو ساڻ پيوستہ،
ڏسي ٿوحال سربستہ، کندو دک دور احقر جا.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٤١

مطلع: ترارن ڪان تکيون آهن، نگاهون ناز وارن جون،
پري ڪان ڪئين نٿيون گهائن، دليون دردن ويچارن جون.

١ـ ٻولن سهٽا غمازن سان، تلن تا تور نازن سان،
ڏسن رمزن جي رازن سان، ڪٽي نينان نظارن جون.

٢ـ حسن جي فوج جو حملہ، سدا غالب عشاقن تي،
ڏسي اکيون منجهن متيون، پڙهيل تحصيلدارن جون.

٣ـ عشاقن کي عجيبن لئي، سَوين سختيون پيون سهٽيون،
آهن خبران نہ عامن کي، بره جي بند بارن جون.

٤ـ اسان جي آه زاريءَ جو، عجيبن تي اثر ڪونهي،
وجد ۾ پيو ٻڌي آهون، خدا خود بيقرارن جون.

٥ـ سُجهي تو ڪونہ 'دُر محمد'، دنيا ۾ حال يائي ڪو،
ڪيان ڪنهن سان ڳجهيون ڳالهيون، پنهنجي يارن پيارن جون.

شعر نمبر ۴۲

مطلع: تقدير جي معنيٰ اندر موجود باتصوير تون،
تصوير ۾ ٻئي ضد ملائي پيو ڪرين تدبير تون.

١ـ بيچون ٻهانءِ باطني ظاهر لَڪين تحرير تون،
احمد سڏائي پيو ڪرين توحيد جي تقرير تون.

٢ـ مطلوب مان طالب ٿئين چئي طلب جا تفسير تون،
نقط نفي اثبات ٿيو ثابت پيرن جو پير تون.

٣ـ حسن و قبح تنهنجي سڃاڻپ صاحبِ توقير تون،
اي هر صفت موصوف ملنل آ مثل ڪنڊ ڪير تون.

۴ـ خود خيال سان دل جا محل تُرتون ڪرين تعمير تون،
بيخود خوديءَ جي خواب سان بيدار ۾ تعبير تون.

٥ـ نروار نوشهري اندر پُر فيض شاه نصير تون،
پرتل اٿئي لشڪر فقر ڪر معاف هر تقصير تون.

٦ـ علم اليقين قائم ڪري، بنٿين غلام شبير تون،
عين اليقين حق اليقين خود 'دُر محمد' مير تون.

ڪلام نمبر ۴۳

مطلع: تنهنجي زلف جي ڦاهيءَ ۾ ڦاٿل سڀ شاهه گدا سلطان مٺا،
تنهنجي چاهِ ذنخ جي پاٽيءَ لئي، خواهان عاشق عطشان مٺا.

١ـ تنهنجي صورت سهڻي سياست سان، تنهنجا نين لعلاڻ نزاڪت سان،
تنهنجا لشڪر شير شجاعت سان، جوڙي جنگ ڪُهن جوڌا جوان مٺا.

٢ـ تنهنجي مُرڪ موهيندڙ خاص ڪِلڻ، قدم قرب وارا عجب ٽور ٽلڻ،
اڱڻ عاشق جي اچي يار ملڻ، آهي شائق لئي وڏو شان مٺا.

٣ـ ڪيڏا ناز غماز جا خيال ڪيئي، پنهنجا شيرين لب ڪنين لعل ڪيئي،
بوسي ڪاڻ باقا بيحال ڪيئي، چوُطرف ڦرن حيران مٺا.

۴ـ توتان شمس و قمر قربان ٿيا، صد بار صدق انسان ٿيا،
ڏسي سالڪ سڀ مستان ٿيا، ٿيو 'در محمد' ديوان مٺا.

برحق

ڪلام نمبر ۴۴

مطلع: تنهنجي چشمن ڪيو چڪچور
حسن پسائي آتش لائي چو ٺئين دلبر دور.

١ـ مام انهيءَ کان عام نہ آگھ، سنجريو کهڙو سور،
راز روحاني رند پسن، تنهنجي رمز ڪيو رنجور.

٢ـ سانگ سيئي ستي ڏنم، تنهنجي محبت پانيم مور،
نينهن نباهَڻ تنهنجي حوالي، مون کي ڇا مقدور.

٣ـ روز ازل ۾ روح سان ڪيڙئي، محبت جو مذڪور،
طلب نہ حورو غلمان جي، تنهنجو حاصل ٿئي حضور.

۴ـ عشق اچانڪ نظر حسن ڪئي، ناظر ٿيو منظور،
نينهن نشي ۾ خيال خماريو، ويو سڀ غير غُرور.

٥ـ پوش مجازي حقيقت پهريو، دلبر جو دستور،
جنهين سچاتو صورت سان، سي معنيٰ ۾ مشهور.

٦ـ شاہ صفيؔ الله ملايو، نوراً اعليٰ نور،
دُر محمد بنده علي جي، بره ڪيو پرپور.

آمين ثم آمين

كلام نمبر ۴۵

مطلع: تون ڏسين تو، تون ڏسجين تو، تون ٻُڌين تو تُنهنجي مقال.

١ـ تنهنجي معنيٰ تنهنجي صورت، توکي موهيو تنهنجي مورت
تنهنجو فرق فراق وصال.

٢ـ غالب تون مغلوب بہ، تون آن، طالب تون مطلوب بہ تون آن
توکي تنهنجي طلب ڪمال.

٣ـ آمر تون مامور بہ تون آن، ظاهر تون مستور بہ تون آن
تُون قبح تُون حسن جمال.

۴ـ هست تون آن هيچ بہ تُون آن، تون پليئر ميچ بن تُون آن
تُون گرائونڊ تون فوٽ بال.

۵ـ هر رنگ تُون آن هر قسم تُون، روح بہ تُون آن هر جسم تون
تُون آن ”دُر محمد“ لعل.

کلام نمبر ۴٦

مطلع: پر رمز هر رنگ راز سان، آهي ناز وجہ الله جو،
پرده مجازيءَ ۾ حقيقي، حڪم يد الله جو.

١۔ ابرو ڪمانا تير مزگان، سحر عبرت گاه جو،
ظاهر بدن ۾ تيا نہ ڦٽ، دل ۾ ڳجها ڏک واه جو.

٢۔ موتو قبل مردن کي ڪهڙو، خوف خلق الله جو،
غازي گهريا بازر بره، سودو ڪيائون سر ساه جو.

٣۔ موليٰ علي جو ورد اوجر، آه روحي راه جو،
روباه نفسي ڪٿين رهي، جت رهڻ اسد الله جو.

۴۔ بنده علي جي عشق سان، پڙه سبق صفي الله جو،
دُر محمدؐ لا لنگهي ڏس، اوج اِلا الله جو.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ۴٧

مطلع: پسي تاب حسن مهتاب، عجز آفتاب ڪيا.

١ـ محل موهن هرهڪ عاشق، ماٿي خاص خطاب
ادا آداب ڪيا.

٢ـ هڪ نظرهڙ خيال خماريا، پياري شوق شراب
ساقي سيراب ڪيا.

٣ـ رند رتا بيرنگ جي رنگ ۾، ڪولي ناٺ نقاب
شائق شاداب ڪيا.

۴ـ مرغ مُقيد دل درديءَ جا، از خود عشق عقاب
هضم بي حساب ڪيا.

٥ـ بنده علي سان 'دُر محمد'، عشق سندا ارباب
طالب بوتراب ڪيا.

ڪلام نمبر٤٨

مطلع: پڳان چارئي رنگا رنگي شاه شاهان سَر سُونهن،
اراده بن نوان نقشا ملايا مام ۾ موهن.

١۔ جدا جذوات مان ڪُل ٿيا، ڪي گل ڪي باغ بلبل ٿيا،
ذم هسوار دلدل ٿيا، ماٿيون موجان رندي روحن.

٢۔ پسي طالب پنهنجي صورت، سڃاڻن معنوي مورت،
شمع ۾ ڪن پتنگ پورت، مچايا مچ ڏُکي ڏُونهن.

٣۔ حسن فوجان فالم تيزيون، عشاقن تي غالب پيڙيون،
نظر نيڻن لٽيون دلڙيون، جهٽيون جلوه نما جُوهڻ.

٤۔ ڪپيو ڪئنچي نفي ڪينہ، ڪليون اثبات سر سينہ،
صفا ٿيو اصل آئينہ، نسنگ ڪيڙو نفل نُوحن.

٥۔ صورت معنيٰ سڃاڻن ڪي، ماڻڪ در لعل محمد جي،
سيتل دامن علي سان سي، چِٽا چڪ تاڻ ڪان ڏُوهڻ.

کلام نمبر ۴۹

مطلع: پلپل ۾ نوان پرواز، حسن شهباز ڪيا.

۱۔ نيٽن ناز نياز ملايو، ابروءَ جي اغماز روحي راز ڪيا.

۲۔ ازل ابد جو سر سجاتو، دم انجام دراز اندر آغاز ڪيا.

۳۔ طالب مولا تارڪ تجمل، مرئي شغل مجاز حقي همساز ڪيا.

۴۔ مُنهن معشوق تي سَوَ سَوَ سجدا، نيتي عشق نماز عاشق آواز ڪيا.

۵۔ دُر محمدؑ مهدي مليو، برحق بي انداز علي اعجاز ڪيا.

ڪلام نمبر ٥٠

مطلع: پسي مرشد جي تصوير، آيت تطهير چوان.

١۔ عشق صورت جو حسن آئينہ، سمجهي فقر فقير،
معنيٰ تفسير چوان.

٢۔ وَهُوَ مُعَڪُم حاضر ناظر، مصحف جي تحرير،
ترت تقرير چوان.

٣۔ الله الذي امر غالب ٿيو، ظاهر هر تدبير،
باطن تقدير چوان.

۴۔ دارون درد جو خود درد ٿيو، عشق اعليٰ اڪسير،
بلند تاثير چوان.

٥۔ محبت مرڪب سوار صبر آ، حب الوطن جي اُڪير،
دلي تعمير چوان.

٦۔ هڪ بازيگر ڪيل رنگارنگ، ڪيئي ساه سڌير،
ڪيئي دلگير چوان.

٧۔ دامن عليءَ ۾ دليون ميليون 'دُر محمد' مير،
مثل ڪنڌ ڪير چوان.

ڪلام نمبر ٥١

مطلع: پلپل پوي تو پُور دل ۾ دل گهرئي دلدار جو،
اکين کي آ ارادہ، محبوب جي ديدارجو.

١ـ پيارل پرينءَ جو پور پيو، بن يار ساجن سور ٿيو،
شھ حسن ريءَ ڪندو نہ ٻيو، دارون بره بيمار جو.

٢ـ آتش بره ٻرڪي مچي، پروان جان دل پئي پچي،
جيڪر ڪيان ساري سچي، ٿئي هوش گم هوشيار جو.

٣ـ جانب جدا ٿيو قرب ڏئي، بيوس فراق دل ڪئي،
سُڌ زهد تقويٰ جي وئي هڪ ياد نالو يار جو.

٤ـ ناهين 'دُر محمد' دور تون، محبوب وٽ منظور تون،
ٻي جام ٿي مخمور تون، حق حيدر ڪرار جو.

كلام نمبر ٥٢

وصال نامه قبله بنده علي سائين

مطلع: پنهنجي ديس رهيئو دلخواه سجڻ، ڇا ڪان ڇڏيوَ وِلهي بيواه سجڻ.

١ـ پَنجپاڪ جي برڪت بنده علي، ڪيو اوج اوهان وٽ عارف ولي،
ظاهر باطن مَرڪو مرد ڀلي، ماڻيو بره بقا بالله سجڻ.

٢ـ ڏسيو راھ هدا با مهر و وفا، تلقين توحيد ڪيا قلب صفا،
سڪ وارن ماڻيا نيهن نفعا، ڀاريا عشق اندر آڙاه سجڻ.

٣ـ ڪيوَ ناظر ڪي منظور نظر، آهيو شامل برتر شهر و بحر،
موجود مدامي قلب اندر، ڏِنو نرت نرالي نگاه سجڻ.

٤ـ دمر مجاز منجهان آزاد ڪيوَ، دل حقيقت سان آباد ڪيوَ،
رنگ و بيرنگ ۾ امداد ڪيوَ، رکو عشق پنهنجي ۾ آگاه سجڻ.

٥ـ 'دُر محمد' سان پيوست ڪيو، برحال انجام الست ڪيو،
هڙئي دوست دلي در دست ڪيو، هجو هرهڪ سان همراه سجڻ.

آمين ثمر آمين.

ڪلام نمبر ٥٣

مطلع: پنهنجي سر سلطان، پاڻ سان ناز نياز ڪرين تو.

١- تنهنجي معنيٰ، تنهنجي صورت، توکي موهيو تنهنجي مورت،
اڳ عدم ڪان عيان، منجهه وجود غماز ڪرين تو.

٢- ڪُل منجهان جزواتِ قسم ٿيا، قسم قسم جا جسم اسم ٿيا،
ساڳي سر سبحان، علحده آواز ڪرين تو.

٣- ملڪ موجودگي قرب قديمي، انا احمد بِلا ميمي،
شان شاه شاهان، بنده بنده نواز ڪرين تو.

٤- ڪرب و بلا ۾ عشق جون عيدان، شوق منجهان ڪيون شاه شهيدان،
قربؤن تي قربان، نياز مندن سان ناز ڪرين تو.

٥- عاشق حيران حسن طلب ۾، محو معشوق عاشق جي قلب ۾،
شمع ٿيا پروان، عشق عجب اعجاز ڪرين تو.

٦- عشق حسن آغاز ۾ آيا، عهد ميثاق انجام رسايا،
فرمانِ فرقان، محقق اندر مجاز ڪرين تو.

٧- تير نظرن جا مارڻ جيارڻ، ڏڪ ڏڪ سان نئين عمر ڏيارڻ،
مُرغانِ مستان، شوق شڪار شهباز ڪرين تو

٨- لعل محمد لعل رچائيي، نظر نيڻن سان خيال نچائيي،
شائق شاه مردان محبت ۾ ممتاز ڪرين تو.

٩- دامن علي سان نپيا نيهي، عشق اعجاز علي دل ريهي،
بنده علي احسان، چؤطرف چوباز ڪرين تو.

١٠- شاه نصير سان شامل دائم، 'دُر محمد' دائم قائم.
نوشهره نيشان، روِشن روِحي راز ڪرين تو.
آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٥٤

طرح از طرف: جهوڪ شريف سجاده نشين ستار غفار پاڪ.
بعمرفت نظر علي فقير گل قل.

مطلع: پهريون وڃائي پاڻ، پوءِ سڃاڻج پاڻ تون.

١- پاڻ وڃائي پاڻ ۾ روڙج، دنگ دوئي جا ٽپ ڏيئي ٽوڙج،
وحدت سان دل واڻ، پاڻ مٿان پڪ آڻ تون.

٢- سِر ستار سان ميل سگهو ٿي، ساڳي صورت عشق اڇهو ٿي،
پر تون پرکج پاڻ، عاشق جو اهڃاڻ تون.

٣- هل ساقي ڏي سڪ مان سرڪي، جام وحدت جو ڏيندو مُرڪي،
سُرڪي پهرينءَ ساڻ، ماڻ موجان مهراڻ تون.

۴- وصل محبوب باطن بيخبري، درد فراق ظاهر بيصبري،
پاڻ ۾ پاڻ سان جاڻ. طرف تڪين چاڪاڻ تون.

٥- ميل معنيٰ صورت روحاني، اسم اندر گم دم جسماني،
ووڙي وره وٿاڻ، ڪرڪا ريجھ رهاڻ تون.

٦- هر رنگ يار جو رنگ هڪوئي، اندرباهر ساڳيو سوئي،
ترڪ عقل جي تاڻ، عشق جي مچ آڻ تون.

٧ـ نحن اقرب فائق فرمانِ، في انفسڪم شمع پروان،
محويت دم ماڻ، ڪر وصل واڪاڻ تون.

٨ـ نينهن نظر علي نيبه ناظر، شاه نصير سان همدم حاضر،
موجوداتي ماڻ، آه تو ساڻ سجاڻ تون.

٩ـ خير محمد خوش جهنڊهِ علي سان، 'دُر محمد' گڏ بنده علي سان،
قرب علي جي ڪاڻ، ڪامن جي ڪڍ ڪاڻ تون.

ڪلام نمبر ۵۵

مطلع: پهريون پائي ليو، پوءِ ڇاڪئون ڇپڻ، اها ريت سهڻا گهرجي نہ مڪڻ.

۱۔ جڏهن حسن تنهنجي جي ڏٺم تجلي، ويئي قيل و مقال خفي و جلي،
وڃي رمز سهڻا تو ساڻ رلي، ڪوئي ڪونہ سجهي سواءِ تنهنجي سڄڻ.

۲۔ تنهنجي عشق ڪان اکڙين آب ڪوليو، هر رگ جسم جي رباب ڪوليو،
جوڏئون آءُ جانب تون نقاب ڪوليو، ٿئي سورن جو تو ساڻ سلڻ.

۳۔ ڇڏي عيش خوشي آرام ويو، خوراڪ خورش هر طعام ويو،
سڀ ننگ ناموس و نام ويو، رڳو سرتي طعنا تنهنجا سهڻ.

۴۔ نندي لاڪون تو سان نينهن لاتم، سامهون سور ٿيا اڳ ڪين ڄاتم،
تب سڪ ۾ زياده پير پاتم، ڏيئي دلڙي پوءِ آ محال پلڻ.

۵۔ آهي هر دم ساه ڪي تنهنجي طلب، پايان ڪونہ قرار تڪاءُ قلب،
پرين پهچ جائي آئي جان بہ لب، سائي ٿيءُ سگهو نہ تہ ناهي بچڻ.

۶۔ جاڳيو آهي جگر منجهہ جوش اڇي، هن سڪ ۾ صبر نٿو هوش اچي،
پاءِ 'دُر محمد' ڪي آغوش اچي، وڃي لوڻءُ لوڻءُ جو هي سارو لڇڻ.

ڪلام نمبر ٥٦

مطلع: پهچ پرين جي پار، چال چوها پرچر نہ چانگا.

۱۔ واٽ وندر جا وٽيون هل ويرا، پوسل ۾ جهل پختا پيرا،
هلندي هيٺ نهار، پل ۾ پڄ ڪلم ڪهي ويا ڪانگا.

۲۔ جهتيا شهباز مرغ مستانہ، نينهن نوازيا شينهن شهانہ،
جوڳي منجھ جنسار، نانگن ساڻ نباهن نانگا.

۳۔ وحدت ويڙها وٺوڙن ويهي، پڙهن نماز نياز جي نيهي،
نازن سان نروار، حج حسن ڪن برھ جا بانگا.

۴۔ من ۾ معنوي مورت ماٽن، صورت پنهنجي پاڻ سڃاڻن،
اثباتي اعتبار، لنگهيا امالڪ لاجا لانگها.

۵۔ مست ڪيو 'دُر محمد' مالڪ، سُرڪ سيد هٿان پيتي سالڪ،
ماٽيا خيال خمار، مفتي مليا مال مهانگا.

ڪلام نمبر ٥٧

مطلع: پنهنجو پاڻ ۾ منهن متيون تا، چشمن اندر چپ چٽيون تا.

١ـ ناز نياز نيٽڻ سان پنهنجا، گهائن دل غمزن سان پنهنجا
ٻڌن پٽيون قتيل قتيون تا.

٢ـ ساڻ سجائي پاڻ تياسي، جاڻ ڏسي اٽجاڻ تياسي
پنهنجو قبضو خود پٽيون تا.

٣ـ ترڪ وجودي ترڪ ڏياريو، دستؤن ساقي سُرڪ پياريو
گهمون نجف جون نشئي گهٽيون تا.

٤ـ حج نمازان ذڪر ذاتيءَ ۾، فتح جا سجدا فڪر ذاتيءَ ۾،
سر سردار سامهون سٽيون تا.

٥ـ لکيو نام غلام قلندر، 'دُر محمد' محفل اندر
پياريون وحدت جون وٽيون تا.

کلام نمبر ۵۸

مطلع: پيوند تيو پروان سان، جلوه حسن جمال

۱۔ جذب تيو مجذوب ۾، جاذب ذات جلال.

۲۔ مرشد محو قلب ۾، قرب ڪريم ڪمال.

۳۔ خمر نيڻن جي خماريو، بيخود ٿي خود خيال.

۴۔ عاشق گڏ معشوق سان، واڻيو عشق وصال.

۵۔ عاشق بنده علي جو، 'دُر محمد' لعل.

ڪلام نمبر ۵۹

مطلع: پيغمبر پهچايو نہ پيغام دل جو،
ملِيو عشق ڪان آه الهام دل جو.

۱۔ آهي بره باقي عاشق ۾ اوطاقي،
هٿان پاڪ ساقي مليو جام دل جو.

۲۔ امر حق الستي مَلهيو منجھ مستي،
بہَ آغاز هستي نہ انجام دل جو.

۳۔ مرتبات ماٺي سالڪ تو سڃاٺي،
محتسب نہ ڄاڻي انتقام دل جو.

۴۔ 'دُر محمد' دلي آ بدامن علي آ،
قبولي هلي آ احترام دل جو.

ڪلام نمبر ٦٠

مطلع: پيا رنگ حسن ۾ رچي، پاڻ کي پاڻ ڏيکاري يار.

۱۔ نسنگ نيهي نينهن نباهِن، نينن ۾ اچي نچي
ناز نياز نهاري يار.

۲۔ مقصد منزل ملنگ ملهائن، مندر فرش ۾ مچي
عرش خيال اڏاري يار.

۳۔ عشق آتش ۾ عاشق جليا، پروانن جان پچي
هڪ ٿيا ٻيائي ٻاري يار.

۴۔ بيرنگ باقو رنگ سان ريجهي، عاشق ٿيا ازخود اچي
هر صورت سينگاري يار.

۵۔ بنده علي ۾ باقي بالله، درمحمد دل سچي
فاني فڪر وساري يار.

ڪلام نمبر ٦١

مطلع: پيڪان مزگان جو قتيل- شمشير ابرو ڪيو قتل،
موتو قبل موجِ حسن، ماٽي رهيو ماٽڪ رتل.

١- فوجِ حسن حملہ ڪيو، ٿيو سُرخرو چشمن چُٽيل،
زندان زلف ۾ قيد پيو، ڪاڏي وڃي دل جو لُٽيل.

٢- دم دوبدو دلبر ڏسي، واريا ورق خرج و دخل،
معراج ۾ ماهر رهي، ماٽيائين وِچ ابدو ازل.

٣- اختيار ۾ اعتبار سان، ڪيو معنوي مورت نقل،
ناگھ نشو نروار ٿيو، صورت سندو ويو ڪُل عقل.

٤- اعجاز سان همراز ٿي، سائل سڃاتو سر اصل،
ماٽيو فراقي مرغ سان، شهباز خود شوقِ وصل.

٥- مڇ درمحمد جو متو، نئون دود ڪيو ڪهني محل،
ٿي محو جلوه حسن ۾، پروان شمع جان هڪ مهل.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٦٢

مطلع: جلوه حسن جمال، روشن دل دلاور ڪيڙا.

١ـ شاه حسن جا مطيع مڙيئي، بيخود يا خود خيال.

٢ـ حسن بازر ۾ سودا سَرجا، بره ڪيا برحال.

٣ـ طالب موليٰ من ۾ ماڻن، احديت اقبال.

٤ـ صوفي سڃاڻن سولائي سان، مهدي مام محال.

٥ـ عشق اعجاز علي جو عاشق، ’دُر محمد‘ لعل.

كلام نمبر ٦٣

مطلع: جڏنگ حسن جا ڊنگ نيارا،
مارن جيارن دم دم ديدان ڪري نسنگ نظارا.

١- حڪم حسن سان پيڪان مزگان، ڪُنڙا عاشق آوارا،
غمزه ابرو غازي گهايا، ناز نيٽن هنيا نعرا.

٢- حسن شمع جا شائق پروان، سر جلائن سارا،
عرش عُلا کان اڳتي اڏريا، موتو قبل موچارا.

٣- مار زلف جي دهن ۾ دل جڻ، گل مرغ منقارا،
چاه حسن جو چاه ذقن تي، ماڻن عشاق اُجارا.

٤- عشق اعجاز ۾ مرد مقيد، سرفراز سچارا،
حسن شهباز مرغ دلين جا، ڪيڙا شوق شڪارا.

٥- مرشد مولا نينهن نباهيو، نيهي مليا نروارا،
دُر محمدؔ بحر بره ۾، ترن عشاق اوپارا.

ڪلام نمبر ٦٣

مطلع: جهرڪي جذٻءَ سان شوق مان، شهباز دل شامل رهيو،
جسمي جزه ۾ ٿيو جذب، ڪل روحيت ڪامل رهيو.

١ـ مجنون عاشق سان مدامي، ڪل عقل عاقل رهيو،
دوري فراقي گم عدم، قرب وصل قابل رهيو.

٢ـ شمع حسن پروان ڪي هر جا بجا حاصل رهيو،
ڪثرت اندر مڪنوز دم، وحدت جمع واصل رهيو.

٣ـ درياءِ دل لهرون لکين، ڪڏهن نه دم ڪامل رهيو،
موجن اندر موجود سان، گم سرت ۾ ساحل رهيو.

٤ـ موتو قبل سومرد جو، من عرف ۾ مائل رهيو.
خود خيال سان هر حال ۾. سلطان سخي سائل رهيو.

٥ـ هرهڪ سپاهي شهنشاهي شغل ۾ شاغل رهيو،
ماڻڪ محمد لعل 'در' دامن علي داخل رهيو.

ڪلام نمبر ٦٤

مطلع: جهرڪي جذيءَ ۾ تيو جذب، شهباز خود پرواز سان،
جاذب اندر مجذوب ٿيو، اعجاز جي آواز سان.

١ـ تير نظر نيشانِ دل، دم تُرڪ تير انداز سان،
ماري جياري دم بدم، انجام گڏ آغاز سان.

٢ـ باطن بره ظاهر حسن، همدم ڪيو همراز سان،
شوقِ شڪاري روز شب، شاغل حسن شهباز سان.

٣ـ خوش خيال موجودات ۾، محبوبيت ممتاز سان،
دخل و خرج مان روح حظ، ماٺيو عجب اعزاز سان.

٤ـ لشڪر حسن پيوند رهيو، دامن علي دمساز سان،
بيخود خودي مان ناز ۾، نازڪ نمي پيا نياز سان.

٥ـ مجنون ليليٰ جان رهيو، محمود سڪ اياز سان،
معشوق عاشق ۾ محو، ٿيو عشق جي ايلاز سان.

٦ـ موجود اڳ معدوم ڪان، بنده علي اعجاز سان،
اظهر ڪيا امرونهي، هرهڪ عرض پر داز سان،

٧ـ رخ "دُر محمد" بي مثل، نروار نينان ناز سان،
انعام دل عاشق وٺن، ابروُ سندي اغماز سان.

كلام نمبر ٦٥

مطلع: چيو دلڙي اٿي عاشق منٺي معشوق ڏي هلجي،
ڪجي زيارت قدم چمجن،اندر جي اور سي سلجي.

١۔ حسن محفل ۾ هيڪاندا، موهن جي مام ڪيا ماندا،
درد ڪان دم ناهِن واندا، عشاقن ساڻ ڪيئن الجي.

٢۔ ملهي محلات نوراني، جلي جسمات ظلماني،
وسي برسات باراني، بره باغات ڦل ڦلجي.

٣۔ خمر خيالات هر دم ٿئي. حڪم حالات همدم ٿئي.
حسن شعلات هڪدم ٿئي، پَسي پروان جان جلجي.

٤۔ ڪلي رنگ راز رندانہ، ملي اعجاز ميرانہ،
جهٽئي شهباز شاهانہ، مرغ دل جهام ۾ جهلجي.

٥۔ ملي دُر لعل محمد ۾، مليو جيئن احد احمد ۾،
فقر حيدر سان هر حد ۾، روحاني راضپو رلجي.

ڪلام نمبر ٦٦

مطلع: چيو دلڙي اتي عاشق منٖي معشوق ڏي هلجي،
ڪري زيارت قدم چُمجن اندر جو سور سڀ سلجي.

١ـ وڃايو سڪ عقل سالم، جاٽي هڪ غيب جو عالم،
حسن جي فوج آ ظالم، تنهنجو تڪ تاب ڪيئن جهلجي.

٢ـ وسارج نا مون ڪي جاني، آهيان ٻهگڻ تنهنجي ٻانهي،
ملڻ جي ڪر مهرباني، جُدا ٿو جوش ۾ جلجي.

٣ـ محبت ۾ من ويو مڙهجي، ٿون باطل ويون ترجي،
تو سان دل دوست ويئي اڙجي، پري هڪ پل نٿي پلجي.

٤ـ سدا هج "دُر محمد" سان، روانو ره رندي رند سان،
پرت جي پاڪ پيوند سان، روحاني رمز ڪي رلجي.

ڪلام نمبر ٦٧

مطلع: چيمر، دلبرِ منهنجي دل تي، ڪيئن قبضہ ڪيئي پنهنجو،
چيائين، سوَ دليون هٿ ڪيمر اهو ڪمر مون اڳيان سهنجو.

١- چيمر، دلبر چمان جيڪر تنهنجا لبِ لعل لاثاني،
چيائين، ڪر نہ گستاخي توکي باور آهي ڪنهنجو؟

٢- چيمر، دلبر يلا ڪهڙو وري رستو وٺي ايندين،
چيائين، مان اتان ايندمر جتان پوندو نہ ڏس تنهنجو.

٣- چيمر، دلبر ڏکويل کي ڏکوئڻ آه ڏاڍائي،
چيائين، مر سهي صدمہ لقب عاشق بنيو جنهنجو.

۴- چيمر، دلبر چيڏي شوخي، کِلي خوش تي ڪڏهن مِلندين،
چيائين، ناز وارن کي گذارڻ نياز سان آهنجو.

۵- چيمر، دلبر قدر ڪو ڪر، آهيان عاشق تنهنجو ڪُهنہ،
چيائين، 'در محمد' بس آهين تون دل گهريو منهنجو.

ڪلام نمبر ٦٨

مطلع: حاڪم آهن حسن تي، حيران مان نہ هڪڙو،
اربين اداس آهن، انسان مان نہ هڪڙو.

١۔ شائق شمع حسن ۾، جند شوق سان جلائن،
پدمين پتنگ پچن ٿا، پروان مان نہ هڪڙو.

٢۔ جلوه جبين جاذب، مجذوب ڪيا جذب سان،
ديدن ڪيا دلاور، ديوان مان نہ هڪڙو.

٣۔ سهڻي جي سونهن تي سي سامان سر ستن ٿا.
سڪندر مثل سپاهي، سلطان مان نہ هڪڙو.

۴۔ عشاق ٿيا عينن جا، عابد ڇڏي عبادت.
عاقل عقل ڇڏي ٿيا، عريان مان نہ هڪڙو.

٥۔ دل ڪي ڏپايو دوري، دلبر جي دام ۾ آ،
دانهون ڪرن ٿا دردي، دردان مان نہ هڪڙو.

ڪلام نمبر ٦٩

مطلع: حبدار حيدر لعل جا، هر حال امن و امان ۾،
مشغول شاهيءَ شغل سان، شاغل شاه مردان ۾.

۱۔ اعجاز ابروءَ جي ڪتا، نينن سندي نيشان ۾،
شامل شهيدن سان ملنگ، مليا مُوتو ميدان ۾.

۲۔ آزاد عاشق عشق جا قاتا زلف زندان ۾،
دل جا پکي پَليا چکي چُڪرا چہ زنخدان ۾.

۳۔ محفل حسن منجھ مَحو تي مخموريا مئخان ۾،
دم درد جا درجات ماڻن، عشق جي اعلان ۾.

۴۔ پيغام پنهنجا پاڻ پهچايا دلق دربان ۾،
سلطان سڪندر پيو سچاپي نظر نوشابان ۾.

۵۔ مَس "دُر محمد" شاه ميليو، فهم دل فرمان ۾،
بنده علي برحق بنيو، مثلِ شمع پروان ۾.

ڪلام نمبر ٧٠

مطلع: حسن شاھ ھمدم صحن دل سينگاريو،
ڪيو ڪاج دلبر دلي ڏاج ڏياريو.

١- پھريون پاڻ ۾ پاڻ اٹجاڻ ڄاتو،
فثم وجہ الله جو صحيح سر سڃاتو
نيڻن جي نظاري اندر ڪي اُجاريو.

٢- طالب ۾ طلب ساڻ مطلوب ماھر،
ذمہ وار ضامن باطن خواہ ظاھر
ڪوئي ڪول قدمين وارث خود ويھاريو.

٣- بمعروف عارف عرف من عرف سان،
صرف نَحو سڀ گم الف ھڪ حرف سان،
ياد ڪام ڪثرت وحدت ۾ وساريو.

٤- صفاتي صورت ۾ معنيٰ ذوق ذاتي،
نفي موت اثبات ابدي حياتي
جوانن جيئڻ ۾ مري جي ڏيکاريو.

٥- محو "دُر محمد" بدامن علي ٿيو،
شمع ۾ شمع جان پتنگ جيئن جلي ٿيو
نظر ساڻ منظور ناظر نھاريو.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ۷۱

مطلع: حسن شهنشاه آيو، هر صورت ۾ سمايو.

۱ـ پيرِ مغان پر جام پياريو، خيال خودي بيخوديءَ خماريو،
محويت ۾ عشق اُڏاريو، دل معراج ملهايو.

۲ـ هُوالاول هوالآخر، هُوالباطن هُو الظاهر،
ساڳي صورت اندر ٻاهر، ناز نياز ملايو.

۳ـ ونحن اقرب ويجهي ويڙهي، نازڪ نينهن نباهيو نيڙي،
وحدت دوئي ڪي نيو نڪيڙي، بيرنگ رنگ رچايو.

۴ـ ٻُڌن ٻُجهن جون ڳالهيون ڳريون، پيار حسن ۾ پڌريون ڪريون،
ديدن ڪوليون ڏل جون دريون، موهن پاڻ پسايو.

۵ـ بنده علي ۾ محويت ماٽي، بحر حباب جو هڪ ٿيو پاٽي،
"دُر محمد" پاڻ سڃاٽي، گيت اناالحق ڳايو.

ڪلام نمبر ٧٢

مطلع: حسن ڪيا حاذق حيران، دل لٽائي ٿيا ديوانہ.

١۔ حسن جا لشڪر بلڪل باري، حڪم نوان ڪن دم دم جاري،
ڪڏهن صلح ڪڏهن جنگ تياري، هٽ ڪن دل جا تخت خزانہ.

٢۔ حسن شمع ڪل پتنگ پچايا، ماري جياري نسنگ نچايا،
رمز بيرنگ هر رنگ رچايا، عشق گهمايا عبرت خانہ.

٣۔ ناز نياز ۾ راز حسن جو، عشق اعجاز سان ساز حسن جو،
شوق وڏي شهباز حسن جو، ڪري شڪار مُرغ ميرانہ.

۴۔ مَن عَرف تي ويسہ آڻن، طالب پنهنجو پاڻ سڃاڻن،
مرشد سان موجودگي ماڻن، رهن رضا ۾ رند يگانہ.

٥۔ جهنڊہِ علي ۾ جهليون ديدان، حج اڪبر جون مَلهيون عيدان،
ساڳي صورت ۾ شاھ شهيدان، دردان ماڻيا شغل شاهانہ.

کلام نمبر ۷۳

مطلع: حسن اندر حیران، کیو آ یار اسان کي.

۱۔ ابرو اشاره مارن جیارن، نینن ۾ نیشان
کیو آ یار اسان کي.

۲۔ گل جو عاشق بلبل بنیو، شمع لئي پروان
کیو آ یار اسان کي.

۳۔ بره بازر جا پینو پڌرا، سائل مان سلطان
کیو آ یار اسان کي.

۴۔ دُور درد کئي دانش دُنیوي، محبت ۾ مستان
کیو آ یار اسان کي.

۵۔ 'در محمد' بنده علي جو، عشق سندو ایوان
کیو آ یار اسان کي.

کلام نمبر ٧٤

مطلع: حسن وارا عشاقن کي اوهان ڇا لئي ستايو آ،
صفاتي سونهن نا رهڻي تکبر هي اجايو آ.

١۔ هجئون ها جي سيئي سهڻا اوهان کي ڪير ليکي ها،
اسان کوجهن اوهان سهڻنجو ايڏو اگهه وڌايو آ.

٢۔ اسان جي آه و زاريءَ جو اوهان تي ڪو اثر ناهي،
اسان قدمن اوهانجن ۾ سدا سرڙو نوايو آ.

٣۔ سدا سهڻا عشاقن کي ماريو مشتاق ماڻن سان،
خوديءَ ۾ خود بنيو بي خود جيئين قادر ڪرايو آ.

٤۔ وڻيو آ شعر 'در محمد' دنيا جي سڀ حسينن کي،
ڏني هرهڪ اها فتويٰ تہ شاعر سچ ٻڌايو آ.

ڪلام نمبر ٧٥

مطلع: حسن وارا عشاقن کي، اوهان ڇالئي ستايو آ،
دلاسا ڏئي ڪسي دلڙي، وري ڇو منهن ڇُپايو آ.

١۔ حسن معشوق عاشق عشق، هر حصيدار هڪجهڙو،
حصہ ڪنهن جي ڦٻائڻ لئي، اوهان ڇو زور لايو آ.

٢۔ زلف جي نانگ جا ڪاڏل، نظر نينن مثل جياريا،
ڇڪو ڇهہ ذقن مان پياريو، اسان جو تن تسايو آ.

٣۔ حسن جي درد جو دارون حڪيمن وٽ ڪونهي هرگز،
مِلو معشوق عاشق سان، جُدائي جِيءُ جلايو آ.

٤۔ ظاهر باطن پرين پيوند، ڪيو دل "دُر محمد" سان،
اوهان جي حسن جو هر دم عاشق سائل سڏايو آ.

شعر نمبر ٧٦

مطلع: حسن سردار وٽ سائل ڳائن پيا گيت گانہ ۾،
روحاني راز جا آواز ڪن طالب ترانہ ۾.

١ـ مالڪ در دل مدامي ٿيو بخيالِ خود ڪلامي ٿيو،
سارو لشڪر سلامي ٿيو شهنشہ جو شامانہ ۾.

٢ـ نينن جي فوج سر ڪڙڪي پرون ڀالا لڳا پڙڪي،
اُجا عاشق لٽا لڙڪي زلف سان زنخدانہ ۾.

٣ـ ڇاتيءَ ۾ جنهن ڀاتي جهاتي صورت مورت پنهنجي ڇاتي،
نفي ڪيو عين اثباتي مڪان و لامڪانہ ۾.

٤ـ شهنشہ خود اراده ڪيو بجنگ جفتي اماده ڪيو،
فتح خيبر پياده ڪيو شغل شطرنج شاهانہ ۾.

٥ـ پيتم پيالو هٿان حيدر فراق و وصل ڪان ويسر،
وهايا سڪر جا سمندر پئي جا پڪ پئمانہ ۾.

٦ـ درياءِ دل جو گم ساحل، اندر عاقل ٻاهر جاهل،
گهي بر تخت دم ڪاهل گهي خوشدل ويرانہ ۾.

٧ـ ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ ترڪ مولا رندي رتبہ،
پڙهيا بيخود خودي خطبا، نيشانبر بي۱نيشانہ ۾.

٨۔ جيڪو عاشق صورت جنھنجو بَنيو سو هُوبهو تنهنجو،
طالب مولا پيوند پنهنجو پاتو رخ رهبرانہ ۾.

٩۔ حسن تان عشق ٿيو قربان شمع ۾ جيئن جليو پروان،
دلِ بلبل گڏيل گل سان علحده آشيانہ ۾.

١٠۔ سَنا سِر تي طلب طعنا سيئي طعنا ڳچيءَ ڳانا،
حسن صورت عشق معنيٰ مليل دمر عاشقانہ ۾.

١١۔ امر من عرف جو اعليٰ محل دل جا کُليا تالا،
صورت هڪ جا سوين نالا بنيا حد جي بهانہ ۾.

١٢۔ ملنگ مجذوب دلخستا حسن سودا ڏنن سستا،
ڪيا سي پرت پيوستا خلاصہ خاندانہ ۾.

١٣۔ ڏنمر رخ پاڪ جو پرتوو نہ هئي طاقت ڏني پَرتو،
پرين عاشق اٿئي پرتو ناهي دانش ديوانہ ۾.

١٤۔ جهندبل موجود پيا ڄاڻن مندبل مقصود پيا ماڻن.
دخل دل جو عاشق آڻن اڪين جي آستانہ ۾.

١٥۔ سڄاتو درد هر رنگ سان مندر مسجد جبل جهنگ سان،
باطن بيرنگ هر رنگ سان ٿيو ظاهر زمانہ ۾.

١٦۔ نظر هڪ ٻن حصن واري ڏسي تن کي لائي ياري،
نہ رکجي اندر اختياري فرق پنهنجي بيگانہ ۾.

۱۷۔ نرت نيون ڪل ڪرت بازيون سيڪاريون سڪ سرت سازيون،
مليون ما مان ترت تازيون پرت سان پهلوانن ۾.

۱۸۔ جاڳي جهٽ پٽ يَونِ پٽ سان جهٽيون جهٽ پٽ پڪي پٽ سان،
جُبو جُٽ ڦِٽ پرين پٽ سان سبي سانديو سرانن ۾.

۱۹۔ محمد پاڪ جي گواهي، علي مالڪ شهنشاهي،
اَمر من ڪُنت آگاهي عشاقن جي ايوانن ۾.

۲۰۔ روحڪ روحي جلاليءَ ڪئي حسن جلوه جمالي ڪئي،
پتنگ مچ ۾ ڪمالي ڪئي ٿيو يڪ رنگ دوجهانن ۾.

۲۱۔ محو مطلوب در طالب علي اعجاز ٿيو غالب،
ڀنهي مان هڪ چٽو قالب ڏٺو مردن ميدانن ۾.

۲۲۔ غديري عيد حج اڪبر بمورخ ارڙهين اظهر،
ملهائن مرد دل تونگر سدائين ساليانن ۾.

۲۳۔ نحن اقرب حاضر ناظر هُوالاول هُوالآخر،
احد احمد علي ظاهر باطن لشڪر رندانن ۾.

۲۴۔ بره بنده علي باقي آهي "دُرّ" ساڻ اوطاقي،
مليو محبوب ميثاقي لائق ٿيو لاڙڪاڻن ۾.

کلام نمبر ۷۷

مطلع: حکم حسن تصوير، مجنون کيڙا عاقل عالم.

۱۔ شائق حسن شهادت ماڻن، شامل شاه شبير.

۲۔ شاه حسن جي هٿ هر صورت، تدبير وتقدير.

۳۔ محفل حسن ۾ منصب پائن، درد مند دلگير.

۴۔ مُلڪ دلين تي قبضو ڪيڙو، فائق فوج فقير.

۵۔ اندر دامن علي آندو، 'در محمد' مير.

کلام نمبر ۷۸

مطلع: حيدر علي اعجاز سان، همراز ڪر هر راز ۾،
صورت سچائي معنوي، انجام دل آغاز ۾.

۱ـ مشغول مرغي عشق ٿئي، شغلِ حسن شهباز ۾،
همدم ڪري هر دم حسن، شهباز خود پرواز ۾.

۲ـ نينان نباهِن نينهن دل، نازڪ نياز وناز ۾،
عاشق حسن آگهه رهن، ابروءَ سندي اغماز ۾.

۳ـ مُيسر ملي موجوديت، هر محويت ممتاز ۾.
سمجهي عيان دم عبديت، سِر احديت امتياز ۾.

۴ـ محفل فقر مڪمل ملي، اعجاز جي آواز ۾،
دليون وسن درسن پسن، چوسول مان چوباز ۾.

۵ـ بي رنگ و رنگ برحق مليو، بنده علي رنگساز ۾،
جيئن هر امر اندر بحر، 'در ناز' بي انداز ۾.

ڪلام نمبر ٧٩

مطلع: حيدر علي هر حد اندر گنجي گهمين گونگهٽ ڪري،
داخل رهين دل ۾ مگر، ديدان پسڻ ڪان ٽيون پري.

١- اعجاز سان آواز ۾، همراز ڪر هينڙو نري،
آغاز امڪان ڪثرتي، انجام وحدت ۾ وري.

٢- باطن بيان بيرنگ بره، ظاهر ڪيو هر هڪ ذري،
عاشق سڃاڻن عشق سان، سامهون حسن سرڙا ڏري.

٣- جلوه حسن جلدي ملي، درسن سوا دم ڪئين سَري،
جسمانيت روحانيت، ٻئي هڪ هجن ٻيائي ٻري،

٤- ڪشتي قلندر لعل تي، هر گل حسيني پيو تري،
شهباز اڳيان پاڻ پرڪيو هر مرغ هلڪي ڳري.

٥- دردان علي حيدر هٿان آبِ حياتي ڍڪ ڀري،
همذات زنده ذات سان، موروُن نه مولائي مري.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٨٠

مطلع: حيدر علي دِر مرغ دل، شهباز تي شامل مليو.
اعجاز جي آواز سان، قربُن اچي ڪامل مليو.

١. مشتاق مجنونءَ جي قلب ۾، ڪل عقل عاقل مليو،
مُنهه معنوي صورت اصل، هر نقل سان ناقل مليو.

٢. موتو ملنگ جئري مري، من عرف ۾ مائل مليو،
خود خيال سان هر حال ۾. سلطان تي سائل مليو.

٣. وحدت اسم ڪثرت جسم، عشق و حسن حاصل مليو،
ماٽيو فنا مخزن بقا، جمله جمع واصل مليو.

٤. دريائي دل لهرون لکين، ڪڏهن چست دم ڪاهل مليو.
موجود حق هر موج ۾ معدوم سر ساحل مليو.

٥. رهوار ره فرقت وصالت، شهر ۾ شاغل مليو،
هرهڪ ماٽڪ 'در لعل' در دامن علي داخل مليو.

ڪلام نمبر ٨١

مطلع: حيدر علي همدم رهيو، هر راز ۾ همراز سان،
نينان نوازش ناز مليون، نيازمند جي نياز سان.

١ـ هڪ عشق جا مڙيئي مرغ، شامل حسن شهباز سان،
هر حد بحد هر حال همپرواز هر پرواز سان.

٢ـ مُوتو قبل محفل فقر، موجودگي ممتاز سان،
روحڪ روحي رلمل رهيل، هر رنگ اندر رنگساز سان.

٣ـ ماڻن مدامي محويت، عاشق حسن امتياز سان،
ڪامل پَسن هر ڪام ۾ انجام کي آغاز سان.

٤ـ نانگا نفي اثبات رهيا، اناالحق آواز سان،
نيزن تي نر نروار ٿيا، نيباه نينهن نواز سان.

٥ـ بنده علي بحر حسن، اندر آندو اغماز سان،
هر لهر ۾ گڏ 'در محمد' عشق جي اعجاز سان.

کلام نمبر ۸۲

مطلع: حيدر علي تنهنجي حسن، روشن کيو ڪعبہ قلب،
احسان لک اڻ لک ٿيا، طالب کي تہ بہ تنهنجي طلب.

۱ـ عاشق کي اگ هُئي ڪل ڪٿي، هر مرتبہ مليو مٿي،
جاڳيو درد جٿي تٿي، رنگ سان رليو بيرنگ رب.

۲ـ صورت صحن معنيٰ مِليو، معراج محبوبي مَلهيو،
قطره اندر قلزم مِليو، ڪامل ڪريمي ٿيو قرب.

۳ـ مليل شاه مردان ۾، هر وقت امن امان ۾،
مطلب مڙهيل ميدان ۾، طالب موليٰ ٿيو منتخب.

۴ـ هر جاءِ حسن حضور ٿيو، مستيءَ ۾ من مخمور ٿيو،
دم دم نئون دستور ٿيو، هر دم ادا امر و ادبُ.

۵ـ 'در لعل محمد' يار سان دامن علي دلدار سان،
دليون سيبي ديدار سان، ماٿيو مالڪ عجم و عربُ.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ۸۳

مطلع: حيرت حسن حيران ڪيو، محبوب جان پاتو ليو،
دل ڪُهن سالي ۾ اچانڪ، جوش نئون جاڳي پيو.

۱۔ محبوب جي غمزه نظر، روشن ڪيا شمس و قمر،
هر دو جهان ۾ جلوه گر، صورت صنم ريءَ ناه ٻيو.

۲۔ اچي عشق جا خيما لڳا، علم و عقل ٻئي گڏ ڀڳا،
قاضي پهري رندي ٺڳا، مئخانہ ۾ داخل ٿيو.

۳۔ عين اليقين صورت پسي، حق اليقين ويو دم رسي،
پيو لوه سان پارس گسي، ٻاريو حسن دل جو ڏيو.

۴۔ جيئن جيئن لکيو جف القلم، تا وقت مقرر تين ڪم،
بره بيقراري دم بدم، سک نازنين جي نيو.

۵۔ بنده علي بيرنگ بحر، رهيو 'در محمد' در لهر،
موج بره ڪيو بيخبر، ذڪر و فڪر وسري ويو.

كلام نمبر ٨٤

مطلع: خمر كيو مخمور، ساقي سرڪ پياري.

١ـ نظر ناز نوازيو، ناظر ٿيو منظور.

٢ـ ماري جيارڻ دم دم، ديدن جو دستور.

٣ـ شائق سان شامل رهيو، هر جاءِ حسن حضور.

٤ـ لونءَ لونءَ ليلي ۾ رليو، مجنون جو مذڪور.

٥ـ سڪندر اندر سمايو، نوشا بان جو نور.

٦ـ امر اعجاز سان مليو، آمردر مامور.

٧ـ شائق 'در محمد' ٿيو، مليو ذوق ضرور.

کلام نمبر ۸۵

مطلع: خود عشق عاشق معشوق ٿئي، هر صورت سان اڙبنگ اچن.

۱۔ لائي زبان تارونءَ سان، بندي دم ہوتي اکيون ٻئي،
چپ چپ تي رکيون روحي رنگ رچن.

۲۔ بيخود خيال خوديءَ ۾، پير مغان جي پڪ پئي
مهدي مام اندر مڙئي ملنگ مچن.

۳۔ درد تحف وحدت، دوئي صفاتي ڏهي ويئي
ذوقؤن ذات ملي باسَنگ سچن.

۴۔ معنيٰ محو صورت ۾، وحي روحي خبر ڪئي
حسن شعاع اندر پيا پتنگ پچن.

۵۔ باغ دردان آ برسيل، آه عاشق هٿ هڙئي
ميوا مفت ڪايو نانگا نسنگ نچن.

ڪلام نمبر ۸۶

مطلع: دست حيدر ذالفقار، دمبدم ماري جياري.

۱۔ چارئي اکيون مليون حسن ۾ ، دل ماڻيو جلوه جبار،
پسي شماعِ محلِ سياه ۾ ، ٿيو شمع جان پروان عيار،
خودبخود رهيو هر اوتاري.

۲۔ مرڪب رسالت ۾ مليا، اقدام وحدت آشڪار،
معنيٰ امامت ۾ مليل، صورت سڃاتو بار بار،
دل لُٽي نازڪ نظاري.

۳۔ اعتبار فرمان ۾ مليو، فرمانروا ٿيو اهلڪار،
مخمور ڪئي نعره صراحي، محفلِ ساقي سيار،
پيو سدا پئمان پياري.

۴۔ اربَع عناصر ۾ ملي. ٿيو علحده نيشاندار،
قربان بنيو بحر بقا، لهرين لوڙهيو مڪنوزدار،
ڪشش ڪُن ۾ پيو پُوڪاري.

۵۔ بنده علي جي عشق ۾ ، خوشدل بنيو مجنون وار،
جنسار محبت ۾ مليو، 'در لعل' بخشيو اختيار،
بيخوديءَ سان خود وساري.

کلام نمبر ٨٧

بنا نقط

مطلع: درد دل ہر دائما دلدار کاهو کاہ آ،
سک سراسر گم عدم اللہ هک آگاہ آ.

١۔ در روح راهک آ سدا وسواس سودا لادوا،
درد لک هکدل اصل همدل سوا گمراہ آ.

٢۔ رہ سدا دلدار همدم کرم کر کو مل سگھو،
آءٌ همدل گھور سارو مالءِ سر ساہ آ.

٣۔ سار لہ سردار هکدم آ رسول اللہ رسُ.
آسرو عالم اهو هک واعدہ وہ واہ آ.

٤۔ 'در محمد' اسم احمد، دَرِ دلِ محکم مدام،
راہ سک آ کاہ هر دم مدد اسداللہ آ.

آمین ثم آمین

ڪلام نمبر ٨٨

مطلع: دل جو مرغ شامل رهيو، پرواز ۾ شهباز سان،
بيخود خودي شاغل رهي، شهباز ۾ پرواز سان.

١۔ قربان تي عاشق مليو، دم ناز ۾ دل نياز سان،
محبوب رهيو محو خود، دل نياز ۾ دم ناز سان.

٢۔ هر تير تير انداز جو، آغاز ۾ انداز سان،
چشمن چُٽي قابل ڪنا، انداز ۾ آغاز سان.

٣۔ همجنس ٿيا ماٺو مرٺي، همراز ۾ ايلاز سان،
عاشق مليا خود عشق جي، ايلاز ۾ همراز سان.

۴۔ مُرڪي موهن موهيون دليون، آواز ۾ اغماز سان،
وحدت واعظ سر سانگ تي، اغماز ۾ آواز سان.

٥۔ معراج 'در' ماٺي رهيو، ممتاز ۾ اعجاز سان،
ناظر نظر منظور ٿيو، اعجاز ۾ ممتاز سان.

ڪلام نمبر ٨٩

مطلع: دل جو مرغ مليو آ، شهباز عشق جو،
ڪيو آ پرت پيوند، پرواز عشق جو.

١ـ پيوند پيارل پاتو، سالڪ صحيح سڃاتو،
حاصل ٿيو هر ڪاتو، اعجاز عشق جو.

٢ـ سُرڪي پياري ساقي، خمار آ بخشيو باقي،
عاشق حسن اوطاقي، اغماز عشق جو.

٣ـ روحي علام عامل، ناز و نياز شامل،
انجام ڪام ڪامل، آغاز عشق جو.

٤ـ داخل بنده علي ۾، هر جا هليءَ چليءَ ۾،
پڙلاءُ ڳليءَ ڳليءَ ۾، در ناز عشق جو.

کلام نمبر ۹۰

مطلع: دل ٿيم ديوان، دوست جڏهن ديدار ڪرايو،
وسريو شوڪت شان، ناز صنم نروار ڪرايو.

۱۔ حسن حقيقي حڪم هلايو، عشق مجازي عقل ٽڙايو،
هوش ٿيو حيران، اکين بي اختيار ڪرايو.

۲۔ ناز اعجاز جا راز نيارا، مام ملائن نسنگ نظارا،
نينن ۾ نشان، ثابت سر سردار ڪرايو.

۳۔ بيرنگ جا رنگ باطن ظاهر، نسنگ سڄاڻن ملنگ ماهر،
آگم هر اعلانِ محبت مڳٽهار ڪرايو.

۴۔ مالڪ سان پيوست ٿياسون، مُلڪ وساري مست ٿياسون،
حسن رهيو همخان، عشق قائم اعتبار ڪرايو.

۵۔ زلف زنجيري دام سيئي، قاتل خاص و عام سيئي،
دام اندر دردان، حسن شهباز شڪار ڪرايو.

ڪلام نمبر ٩١

مطلع: دل شير جي هٿ ۾ رسي، صوفي پسي شهباز ٿيو،
معراج تحفہ نياز ۾. اعجاز جو پرواز ٿيو.

١۔ معشوق خود عاشق رهيو، ٿيو عشق استقبال ۾،
هم خيال ٿي خود خيال سان، هر راز ۾ همراز ٿيو.

٢۔ معدوم مان جاڳيو نشو، موجود وسريو ياد ڪان،
از خود خوديءَ ۾ بيخودي، اعجاز سان آواز ٿيو.

٣۔ معشوق جي اکين اندر، عاشق سڃاتو پنهنجو سَر،
ماڻين محويت خيبري، در خبر نظر انداز ٿيو.

۴۔ هڪ عشق جا لاحد لقب، نالا نرالا نوبنو،
شاهِ شاهان گاهي بنيو، گاهي عرض پرداز ٿيو.

۵۔ بنده علي جي عين ۾ در لعل ٿي جاذب بنيو،
مجذوب طالب در جذب، مطلوب سان ممتاز ٿيو.

اللّٰهم صل عليٰ محمدي عليٰ آل محمدي.

کلام نمبر ٩٢

مطلع: دلشير جي دستون ملي، اعجاز ۾ پرواز ٿيو،
شهباز سان شامل مرغ، پرواز ۾ اعجاز ٿيو.

١ـ شائق شکاري هٿ مرغ، شهباز ۾ آواز ٿيو،
کوپا اوجاڳن جا لهن، آواز ۾ شهباز ٿيو.

٢ـ ساقي پياري سرک هک، آغاز ۾ امتياز ٿيو،
در محويت بيخود خودي، امتياز ۾ آغاز ٿيو.

٣ـ چالاک سر دل چيريل، همراز ۾ ممتاز ٿيو،
فرمانروا فرمان ڏني، ممتازَ ۾ همراز ٿيو.

۴ـ بيرنگ اندر رنگ بي عدد، رنگساز ۾ انداز ٿيو،
هک حال سو ماضي قبل، انداز ۾ رنگساز ٿيو.

۵ـ دُر سايهٔ جهنڊهِ علي، دل ناز ۾ دم نياز ٿيو،
لشکر اندر اعتبار سان، دم نياز ۾ دل ناز ٿيو.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٩٣

مطلع: دلبر اوهان پنهنجي دل، ڇاڪئون ڏيو نٿا پيا،
عاشق جي دل ڦري پوءِ، سودو ڪيو نٿا پيا.

١۔ مرڪي ملو اگر اوهان، قربان جان جند ڪيون،
سامان سڀ سٽي ڏيون، پانيون ڇيو نٿا پيا.

٢۔ منڙو موهيو اسان جو، نازڪ بدن نوراني،
سهڻا اوهان جو ثاني، ڄاڻون ٻيو نٿا پيا.

٣۔ صورت پنهنجي پسائي، ناحق نقاب ڪيڙوَ،
ڪڏهن بہ ڪنهن نموني، پايو لِيو نٿا پيا.

۴۔ دردن جو 'در محمد'، ڪندو قصو اوهان سان،
تنهن ساڻ حال پائي ڇاڪون ٽِيو نٿا پيا.

ڪلام نمبر ٩٤

مطلع: دلبر تي نہ دور دور، تنهنجي محبت مور مور،
تو سان روحي رغبت آ. رغبت آ.

١. تاب حسن بيتاب ڪيو آ جان تو پاڻ پسايو،
وصل فراق ۾ فرق نہ تر جو آڙه عشق مچايو،
مٺيون ٻوليون جان ٻولين ٿو، گهنڊ سامهون جان کولين ٿو،
آڪين تنهنجن ۾ عبرت آ. عبرت آ.

٢. جنگ سنگ پر زخم ڳجها، پُر جادو چشمن چالا،
پنبڻ چنيڻ سان تير تي چٽڪيا، پروَن مان ٿيا پالا،
دل اندر سي ڏڪ لڳا، مام ملي ويئي شڪ پڳا،
درد روحيءَ ۾ فرحت آ. فرحت آ.

٣. هڪ صورت جا طرحين طرحين، هر جا نينهن نظارا،
هوش عاشق جو گم ٿيو هڪدم، پسي ناز نيارا،
فنا بقا جا ڍنگ تنهنجا. وحدت ڪثرت رنگ تنهنجا،
هر هڪ رنگ ۾ حيرت آ. حيرت آ.

٤. دامن عليءَ سان دل پيوند ڪر، ماڻيا مخفي مقصد،
رهبر رَل تون رمز روحي ۾ دليون 'در محمد
طلب طالب جي توڙ رساءِ، جوڙ اندر ۾ مرشد جاءِ،
توکي سيڪا قدرت آ. قدرت آ.

ڪلام نمبر ۹۵

مطلع: دلبر درسن پاڻ ملايو، نيڻ ڪٽي نروار نهاريو.

۱۔ مرشد مالڪ پاڻ پسايو، مقصد منزل توڙ رسايو،
محل دل ويران وسايو، حسن هاديءَ جي انوار اجاريو.

۲۔ لوح قلم هٿ هادي آهي، ٺاهي ڊاهي جيئن جيئن چاهي،
ظاهر باطن نينهن نباهي، وارث قدمين ڪول ويهاريو.

۳۔ صدق مطلوب تان سر طالبانہ، خاص خزانہ دل نذرانہ،
رهبر ڪوليو راز رندانہ، ذوق زمانہ وره وساريو.

۴۔ عشق عنايت آه اصل ۾، وحدت ورثو ناه نسل ۾،
باه فراقي بحر وصل ۾، لهر لهر سان ٻارڻ ٻاريو.

۵۔ بنده علي سان بنيل باقي، 'در محمد' اندر اوطاقي،
مرشد مولا قول ميثاقي، پرتئون پاڙي ياد ڏياريو.

ڪلام نمبر ٩٤

مطلع: دلي يار جو رُخ لڌو هر ڳليءَ ۾،
ماڻين موج محبت عاشق اردليءَ ۾.

١- تي لڪ چپ منجهان جهات جلوه نمائي،
مليو ناز سان ساز اعجاز جائي،
ڏٺيءَ ڏڻ سجاتو ٽلي هڪ ٽليءَ ۾.

٢- خودي بيخوديءَ سان عدم اختياري،
وصل ۾ فراقي بره بيقراري،
پتنگ جان شمع تيو عاشق دل جليءَ ۾.

٣- روحي راز اعجاز يڪبار کوليو،
پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ اعتبار ڳوليو،
حڪم هيٺ همدم هَليءَ ۾ چليءَ ۾.

٤- شهنشاه جو آه سائل سلامي،
نينن جي نظر ۾ محو دل مدامي،
مليو خيال 'در لعل' دامن عليءَ ۾.

ڪلام نمبر ۹۷

مطلع: دلدار هن دل جي حقيقت، آه توکي سڀ عيان،
عاشق زباني ڇا ڪندو، سورن سندو بيحد بيان.

۱ـ ڇريو ڇيو خلقت جڏهن، توسان لڳو ناتو ميان،
راضي رهين هڪ تون سڄڻ، ڪهڙو ٻين ڏي ڪن ڏيان.

۲ـ صورت پسائي چو ڇُپين، توکان جدا ڪيئن جاليان،
گهنڊ ڪول قربون ڪول ڪر، تو ساڻ اوران اوريان،

۳ـ مشڪل ڪُشا حيدر هٿان، وحدت سندو پيالو پيان،
روشن رهي دل دائما، سر نفيءَ مان ثابت ڪيان.

۴ـ مرشد جي صورت جو تصور، من ڪلي طالب اڳيان،
بنده علي بخشو وري، دردان مان قربان ٿيان.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٩٨

مطلع: دوست دلبر ناز پرور، مل هيڪر عاليجناب،
ڪرنظر آهيان نڌر، هر دربدر تو بن خرابُ.

١۔ گهور تو مذڪور جو، مشهور هو جيئن دراصل،
نورسو مستور ٿيو، دستور هن ڪيڙو عذاب.

٢۔ چاڪ دل غمناڪ ٿئي، اشتياق تنهنجي ڪان منا،
واڪ ناخوراڪ ٿئي، مشتاق سان تون مل شتاب.

٣۔ آس دل جي راس ٿيندي، ناس ٿئي نفسانيت،
پياس آهي واس وحدت، خاص ڏي ڪو نوش ناب.

٤۔ جهنگ بر تر ڏنگ ڏک ۾، تنگ توبن ڏرِ علي،
دنگ مخفي لنگه سهڻا، رنگ ڪر ڪولي نقاب.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٩٩

مطلع: ديد دلبر جي دنالي، دل ڦٽي جڏهن ڇُٽي،
تيغ ابرو جي تکي عاشق ماري جياريا ڪئين ڪُٺي.

١۔ ناز نيڻن جا ڏسي شهباز مستانہ ٿيا،
زلف جي ڦاسي الهراسي لکين ماريا گهٽي.

٢۔ فوج فالم حسن سان شائق ٿيا شوقون شهيد.
عاشقن جا خيال بيخود لعل موهن ويو لُٽي.

٣۔ محو عاشق ۾ رهي، معشوق پنهنجي عشق سان،
وصل وحدت ٿئي سگهو دوئيءَ جو فراقي دم ٽُٽي.

۴۔ دوبدو مليل هجي، دل 'درمحمد' دوست سان،
هڪ صنم جي سڪ سدا، وڏندي رهي شل نا ڪٽي.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ١٠٠

مطلع: ديدن جا دستور، دم دم مارڻ وري جيارڻ.

١ـ اکيون لعل خيال خمارن، محبت ۾ مخمور.

٢ـ نظر نينن نينهن نباهيو، ناظر ٿيو منظور.

٣ـ فقر فراقي وصل حسن ۾ ، مست گهمي مسرور.

۴ـ سٽي دل سان خيال سجاتو، مرشد جو مذڪور.

٥ـ بنده علي جو عشق علام، 'در محمد' مشهور.

کلام نمبر ١٠١

مطلع: ديدن جو ديدار کيو آ يار اسان کي.

١ـ ملڪ معنيٰ جو مالڪ موهن، صورت جو سينگار،
کيو آ يار اسان کي.

٢ـ فتح هار سان صلح جنگ ۾ مڱڻهار جو هار،
کيو آ يار اسان کي.

٣ـ آهيون ديوانہ دنيا اندر، مستيءَ ۾ هوشيار،
کيو آ يار اسان کي.

٤ـ لائق قاسي مروت معافي، باھ منجهان گلزار،
کيو آ يار اسان کي.

٥ـ 'در محمد' من ۾ مخفي، نينهن اندر نروار،
کيو آ يار اسان کي.

ڪلام نمبر ١٠٢

مطلع: ديدن ۾ درسن دل مَلهيو، ساجن سڏي پاتو ليو،
خود خيال ۾ مخمور ٿيو، امرو ادب وسري ويو.

١_ شفقت شهنشہ عشق سان، معشوق عاشق ٿي پيو،
پرواز شهبازِ حسن در مرغ دل مڪمل مليو.

٢_ موجوديت مطلوب ۾، اخيتار طالب ترڪيو،
آواز اعجازِ علي، ماڻي محبت مرڪيو.

٣_ خوراڪ دل پوشاڪ دم، پائي اسم خود پهريو،
من عرف ۾ عارف اچي، تاهي محل دل ٺهريو.

۴_ فرمان لا مقصود في الدارين الا هو ٿيو،
مصّور معنيٰ من موهيو صورت نہ ڪنهن قيدي ڪيو.

٥_ بنده علي جي بحر مان، سڪ جي سُرڪ پرتؤن پيو،
دُر دانُ موجن ۾ ملي، موتو مري جئري جيو.

کلام نمبر ۱۰۳

مطلع: ڏنو صورت جو سلطان ميان، احسان عجب درسن مليو.

۱۔ محو مرشد طالب اندر، مثل شمع پروان ميان.

۲۔ ذوق وجودي زهر بنايا، شوق شاهِ مردان ميان.

۳۔ توکل ترهي طالب تاريا، بحر بي پايان ميان.

۴۔ پاڻ م ڀگولهي پاڻ وڃائي، ڏسو نوان نيشان ميان.

۵۔ اندر دامن علي اوطاقي، 'در محمد' درشان ميان.

ڪلام نمبر ۱۰۴

مطلع: ڏس دور دنيا جو رنگ عجب، بستان بہ آ ويران بہ آ،
هن مام جا واقف عام ناهِن، پنهان بہ آ نيشان بہ آ.

۱ـ هر رنگ ۾ يار جو جڙيل رنگ، انهيءَ عشق عميق جو ڪونهي ڍنگ،
ڪري سير صحيح ڪو مست ملنگ، ڪفران بہ آ ايمان بہ آ.

۲ـ معشوق جڏهن اچي پاتو ليو، تڏهن شاه حسن جو شور ٿيو،
مٿان عاشق عشق جو زور پيو، خندان بہ آ گريان بہ آ.

۳ـ مفتون ڪيو تنهنجي ماٽي مٺا، ڏاڍو دل ۾ ڏک رب ڄاڻي مٺا،
عجب رنگ عاشق سان ٿيو هاڻي مٺا، ديوان بہ آفرزان بہ آ.

۴ـ آهي ڪڏهن قبيح ڪڏهن سهڻو، ڪڏهن مست عاشق ڪڏهن من مُهڻو،
’در محمد‘ يڪسان نا رهڻو، دربان بہ آ سلطان بہ آ.

ڪلام نمبر ١٠٥

مطلع: ڏسي محبوب جو بنگلو، صورت ساڳي عاشق ڇاتي،
معنيٰ موجود دل ۾ ڪئي. نفي معدوم اثباتي.

١۔ امر تيو ڪنت ڪنزاً ڪيئن، اراده عشق عاشق جيئن،
ظاهر معشوق رهيو هيئن، پائي جهاتي اندر ڇاتي،

٢۔ رهيو دل ۾ دخل داخل. شُغل سان خرچ تيو شاغل،
عينن اعجاز سان عاقل، ڪري مجنون پاتي جهاتي.

٣۔ حسن شهباز شامل تيو، عقابِ عشق عامل تيو،
محو معشوق ڪامل تيو، عاشق ۾ حسن لئون لاتي.

٤۔ حسن بازار هٻڪاري، وڏيا وحدت جا واپاري،
اندر ڪثرت قربداري، صفاتي سير سان ذاتي.

٥۔ سڄاتو عشق سر چاهي، دائم "در لعل" خود آهي،
لڪين محل ٺاهي ڊاهي، پيوند تيو پاڻ پرياتي.

ڪلام نمبر ١٠٦

مطلع: ڏنو واعده پاڻ مالڪ حقاني،
لهي غير غم ويا رهي سڪ روحاني.

١ـ وسيا قلبي ويڙها، ويا نفسي جهيڙا،
محبت منٿيءَ جا ڪاٺو ڪير پيڙا،
ڪيو عشق عيدان مِلي مهرباني.

٢ـ خالي دم صورت ۾ نہ ڪنهن ڪار ڪم جو،
مزو معنوي آه روحاني غم جو،
صحيح من عرف ڪر چيو دوست جاني.

٣ـ حسن عشق مليو عاشق جي محل ۾،
فراقي فرق ويو وصل جي مهل ۾،
دوئي جي دوري ۾ ڪليو سر وحداني.

٤ـ آهي "در محمد" مهدي پاڪ آخر،
بره بيخوديءَ ۾ ٿيو بيباڪ آخر،
بنيو پاڻ بنده علي سر عياني.

كلام نمبر ١٠٧

مطلع: ڏنو حڪم حسن شهباز ميان، پرواز ڪيو بي پر بيپا.

١ـ ناز نظر سان ڪيئي ڪوجها، حسن ڪيا همراز ميان.

٢ـ دل ۾ مخفي مچ مچائن، اکين جا اغماز ميان.

٣ـ اذن الله جي عرض اثر ۾، اِذني جا آواز ميان.

۴ـ جنگ اکبر ۾ غالب غازي، صاحب سوزگداز ميان.

۵ـ "در محمد" من ۾ مڙهيو، امر علي اعجاز ميان.

کلام نمبر ١٠٨

مطلع: ڏنو عشق عجب احوال ميان، ڪُٺا قرب علي عاشق اڏريا.

١ـ شامل شهيدان شائق تيڙا، پائي حسيني حال ميان.

٢ـ پرت پيالو خيال پياريو، بيخود تيو خود خيال ميان.

٣ـ فرق فراقي وصل وساريو، نظريون نينهن نهال ميان.

۴ـ قبل ماضيءَ ۾ حال هلائن، باقا بره بحال ميان.

٥ـ عشق اعجاز علي جا عاشق، موهيا لک "در لعل" ميان.

ڪلام نمبر ۱۰۹

مطلع: ڏنو معشوق عاشق کي خطابي عشق خيبر ۾،
محمّد پاڪ پاڪَن سان مِليو حسن حيدر ۾.

۱۔ نماز عيد معنيٰ ۾ ادا ڪئي عشق صورت سان،
ملنگ ماڻن حج اڪبر، ڪعبہ قدسي قلندر ۾.

۲۔ جُڙيو شهباز جهرڪيءَ مان مليو پرواز هر پر سان،
نيازِ ناز ڪوليو سڀ، رازِ اعجاز اندر ۾.

۳۔ جذب مجذوب جاذب سان، بمصداقِ شمع پروان،
جدا جزوات ڪُل مان ڪُل، مليا نروار نمبر ۾.

۴۔ جمڻ معدوم ڄاڻڻ مان، مرڻ موجود ٿيو جڙي،
خودي بيخود روح الاعظم، ملهائي خيال مخبر ۾.

۵۔ اجهو جهنڊہ علي جعفر، پليو پاڇي هيٺان لشڪر،
مبارڪ موقع مَلهيو، سدا "در" سان شهر بر ۾.

ڪلام نمبر ١١٠

مطلع: ذاتي صورت الله جي، قادر قلندر لعل آ،
سرڪار سر بيرنگ و رنگ، راحم جبار و جلال آ.

١۔ مهدي محمد معنوي، پير مغان پڏرو رهيو،
شاهِ شاهان هر دو جهان، لشڪر سندو لڄپال آ.

٢۔ ساڳي صورت موليٰ علي، مطلوب هر طالب طلب،
قلبِ مومن عرشِ الله، خيال جو خود خيال آ.

٣۔ محبوبيت معيار سان، اختيار خود مختيار ۾،
معشوق عاشق سان سَليو، سڀ عشق جو احول آ.

۴۔ باطن بره ظاهر ڪيون، ڳالهيون ڳجهيون دل ۾ سُجهيون،
پنهنجو مغز پاڻهي، پيا ڪائون نہ هڪ همحال آ.

۵۔ واپار دلين جو وڏيو، بيحد بره بازار ۾،
دامن علي ۾ "در" ملي، ماڻيو محبت مال آ.

كلام نمبر ١١١

مطلع: ذوق ذاتي سپ ذرڙا آهن. شوق صفاتي شرڙا آهن.

١۔ يار نباهيو نازڪ ناتو، صورت مورت پيوند پاتو،
ساجد مان مسجود سڃاتو، سجده ۾ سَوَ سرڙا آهن.

٢۔ لعل محل خود خيال وسايو، مقصد روحي حسن رسايو،
بيرنگ جو رنگ عشق ڏسايو، عاشق ٿيا اڳيرڙا آهن.

٣۔ لات لطيفي بات نہ بعلم، علم عطا ٿيو مهدي معلم.
مَلڪ مخاطب بامتڪلم. قرب قلندر ڪرڙا آهن.

۴۔ نسنگ نصير نو رنگ نظارا، من ۾ ماڻن ملنگ مٺيارا.
ڪثرت سان "در" وحدت وارا، ڳڏيون وينا گهرڙا آهن.

ڪلام نمبر ۱۱۲

مطلع: راز محرم راه روحي طرح ڪهڙيءَ طئي ڪيان،
عشق جو احوال مخفي، آ عشاقن کي عيان.

۱- لعل ڦيريءَ ۾ لتيل، لشڪر حسن جو آهيان،
گڏيل گل ڦيريءَ سان، در منزل مقابل ڪاهيان.

۲- دل جو درد دل اندر، ٻاهر نہ ٻڌليون ڳوليان،
دوبدو درسن مَلهيو، وڌ راز ڪهڙو کوليان.

۳- مرد جو مَحو حسن، نيشان هڪ تنهنجو ڏيان،
هر دخل هر خرج ۾، وسريل فرق سُود وزيان.

۴- حسن جي شهباز ڪئي، مرغ عشق سان آجيان،
اڄ اڏئين اعجاز ۾، ڪئين باز وارن حاجيان.

۵- مهربان مرشد هٿان پيالا طهورا پيو پيان،
دردان مِليون دلداريون، بنده علي ڪان بي بيان.

كلام نمبر ۱۱۳

مطلع: رازِ حسن شهباز سجاتو، نقط نينهن كئي نرواري.

۱ـ صورت معنيٰ هردو هڪ آ، باغ بقا ۾ بزم بهاري.

۲ـ ناز اعجاز نياز سجاتو، مرشد بخشي خود مختياري.

۳ـ پنهنجي وصل لئي پاڻ فراقي، مامِ ملائي نرت نياري.

۴ـ مرد رهن مخمور مدامي، موجان ماڻن خيال خماري.

۵ـ "در" دامن سان پيوند پيڙا، قرب علي كئي قربداري.

مناجات با قاضي الحاجات

ڪلام نمبر ١١۴

مطلع: رس دلدل جا هسوار علي، رهوار روحي پُرنور ڪيو.

١ـ فوج فقر روحاني، نظر سان نروار علي،
محفل راز اندر منظور ڪيو.

٢ـ حاضر ناظر هر رنگ، صوفن سان سردار علي،
بره بخشش ۾ پرپور ڪيو.

٣ـ نازڪ نينهن نباهيو، همدم با حبدار علي،
دلي درسن کان نہ دور ڪيو.

۴ـ رمز رضا سان رليو، رفتار و گفتار علي،
در امر آمر مامور ڪيو.

۵ـ ”در محمد“ دل ۾، محو رهيو مهدار علي،
من محويت مخمور ڪيو.

مناجات باقاضي الحاجات

کلام نمبر ۱۱۵

مطلع: رَس شاهِ حسن شهباز علي، هنجھ عشق جا هم پرواز کيو،

۱- نينهن نظارا نازڪ علي لعل، ناز ملي در نياز علي،
هر همدل کي همراز کيو.

۲- رڱڻ روحيءَ ۾ رڱيو علي لعل، هر رنگ جا رنگساز علي،
سڪ سوز چِتا چؤباز کيو.

۳- سَڏان نفسي ساڙيو علي لعل، دود دلي دکن دراز علي،
عشق نارا جيئن انداز کيو.

۴- طالب مولا ماڻن علي لعل، عقل نوراً امتياز علي،
من عرف ۾ من ممتاز کيو.

۵- "در محمد" مليو علي لعل، حسن حقي اعجاز علي،
تَرڪ تِرُ تون موھ مجاز کيو.

آمين ثم آمين

مناجات با قاضي الحاجات

كلام نمبر ۱۱۸

مطلع: رس شاهِ نجف ننگپال علي، كل عاشق لا احتياج كيو.

۱ـ عاشق رنگ روحاني. قرب ملهائن كمال علي،
آباد فقر افواج كيو.

۲ـ بيرنگ بحر بره ۾. تبَنِ باقابر حال علي،
همخيال اندر امواج كيو.

۳ـ حال حسينيءَ ۾ حق، مرشد هادي لعل علي،
هر طالب مثل حَلاج كيو.

۴ـ مست ملنگ مخموريا، نينهن نشي ۾نهال علي،
منجهه محويت معراج كيو.

۵ـ شائق شبقدر جا، شوق ماڻن شوال علي،
'در' لعل پيا سر تاج كيو.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ۱۱۹

مطلع: رس شاهِ حسن شهباز علي
تين هضم دليون فوج خيال ڦٽيون.

۱ـ شاهِ مردان شير بهادر، داخل ڪر دراز علي،
جيڪي دست تنهنجي هن دليون جهٽيون.

۲ـ درد اجاريون دليون عاشقن جون، ساڙيا سوز گداز علي،
غم غير جليا اڪيون اندر پٽيون.

۳ـ چاهِ زنخ جا اجايل عاشق، بنديا ڪاڪل دراز علي،
حسن هوش نيا بوندان بره چٽيون.

۴ـ نينهن نباهي نور پسايو، نازڪ نازو غماز علي،
ڪيڏو قرب تيو ڄاڻون ڪيئن نہ ڄٽيون.

۵ـ صورت محمد مهدي آخر، معنيٰ هڪ آواز علي،
پڙلاءُ يڪي ٻوليون ٻيون ٻيون مٽيون.

۶ـ خيال چڪيون بادام شيون هڙ، منيون با ممتاز علي،
ڪڙيون ڦڪيون ڇهريون ڪاريون ڪٽيون.

۷ـ ناز نياز ۾ مام معراجي، پرت ڪيون پرواز علي،
لا وجود پيتيون بيخود مئي جون مٽيون.

٨۔ ساٿ سيئي اُٿو، سپرد سدائين، آهيون عرض پرداز علي،
قدمي ڪول رهون پيون وصال وٽيون.

٩۔ شوق حسن هڙ گھٽيون گھمايون، بازر بره بي انداز علي،
چوسول چارئي جتي سرن سٽيون.

١٠۔ ذات صفات ۾ سٿير سينگاريا، رنگا رنگ رنگساز علي،
وند وحدت سان ڪثرت کي ڪٽيون.

١١۔ غازي 'در محمد' ڪنڙا قربئون، عشق عينن اعجاز علي،
ڪپيل ڪنڌ ڪلن بازي بره ڪٽيون.

ڪلام نمبر ١٢٠

مطلع: رس صوفين جا سردار علي، همراز رهن دراز دليون.

١۔ بره بيراڳي بيحد، جهنگ جهر بر بازار علي،
هڪ روپ رنگيا هڙ ڳوٺ ڳليون.

٢۔ خيال خزان جو گذريو، ڪُليا باغ بهار علي،
ڏين بلبل پيا پڙڪي بانوليون.

٣۔ عشق حسن سان هڪ ٿيو، صورت ڪيا سينگار علي،
مِليون معنيٰ جون تڪيون تجليون.

٤۔ رنگ وحدت ڪثرت ۾، ڍهن نهن هر بار علي،
ڏسيو عشق جا يائر جنهن کي جهليون.

٥۔ دريا دل 'در محمد' موج ڪئي مهدار علي،
واديون وره سنديون هڙ وَهي هَليون.

ڪلام نمبر ١٢١

مطلع:رس صوفين جا سرتاج علي، آباد رهن دليون جڏيون

١ـ محبت سان مڙهجي رهون، داخل در افواج علي،
ذاتي ذوق اندر وکان وڏن وڏيون.

٢ـ حسن جمال جلال سان، عاشق لا احتياج علي،
وحدت پوش پهرايا سائل سڏيون.

٣ـ صورت معنيٰ هڪ تي، ماٿيو فقر معراج علي،
ڏنيون نينهن نيون وندي مفت مڏيون.

٤ـ اوج حسن ۾ عاشق ماڻن 'در' امواج علي،
اعجاز اوطاقان عشق اڏيون.

ڪلام نمبر ١٢٢

مطلع: رس شهنشاه محمد مير اچي، فوج فقر جون اُجار دليون.

١۔ شهنشاه صورت جا، صدقو سيد شبر شبير،
ميخان معنيٰ جون ڊولڻ ڪر نہ ڍليون.

٢۔ ملي درسن دل ۾، آه عشاقن عشق اُڪير،
منور محفل تئي پڙڪن بره بجليون.

٣۔ روحڪ روحي راز ۾، ملنگ ماڻن معراج غدير،
ڏيئي عشق مبارڪ خيال ڪليون.

٤۔ نفيءَ مان اثبات تيا، اسم دم سان فوج فقير،
رڳان جسمي لا جي جُريءَ چليون.

٥۔ 'دردان' هر صورت سان، بنده علي جي هڪ تصوير،
نروار ڪيون نظران نليون.

ڪلام نمبر ۱۲۳

مطلع: رس شاه حسن شهباز علي، ڪر هضم دليون جي تو جهڻيون

۱- نينهن نباهن نينن سان، آهيون عرض پرداز علي،
ماٺيون درسن دل خيبر ڪٽيون.

۲- اُجا چاه ذقن جا، بنديا زلف دراز علي،
بوندان بيهوشن تي بره چٽيون.

۳- محويت معراج ۾، پرن ريءَ پرواز علي،
ڪيا پرت پيتيون سي وصل وٽيون.

۴- ذات صفات سينگاري، عشق عينن اعجاز علي،
وند وحدت سان ڪثرت ڪٽيون.

۵- 'در محمد' مليو، همدم تيو همراز علي،
اڪيون عاشق جون از خود پٽيون.

ڪلام نمبر ١٢٤

مطلع: رس شاهِ نجف جا شاه علي
تازا حڪمُ هليا دليون ڇرڪ ۾ ڇليون

١ـ روح ريجهايون نچي نينهن لايون، ڳايون ڪلام الله علي،
ڇم ڇم ڇير جام ڏم ڏم درد ڍهليون.

٢ـ شاه شهيدان جذب جلوه ۾، نظر ڪئي ناگاه علي،
نيون نيون نوبتان باجوش جهليون.

٣ـ دود درد جا اُمالڪ اُبريا، پڙڪيا اندر آڙاه علي،
جليا جيرا ٻڪيون چاڙهيون عشق چلهيون.

٤ـ فوج حسن بافائق فالم، عاشق ڪتا ڪري ڪاه علي،
ڪيئي ڦٽيا ڪي ٻڌا خبران عام هُليون.

٥ـ موج حسن هر حد لاحد ۾، بحربقا بالله علي،
لوڙهيون لهرين ۾ وڏيون عشق اُليون.

٦ـ مام محبت معراج مدامي عشق ڪيو آگاه علي،
رمزان روحاني با خيال ڪليون.

٧ـ دم دم جر ڪيا دلين آئينہ، تازا ٿيا تخت گاه علي،
شم شم شيش محل سرخ و سفيد ڳليون.

٨۔ پير مغان جي پڪ برسايا، باغ بره وه واه علي،
ڏاليون ڏيهن ڪي هڙ مليون ري مُلهيون.

٩۔ اهلدلين خود خيال سجاتو، هڪ احد الله علي،
معنيٰ صورت جون ساڙيون پلڪ ۾ پليون.

١٠۔ يار سڳو دل ساه ۾ سيتو، هر دم آهمراه علي،
جيڪي يائن جدا اُهي دليون يُليون.

١١۔ نينهن نباهيو نور پسايو، عاشق صفي الله علي،
'در لعل' رتاوائون وصال گهليون.

كلام نمبر ١٢٥

مطلع: روح عاشق رلمل، اکين جي اغماز ۾

١ـ چشم چارئي مقرر مليا، هر دم منجھ هل چل.

٢ـ مار زلف جي دهن ۾ دل، جيئن گل ڇهنب بلبل.

٣ـ ناز نياز جو راز رنگينه، بره رليو بلکل.

٤ـ مرغ عشق شهباز حسن سان، پيوند ٿيو پلپل.

٥ـ بہ 'در محمد' لعل ملايو، هسوارِ دلدل.

ڪلام نمبر ١٢٦

مطلع: رهيو هر دم حق همراز علي، هجر هڪدم ويو وائون وصل ڳهليون

١۔ راڳ روحاني قوت ٿيو، ڳايون ڪلام الله علي
چم چم ڇير جام ڏم ڏم ڏهليون

٢۔ شاه شهيدان شوق سان، نظرڪئي ناگاه علي
نيون نوبتان نينهن با جوش جُهليون

٣۔ ڏُود درد جا اُبريا، پڙڪيا اندر آڙاه علي
جليا جيرا چاڙهيون عشق چُلهيون،

٤۔ ملنگ موج حسن ۾، بحر بقا بالله علي
تريا توڪل سان وڌيون عشق اُليون.

٥۔ پِڪ مغان جي پچايو، باغ بره وه واه علي
وندان وحدت جون مليون ري مُلهيون۔

٦۔ عاشق خود معشوق ٿيو، عشق ڪيو آگاه علي
رمزان روحاني در خيال ڪُليون

٧۔ هڪ سان هِڪ ٿيا عاشق هڪ احمد الله علي
دوئي ڏُخل پٽيو خبران هليون۔

٨۔ "در محمد" مليو مرشد صفي الله علي،
پڳيون هڪ پَل ۾ جسمي پُليون

ڪلام نمبر ١٢٧

مطلع: رهن لاغرض تا سدا سونهن وارا
حسن جي ڏسڻ لئي سڪن سوَ ويچارا.

١- ڪٽي نيڻ نازڪ ڪلي دل ڪسن تا،
چوري لعل لبڙا گويا ڪجھ ڏسن تا،
مگر ڪير سمجھي اٽانگا اشارا.

٢- عشاقن ڪي سهڻن سندا ناز سهڻا،
شاهي شوق دل جا نہ ڪنهن ڊاوَ ڊهڻا،
حسن جي شمع ۾ جليا پتنگ پيارا.

٣- ذاتيءَ سان صفاتي بني آه بازي،
حقيقت جو نقش بعينہٖ مجازي،
وڃن هر طرف پيا وحدت جا نقارا.

٤- دليون 'در محمدؐ' ڏنو دوست دلبر،
رنگارنگ رمزن ڪيو موہ مضطر،
رهيا ڪين يڪسان نازڪ لڪ نظارا.

کلام نمبر ١٢٨

مطلع: ساقي سرڪ پيار، نشو نينهن نسنگ ٿئي

١۔ پاڻ سجاپي پاڻ ۾، سائي سرت سيڪار.

٢۔ جلوه حسن جمال سان، دم دم مار جيار.

٣۔ سر جو سودو ساب پئي، دربرهٔ بازار.

۴۔ عشق اعجاز علي سان، بنده علي بِيهار.

۵۔ دل ملائي "دُر" سان نيٽڻ ساڻ نهار.

ڪلام نمبر ١٢٩

مطلع: ساقي سرڪ پياريو دم سائل جو سڌاريو

١ـ مجنون مست ڪيو ليلي سان، ملي اعتبار امر دم دم سان،
صادر صورت تئي معنيٰ جان، جسمئون ڌار جياريو.

٢ـ بخشيو ذوق زليخان وارو، مجن ساهيڙيون نينهن نظارو،
ڏسن يوسف جو حسن هاڪارو، ڏور محويت ڏياريو.

٣ـ وجي وصل ۾ فرق فراقي، در تي ماندو آه مُلاقي،
ملي درسن دوست ميثاقي، ڪولي نقاب نهاريو.

٤ـ سامهون سر سجده ۾ ڌريان، اڪبر حج ادائي ڪريان،
پرپٺ پيو ٿو ڪلمہ پڙهيان، قربئون ڪول ويهاريو.

٥ـ دامن علي "دُر" ناز ديواني، پائي پيوند جڙيو جاني،
ڪول يڪي ڪيو ٻيڙي ٻانهي، دَر تان ڪيم ڌڪاريو.

ڪلام نمبر ١٣٠

مطلع: ساقي پياري جام، خاص خمر ۾ خيال خماريو،
محبت سا ڏئي مام، قربون پنهنجي ڪول ويهاريو.

١ـ شوق شنهشہ رنگ رسايو، تخت ترڪ ڪري بر وسايو،
پنهنجو ڏئي پيغام، اهلدلين جو اندر اجاريو.

٢ـ صورت معنيٰ معنيٰ صورت، ساڳي صورت ساڳي مورت،
علي پاڪ امام، من عرف جو سبق سيکاريو.

٣ـ ترڪ وجودي ظاهر ذاتي، نام نفي جو ٿيو اثباتي،
فوج حسن هنگام، محويت جو ملڪ ڏيکاريو.

٤ـ سائل ڪي خود سخي سڏايو، خاص خلوت ۾ گهوٽ گهمايو.
مگٽهار مدام، نيڻن جو نيشان نهاريو.

٥ـ رمز روحي سُر ساز رچايو، نسنگ ناز نياز نچايو،
"در" آغاز انجام، بنده علي اعجاز ڏيکاريو.

ڪلام نمبر ١٣١

مطلع: سائل سڏي ساقي پياري سرڪ هڪ پئمان ۾،
آجيان ڪئي عشق مان محفل سڄي مئخان ۾.

١ـ ساقيءَ جڏهن پاتو ليو نينن جي نازن سڪ نيو،
جلوه حسن جاذب ٿيو، دل پئي زلف زندان ۾.

٢ـ ناتو ڳنڍيو سين خود اچي رمزن اندر پيو رنگ رچي،
نينهڙو نباهيو سون نچي فائق چيو فرمان ۾.

٣ـ رنگ عشق جي اسرار جا درسن حسن ديدار جا،
هرهڪ اندر هڪ يار جا جلوه جدا جند جان ۾.

٤ـ نحن اقرب ساه سان گڏ شاه صفي الله سان،
ماٽيو موجان وه واه سان، "در" بحربي پايان ۾.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ١٠٣٢

مطلع: سائل سخي سڃاتو، سنبريل سوال ۾،
معراج دل ملهايو، شائق شوال ۾.

١- سلطان تيو سوالي، معنيٰ ماڻين موالي،
صورت ڪئي ڪمالي، جلوه جمال ۾.

٢- مطلوب در مطالب، محبوب سر مخاطب،
مجذوب محو جاذب، جذبہ جلال ۾.

٣- نر نينهن پيا نباهِن، سردار تي سنباهِن،
خاوند خوديءَ جا اهن، بيخود خيال ۾.

٤- هر بار ناهيون ڊاهيون، هوشيار ناهيون ناهيون،
حصيدار آهيون آهيون، موهن جي مال ۾.

٥- ڏيهن اڳيان ڏنا تيا، محبوب وٽ مٺا تيا،
قربان سر ڪُٺا جيا، مهدي مثال ۾.

٦- بنده علي اجاريو، پيالو طهور پياريو،
"دردان" ماري جياريو، رنگيل رومال ۾.

كلام نمبر ١٣٣

مطلع: سالڪن سڪ سان سجاتو، حڪم حيدر پير جو،
پنهنجي مورت ۾ ملهائن، روح محمد مير جو.

١ـ قلب ۾ تجلو مليو، رخ محويت تصوير جو،
معنوي محل وسيو، تيو ڪم ختم تعمير جو.

٢ـ عين مطلب ۾ مطالب، طلب ڪيو تطهير جو،
طالب و مطلوب هڪ تيو، ويو فرق تفسير جو.

٣ـ حسن پنهنجي ۾ وصل، ماڻي فرق فقير جو،
تو شهادت ۾ رسائي، شوق شاه شبير جو.

٤ـ زاهد ظاهر عمل ڏس، طلب جي تاثير جو،
تيو شمع پروان شمع ۾، پل نہ پيو تاخير جو.

٥ـ عشق ناراً ۾ جليو، ٽرتون تخم تقصير جو،
حسن هٿ هر معامل، تدبير يا تقدير جو.

٦ـ خم غديري عيد لئي، تيو امر نينهن نصير جو،
ارڙهين حج ميل مقرر، سڪ وارن سان سير جو.

٧ـ "در محمد" پاڪ پياريو، جام وحدت وير جو،
ناز مان نعره لڳو، اعجاز سان تڪبير جو.

ڪلام نمبر ١٣٤

مطلع: سڀ صورتان ان ڪي عيان، جيڪو پنهنجي معنيٰ پسي،
مصداق موتو قبل جو، من عرف جي رتبه رسي.

١- العقل نوراً في القلب، خاطر نه ٻيو خطرو ڪسي،
هر رنگ اندر خود خيال سان، هٽ ڪئي حڪومت هرڪسي.

٢- عاشق سڃاڻن صاف پيا، ابرو اشارو ڪئين ڏسي،
دلدار جي ديدار لئي، دم دم طلب طالب تسي.

٣- جيئن جاڳندي جنگشن جشن، چالاڪ منجھ چسڪي چسي،
تيئن خواب ۾ مخدوم ڪي، خادم دٻائي ٿو دسي.

٤- شيشي اندر جو بند شمع، پروان پسيو پيو پر گسي،
ماٺي نه موقع محويت، بيهاريو ڪنهن پروسي،

٥- اظهر علي اعجاز ڪر، محلئه فقر سارو وسي،
شهباز سان پرواز ۾، "دردآن" پيو دل سان هسي.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ١٣٥

مطلع: سردار صورت معنوي، ممتاز مورت ۾ مليو،
معشوق عاشق عشق هڪ، اعجاز مورت ۾ مليو.

١۔ لعل و سفيد و سياه رنگ، همرنگ رهيو رنگساز سان،
احمد علي الله هڪ انداز مورت ۾ مليو.

٢۔ شهباز پر پرواز سان، بيپرِ مرغ ۾ محو ٿيو،
هر سير سر انجام سان، آغاز مورت ۾ مليو.

٣۔ دردِ فراق و حِظ وصل، معدوم ٿيو موجود ۾،
نازو نيازِ رازِ دل، همراز مورت ۾ مليو.

۴۔ لشڪر محمد لعل سان، نروار ٿي نيبھ ڪيو،
دامن علي سان دربدر، "در ناز" مورت ۾ مليو.

آمين ثم آمين

كلام نمبر ١٣٦

مطلع: سردار آيو سينگار كري، سردار چمان يا سينگار چمان

١ـ آيو عاشق وٽ معشوق هلي، فكر فراق ويا واءُ وصال گهلي،
محفل حسن ملي درسن كليا دلي، دربار چمان يا ديدار چمان.

٢ـ دل شكار كئي شهباز حسن، اغماز عينان اعجاز حسن،
روحي راز وندبو رنگساز حسن، رخسار چمان يا چپ چار چمان.

٣ـ اعتبار اسپ ڏو پار مليو، مُكي منزل هر معيار مليو،
معراج مَلهيو مهدار مليو، انوار چمان يا اسرار چمان.

۴ـ كيا نظر ناظر منظور ملنگ، محو محبت ۾ مشهور ملنگ،
مئي بي مخبر ٿيا مخمور ملنگ، گفتار چمان يا رفتار چمان.

٥ـ قابل قرب حسن ۾ كامل ٿيا، داخل دامن علي ۾ عامل ٿيا،
دلي دان "دردآن" سان شامل ٿيا، حقدار چمان يا حصيدار چمان.

شعر نمبر ۱۳۷

مطلع: سردار کري آيو سينگار صحن ۾
نينن نواز نازک نروار سخن ۾.

۱ـ بي مثل لڏو مثل مکاندار حُبن ۾،
موجود خدا دل جو خريدار حسن ۾.

۲ـ مُرغانِ عشق يکجا آشکار لکن ۾،
شهباز حسن کي اچ آشکار ٻکن ۾.

۳ـ خود خيال سان هم خيال تيو اعتبار پَون ۾،
هر جنس سان هم جنس تيو هوشيار سَون ۾.

۴ـ هڪ امر جدا فهم سان کمدار کمن ۾،
بيوطن جان تيو خود مختيار وطن ۾.

۵ـ هر ناز کان نياز جو وڌ بار وزن ۾،
دل ساڻ "در محمد" صدبار مزن ۾.

ڪلام نمبر ١٣٨

مطلع: سرمست صوفي سردار آهن، هر مظهر جا مختيار آهن

١ـ رنگ رندي رِند رچائن ٿا، مچ محبت منهِ مچائن ٿا،
نسنگ نينهن اندر نچائن ٿا، ماٽيا دل درسن ديدار آهن.

٢ـ مُرڪ مامر ۾ ڏين ممتاز مٽيا، ڳڻ ڳوپڙ سان نہ انداز ڳٽيا،
چالاڪ چشمر چوباز وٽيا، بخشيا خوبن خوب خمار آهن.

٣ـ اعجاز حسن جي اندر جي، آواز سوال سڪندر سي،
شهباز شيراز قلندر ڪي، رنگساز روحي رهوار آهن.

٤ـ بت پرست ڪڏهن بتخانہ ۾، مئي نوش ڪڏهن ميخانہ ۾.
عاشق عشق سندي ايوانہ ۾، ڪٿل اڪين جا اظهار آهن.

٥ـ ڪڏهن بيدل بيڪس بلا بالا، ڪڏهن "در محمد" علي اعليٰ،
حامي حسن حسين نصير نالا، نينهن نباهڻ ۾ نروار آهن.

آمين ثمر آمين

ڪلام نمبر ١٣٩

مطلع: سڪي جنهن لئي سدائين دل، اهو دلدار آيو آ،
ڪيان شاديون ۽ شڪرانه، عرض ڏولڻ اگهايو آ.

١۔ سڄڻ جي سونهن سان روشن، سراسر ڪل ڪچهري تي
خوشيءَ سان عاشقن از خود، اناالحق گيت ڳايو ا.

٢۔ حسن جو ناه جو گهورو، اهو انسان ئي ناهي،
گذارڻ ڏار ڏولڻ ڪان، دنيا اندر اجايو ا.

٣۔ ڪٽي نينان نزاڪت جون، جڏهن خوش تي ڏسي سهٽلِ،
ڪرڻ صدقو خرانه سر، سوڏو تنهن تان سجايو ا.

٤۔ آهين "در دان" دريائي، ڪنهن چولي ڪڍي سٽُيئي،
رضا مان ره سدا راضي، جيئن قادر ڪرايو ا.

نوٽ: هن ڪلام چوڻ سان چپ چپ سان ڪونه لڳندو.

کلام نمبر ۱۴۰

نوٹ: هي کلام بغير نقطہ آهي.

مطلع: سور وارو سک علم اسکول سک ۾ رهہ مدام،
حوصلہ رک کر معلم اسدالله اول آ امام.

۱۔ حرص هکدم کر عدم، وهلہ وکر عمدو وهاءِ،
آل آدم عدل وارا، رک اکر علي الدوام.

۲۔ رو محرم ۾ ادا، مسلم مگر هر مهل رو،
درد دک ۾ هر طرح رهہ سک ۾ سهہ سورهہ ملام.

۳۔ آس رک الله واحد، سک سدا آلِ رسول،
ماد کر هر وهم طلسم کر عطا مهرِ عوام.

۴۔ سوال گهر درگاه احمد، "در محمد" وار وار،
سرورِ سرکار کامل، کر کرم حاصل کلام.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ١٤١

مطلع: شاهہ حسن اعليٰ سرڪار، عشق جو هر اسرار ڏيکاريو.

١ـ شاهہ حسن خود خيال ملايو، قبل ماضيءَ ۾ حال ملايو، جلال جمال ڪمال ملايو، بيخود بخشيو خوديءَ خمار روح جسم ڪان ڌار گذاريو.

٢ـ شاهہ حسن هر رنگ رسايا، لاحد عشق ۾ دنگ ڏسايا، نينهن نواز نسنگ پسايا، دل سمجهو هر هڪ ديدار نظر نيڻن نروار نهاريو.

٣ـ نور سفيدي محل سياهي، ساڳي صورت مورت ماهي، پاڻ شهنشاهہ پاڻ سپاهي، نقط مان تي احد اظهار دل تان دوئي جو بار ڏڪاريو.

٤ـ خيال مَلهائي موج ميثاقي، اوج وصالي فوج فراقي، حِظ محبوبي درد عشاقي، هڪ صورت جي هر سينگار معنيٰ ۾ معيار ڏيکاريو.

٥ـ شاهہ نصير جو شان سجائي. مشتاقن موجودگي ماڻي، قرب ڪريمي پاڙئون جاڻي. هر محل مرشد مختيار، اک ڇنڀ ۾ آشڪار اجاريو.

٦ـ شامل شاغل شاهہ شهيدان، مارن جيارن دم دم ديدان، قتل عشاقان عشق جون عيدان، هر درباري در دربار امر نهي اقرار وساريو.

٧ـ "دُر" در دامن عليءَ الا عليٰ، مڙهيو لعل محمد مولا، بره بخشيا شاهي شعلا، قدح ڪوثر مهدي مهدار سائل کي سرشار پياريو.

ڪلام نمبر ١۴٢

مطلع: شاه حسن معراج مَٽايو، نقط نينهن ڪئي نرواري

١ـ صورت مورت مام سجاتي، حد دوئي وحدت ويساري.

٢ـ پنهنجي وصل لئي پاڻ فراقي، سُرت سينگاري نرت نياري.

٣ـ طلب طالب مطلوب مِلايا، مرشد ماڻي خود مختاري.

۴ـ بيرنگ باطن ظاهر رنگ سان، حڪم حسن جوهر جا جاري.

٥ـ دامن عليءَ ۾ موج مَلهائي، ”در محمد“ مهديءَ واري.

ڪلام نمبر ١٤٣

مطلع: شاهِ شهيدان شوق سان، ڪئي لعل خود بيخود بزم
معشوق عاشق گم ٿئي، هڪ عشق ٿيو ثابت قدم.

١ـ موجودگي محبت ملي، محڪوم ٿيو حاڪم حڪم،
محفل حسن قربان پتنگ، عاشق ساڳي صورت صنم.

٢ـ ستين سرن ۾ سر اگهيا، ڪليل بره بازر گرم،
سودا سروپا ساب پيا، پڳ پرت ماٿين منتظم.

٣ـ فرمان ماذاغُ البَصَرُ، سمجهي رهيو لدني علم،
تارڪ وجودي ترڪ سان، معنيٰ و صورت ڪئي عدم.

٤ـ بيرنگ بحر هر رنگ اندر، ڪئي موج مبدل دمبدم،
عشق و حسن جي اوج جو، فوج فقر ماڻيو فهم.

٥ـ اعجاز سان همراز دل، آزاد از اسم و جسم،
بنده علي جي عشق ۾، دم "در محمد" ٿيو هضم.

ڪلام نمبر ١۴۴

مطلع: شاه حسن عاشق ڏسي، پروان تيو پرواز ۾،
ابرو اشاره جي اندر، انجام تيو آغاز ۾.

١ـ ڪيو نيم بسمل يڪ نظر، ترڦي دل زير و زبر،
اطبابنيا سڀ بيخبر، امراض جي انداز ۾.

٢ـ بيخود خودي ڪان خيال تيو، بيحال حال نهال تيو،
دل جو مرغ هر حال تيو، شامل حسن شهباز ۾.

٣ـ هن بره بيرنگ جو بيان، ڪهڙو ڪري ڪهڙو ڪيان
مخفي حسن جان تيو عيان، رلمل رهي دل راز ۾.

۴ـ "در" جو عقيده خاص آ، نا عام ڪي احساس آ،
شاهد سيد عباس آ، بنده علي اعجاز ۾.

آمين ثم آمين.

كلام نمبر ۱۴۵

مطلع: شامل حسن شهباز ٿيو، پرواز ۾ پُر پيار سان،
چاه ذقن مان آب چوسيو، مرغ دل منقار سان.

۱۔ ماري جياريو مرد جو، نينن نظر نروار سان،
شاه شهيدان ٿيو ڪنل، ابروءَ سندي تلوار سان.

۲۔ در محويت محبوبيت، مخمور خود خمار سان،
دم دوبدو دلدار جي، دوئي جو مزو دل ذار سان.

۳۔ ريجهي رهيو رهوار دل، دلدل سندي هسوار سان،
ذڪر و فڪر جي حد ٽپيو، عاشق اسب اعتبار سان.

۴۔ طالب مولا ممتاز ٿيو، اعجاز جي اختيار سان،
تارڪ ڪرامت ڪشف جو، ڪئين دل ڳنڊي دينار سان.

۵۔ معشوق عاشق ۾ محو، بنده علي بازار سان،
خوشدل بنيو خود عشق ۾ "دُر" لعل جي واپار سان.

کلام نمبر ۱۴۶

مطلع: شعلي حسن شهباز ۾، اچي عشق جا پروان پچن،
پلپل پتنگ پرواز ڪن، موتو مري جي منجهہ مچن.

۱۔ اعجاز اکين سان پڙيا، ڪثرت اندر وحدت وچن،
اغماز ابروءَ جا اُڌايل. عرش ڪان اڳتي اچن.

۲۔ اَلعقل نوراً في القلب، هوشيار مستيءَ ۾ مچن،
العشق نارن ۾ جلي، يبقيٰ وجہ باقي بچن.

۳۔ موليٰ علي مقرر ڪيا، ماٺڪ منجهان ڪوڏن ڪچن،
صدمات سي سوغات ڪن، پرڪيو نہ تن ڪي پاڙيچن.

۴۔ سردار سان سندرا ڪيون، نادان نوڪر ٿا نچن،
بي سود بازيون بزرگن، اڳيان اڏيون پوڙن پچن.

۵۔ دامن عليؑ ۾ دل مڙهي، رند رنگ روحيءَ ۾ رچن،
در لعل "در محمد" محو، سر معنوي سمجهيو سچن.

ڪلام نمبر ۱۴۷

مطلع: شغل حسن شهباز، مرغۂ عشق وريا واهري

۱۔ فوج قلندر ڪڏندڙ فرشين، مهل ساڳئي منهن اُڏندڙ عرشين،
ريءَ پرين پرواز، ڪامل ڪن تا قالب ڪيري.

۲۔ مرشد سان معراج ماڻيا سي. محبت ۾ محتاج ٻڌيا سي،
راز نياز و ناز، روشن رهيو واصل ويري.

۳۔ موھ مجاز ۾ ملنگ نہ مايا، گهور حقيقي حسن سان گهايا،
اکين جي اغماز، ڏسيو ڏيھ دماغي ديري.

۴۔ محمد لعل ملي محفل ڪئي، مرڪب مقصد طئي منزل ڪئي،
هر رنگ ۾ رنگساز، ٻيئو بيرنگ عڪس اُڪيري.

۵۔ ڪول ڪيو "در" لعل قلندر، وارث وينو اندر ٻاهر،
حيدر علي اعجاز، سرڪ پياري صبح سويري.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ١٤٨

مطلع: شغل حسن شهباز، جهڙي جهرڪي جهام ۾ ميان،
هردو همپرواز، شاغل صبح و شام ۾ ميان.

١- جهرڪيءَ لئي شهباز تي آيو، طالب ۾ مطلوب سمايو.
اثباتي آواز، نينهن نفي ڪيا نام ۾ ميان.

٢- خمر حسن شهباز خماريو، مرڻ جيئڻ منجھ ڏاج ڏياريو،
دم دم سان دمساز، ڪاج ڪيو قتلام ۾ ميان.

٣- مير محمد لعل ملايو، عبديت احوال ملايو،
مليا ناز و نياز، احديت انعام ۾ ميان.

٤- بخشيو مرشد علي منبر تي، ارشادِ دم قلب قنبر تي،
آندو عشق اعجاز، محو امام غلام ۾ ميان.

٥- رمز رهبر هر رنگ رچايو، نينن ۾ نروار نچايو.
علحده آغاز، ملي آيا انجام ۾ ميان.

٦- مالڪ ڪربل حظ مخموري، سمجهايو سِر حڪم حُضوري،
مائل تيا ممتاز، هام حسن هنگام ۾ ميان.

٧- ملڪ گل مفقود ڪيو سي، مالڪ دل موجود مليو سي،
بُعدبي انداز، قرب تيا هڪ ڪام ۾ ميان.

۸۔ دم وجودي عدم وجودي، طالب مولیٰ لا مقصودي،
شائق شاه حجاز، تارڪ ترڪ تمام ۾ ميان.

۹۔ طلب صفاتي مام مماتي، طالب ذاتي حال حياتي،
همرازِ هر راز، دم مطلوب مدام ۾ ميان.

۱۰۔ تخت ترڪ ڪيو طلب تونگر، نينهن نوشابان سڪر سڪندر،
صاحب سوز گداز، پرکيو ويو پيغام ۾ ميان.

۱۱۔ عاشق پاڙن عهد الستي، ماڻن دلبر دست بدستي،
مثل محمود اياز، مليل مهلت مام ۾ ميان.

۱۲۔ "در محمد"مهدي مقرر، حاضر ناظر مليو منور،
چشمن سان چوباز، خاص سڄاتو عام ۾ ميان.

کلام نمبر ۱۴۹

مطلع: شهباز حسن جي بزم ٻٽي، اعجاز اڏاريا خيال ڪٽي

۱۔ فوج فقر ۾ موج ملائي، لعل قلندر گهوٽ گهٽي۔

۲۔ هر هڪ دل جو ملڪ لٽيو، فوج حسن آئي هام هٽي۔

۳۔ ملي معنيٰ صورت سينگاري، وسريا سُر مان سيند ڦٽي۔

۴۔ خام خطري ڪان عاشق آجا، رمز روحاني واه وٽي۔

۵۔ جهنڊه علي جي جلوه جهٽيو، گهر گهر ۾ گڏ گادي ڏٽي.

کلام نمبر ۱۵۰

مطلع: شهنشاه رکو دلشاد اچي، نظر نينهن کيو روحي رنگ رچي

۱۔ بره بازر ۾ چوسول گهٽا، گهٽيون کهڙيون گهمان جيئن وارث وٽا،
ملي درسن دل ۾ ڏمال هٽان، عاشق اکين ۾ نروار نچي.

۲۔ اول فوج فراقي جوش کيو، وري اوج وصالي هوش نيو،
ويتر راز محرم روپوش ٿيو، پيڙو پورن ۾ پئمال پچي.

۳۔ ساڳي صورت ۾ دمساز کيو، اعجاز علي همراز کيو،
مرغ عشق حسن شهباز کيو، اُڏن کنگ کلئي چمن باغ بچي.

۴۔ "در" دامن علي سان سبيل رهي، نظر پاڪ پيرن ۾ مليل رهي،
سائل ساڻ سخي منهن کليل رهي، حسن همدم ٿئي محبت مال مچي.

آمين ثم آمين.

كلام نمبر ١٥١

مطلع: صدبار ڏيو مبارڪ سهڻل آيو صحن تي،
سر ساه مال صدقه نازڪ بدن سجن تي.

١ـ اکين جي فوج اڳيان دردي دليون غنيمت،
گڏ تيا عاشق اجارا، چستون چاه ذقن تي.

٢ـ هڪڙو لبن تي لالي، پيو سينڌ سرخ رنگي،
تيون زلف سياه سهڻا، سونهن ڳاڙهن ڳلن تي.

٣ـ دلدار دلربا جي، رفتار رمز پريل،
گفتار مُرڪ واري، سونهين سنهن ڏندن تي.

٤ـ دلڙي ڏنم بعيانه، سر ساه مال ڏيندم،
پر يار پيار سان جي بوسه ڏئين لبن تي.

٥ـ دلدار "در محمد" کي يڪبار پاءِ پاکر،
راضي رهي خدا خود اهڙن سڄن ڪمن تي.

ڪلام نمبر ١٥٢

مطلع: صورت سندو مشتاق مقرر، معنوي محتاج ٿيو،
الفقر فخري ۾ وجودي. عدم هر احتياج ٿيو.

١ـ منور حسين مرشد اندر، ميسر روحي معراج ٿيو،
نينن نوازيو تختِ دل، تجمل طبَع تاراج ٿيو.

٢ـ شائق حسن شيدا گداگر، شهنشه افواج ٿيو،
در بحر بيخود باخودي، عارف بهر امواج ٿيو.

٣ـ اختيار هوندي عاجزيءَ سان، ڪاملن جو ڪاج ٿيو.
منجھ هار ماٺي جيت جن، هيٺن ڪان ڏاڍن ڏاج ٿيو.

٤ـ هر زهر زنگ زائل اتي، محبت جو جت ميناج ٿيو،
ننگپال سعد و نحس سان، نت نينهن جو نيپاج ٿيو.

٥ـ ڪوئي قطب ڪو غوث "دُر" حاصل ڪنهين هنگلاج ٿيو،
دامن علي داتا قلندر، سڀ سندو سرتاج ٿيو.

كلام نمبر ١٥٣

مطلع: طالب ساز سرود كيون، مر كلن احوال عشاقي

١ـ درسن حسن حسين پسايو، شروع مدح مولود كيون،
پاڙيا سخن موهن ميثاقي.

٢ـ گيت اناالحق بيخود ڳائن، هٿ محل محمود كيون،
ماڻن قتل ۾ وصل فراقي.

٣ـ وهم دوئي وريام وسارن، وحدت اندر ورود كيون،
عشق حسن سان تيا اوطاقي.

٤ـ منعرف معيار ملهائن، موتو وارا مقصود كيون،
مليا موهن سان ملنگ ملاقي.

٥ـ "در محمد" دامن علي سان، معنيٰ ۾ موجود كيون،
خيال خماريا صورت ساقي.

کلام نمبر ۱۵۴

مطلع: طالب طلب تسليم ڪن، مطلوب خود مختيار ٿيو،
موجود ساڻ وجود هر، عاشق عدم اختيار ٿيو.

۱۔ مَن عَرفَ مان موتو قبل. اسرار دم اظهار ٿيو،
درڪار دل دلدار جي، همدم سدا حبدار ٿيو.

۲۔ گفتار مان رفتار سان، ديدن اندر ديدار ٿيو،
اعتبار دل اعجاز سان، دم ناز ۾ نروار ٿيو.

۳۔ سودا سرن جا ساب پيا، وحدت اندر واپار ٿيو،
سود و زيان وسريا پئي، هڪ ياد دل ۾ يار ٿيو.

۴۔ هڪ عشق جا عاشق هڻئي، هڪ ساڻ هڪ حقدار ٿيو،
مشغول شاغل شغل هڪ، هرهڪ جدا حصيدار ٿيو.

۵۔ جيڪو جزو ڪُل ۾ مليو، ساڳي صورت ستار ٿيو،
دامن علي سان "در محمد"، گل حسن جو هار ٿيو.

ڪلام نمبر ۱۵۵

مطلع: طالبن سان طلب ۾ مطلوب شاه مردان مليو،
رمز روحانيءَ اندر شامل شاهِ شاهان مليو.

۱۔ محو مرشد طالبن ۾ حسن جلوه جان مليو،
جيئن شمع جي شعاع ۾ پرواز هر پروان مليو.

۲۔ عشق جي اعجاز سان مرسل بہ مشتاقان مليو،
معنوي مورت ڪلي ذاتي صورت سلطان مليو.

۳۔ مالڪ دل ميزبان سان، هر ملنگ مهمان مليو،
عشق امداديون ڪيون، هر درد جو درمان مليو.

۴۔ تارڪ هر دوجهان دلبر جي درسن سان مليو،
نظر نينن جي نوازيو، قرب باقدمان مليو.

۵۔ صفي الله ساقيءَ هٿان جن ڪي پرت پيمان مليو،
"در محمد" دل ۾ تن نشو نينهن جو نيشان مليو.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ١٥٦

مطلع: طلب طالب ڪري کھڙي، سينہ مطلوب ساميو
حڪم هر جا هلي هر رنگ، جيئن رهبر رکي رايو.

١ـ اچي تيو عشق اوطاقي، درد جا ڏُود ڏُکرايو،
مِليو معشوق عاشق ۾، حسن جي چاش چکرايو.

٢ـ ڪرشمہ ڪربلا اندر، جشن مالڪ ملهارايو،
غازن در غمزهِ وحدت، مُلڪ ڪثرت مچارايو.

٣ـ مليا پرديس ۾ ديسي، وحدت پوشاڪ پهرايو،
جسم ڪان دم جدا جالن، لاوان با اسم لارايو.

۴ـ ڏسڻ وحدت شهوديءَ سان، سجاڻپ صاف سمجهايو،
وطن وحدت وجوديءَ ۾. رهت موجود ريجهايو.

٥ـ محمد لعل "در" دامن، علي اعجاز آڻايو.
مِليو سرتاج صورت سان، مورت معراج ماڻايو.

ڪلام نمبر ١٥٧

مطلع: طئي ڪجن دل جون مُرادان ڪيئن رٿان رتيم وڏيون،
عين مقصد اٿ گهريو تيو جنهن وساري سپ چڏيون.

١ـ پاڪ پيارل خود پسائي محو تيو عاشق اندر،
رمز روحي رد ڪيونِ نفسِ اماره جون رڏيون.

٢ـ شهنشاه حسن ڪئي شفقت شاهاڻي شوق سان،
هر سپاهيءَ جي صحن ۾ عشق اوطاقان اڏيون.

٣ـ سيف ابروءَ جا ڪنل نعرا هڻن نيزن مٿان،
نظر نينن مثل جياريا تيون روشن دليون جڏيون.

٤ـ عاشقن تي يار يڪدم حڪم حُر وارو هلاءِ،
شهر هڪ گهٽيون گهٽيون جنهن سان ملين تنهن ڏي لڏيون.

٥ـ ظاهري رنگ ترڪ تئي تان باطني بيرنگ ملي،
سَر ڏئي سَر ساز تي گهرُ گهورَ سرمياه مڏيون.

٦ـ "در محمد" لعل ڪيو، قابو اندر دامن علي،
امر اعجاز علي سان تنهن ڪي سائل تا سڏيون.

ڪلام نمبر ۱۵۸

مطلع: عاشق علي آڻايو، اعجاز عشق ۾،
معشوق ساڻ مليو، آواز عشق ۾.

۱۔ ڇاتيءَ ۾ پائي جهاتي، صورت مورت سڃاتي،
مرشد جي مام ڄاتي، ڇو باز عشق ۾.

۲۔ دل جي پکيڙي ٻوليو، پرواز راز کوليو،
شائق شڪار ڳوليو، شهباز عشق ۾.

۳۔ حظ حسن ۾ داخل، مصداق پاڪ ڪربل،
ناز و نياز رلمل، همراز عشق ۾.

۴۔ منظور نظر ناظر، همدم هميشہ حاضر،
مليو انجام آخر، آغاز عشق ۾.

۵۔ مخمور مست ساقي، بخشيو خمار باقي،
ازل و ابد ملاقي، انداز عشق ۾.

بنده علي بدر سان، معراج شبقدر سان،
مخبر بنيو خبر سان، "در" ناز عشق ۾.

کلام نمبر ۱۵۹

مطلع: عاشق ره آگاه، عشق اندر آواز اٺاريو

۱۔ عاشق خود معشوق ٿيو، کلي نظر نگاه
عشق سبق اعجاز سيکاريو.

۲۔ دلي مراد وڏائي، نيٺن واري نگاه،
ناز نياز ۾ راز ڏيکاريو.

۳۔ ناچو نينهن نچايا، شوقون شاهنشاه
سپ سپاهي ساز سينگاريو.

۴۔ دامن علي ۾ سيتو، "در محمد" ساه،
خيال حسن شهباز اُڏاريو.

ڪلام نمبر ۱۶۰

مطلع: عبث زندگي عجيبن ريءَ، رڳو عيدان ٻئي چا ھِن،
نظر جي نا اچي دلبر، تہ پوءِ ديدان ٻئي چاھِن.

۱۔ هجي زاھد توڙي عابد، دلق پهري ڪٽي رندي،
ڏنو دلبر نہ جنھن دل ۾، دين و ايمان ٻئي چاھِن.

۲۔ سھڻي جي سونھن جو پرتو، پيو شمس و قمر تي آ،
رھيا ھر دوجھان روشن. زمين و آسمان ٻئي چاھِن،

۳۔ آھن مشتاق موھن تي، پريون حوران چاھي غلمان،
خدا خود آہ عاشق تيو، جن و انسان ٻئي چاھِن.

۴۔ ڪري اقرار "در محمد"، صنم ھمدم گذارڻ جو،
ڪرڻ قربان تنھن تنھن تان، سرو سامان ٻئي چاھِن.

ڪلام نمبر ۱۶۱

مطلع: عجائب رنگ رمزن سان بنيو بي انت بازيءَ جو،
حقيقت جي مٿان نالو، معين ٿيو مجازيءَ جو.

۱۔ وئي ٿي نيستي هستي، بني ويران مان وستي،
رٿي آيو زبردستي، مالڪ حد بي اندازيءَ جو.

۲۔ الستي رنگ رٿيل ڪنهن لئي، فنا باقي بنيل ڪنهن لئي،
ابد ڪنهن لئي ازل ڪنهن لئي، سبب ڪهڙو درازيءَ جو.

۳۔ ڪڏهن هندو پائي جٽيو، ڪڏهن مسلم بنده بٽيو،
ڪڏهن ڪنهنجو ڪونهي جٽيو، عجب هن بي اندازيءَ جو.

۴۔ ڪڏهن احدون ٿيو احمد، ڪڏهن محبوب "در محمد"،
ڪڏهن عاشق مقيد بند، ڪري آواز آزيءَ جو.

شعر نمبر ١٦٢

طرح ڏنل ظفر علي فقير

مطلع: عشق جي ايوان ۾ لتڪيل سِريون ڏڙ ڏار ڏس،
ٿيا مري جيئرا وري ساڳي صورت سردار ڏس.

١۔ ڪاپڙي پهتا پڙيءَ تي پرت پيارل سان پڙي،
سِر سَٽي ڏين سٽيءَ ۾ پاڙن عاشق اقرار ڏس.

٢۔ دل ڏيئي دلبر کي بيخود ڪئي خودي نانگن نفي،
در نگاه چشم نازڪ بدن نَر نروار ڏس.

٣۔ درد هن ماري زلف محبوب دل عاشق رکيل،
جيئن گلابي گل رکيو بلبل اندر منقار ڏس.

٤۔ محمدي صورت معنيٰ ۾ ماٺيا معراج دل،
محويت محبوبيت کان ڏار ٿي ديدار ڏس.

٥۔ دمبدم حيرت پسند يڪ خيال در هر دوجهان،
رفت و آمد دم فراق و وصل دل هر بار ڏس.

٦۔ احديت جي بحر ۾ بنيو حباب عبديت،
ڪڏهن پڌرو ڪڏهن گم هر لهر سان در آر ڏس.

٧۔ حبِ دنيا هر خطا جو مُور فرمايو رسول،
طالبِ موليٰ مذڪر حسن جا حقدار ڏس.

٨۔ خوابِ دنيا خاص لئي پر آزمائش عام سان،
سمجھ سمجھيو غم خوشي ڪي ٻئي وسارن پار ڏس.

٩۔ هر مهل هر محل ۾ موجود محمد پيو ملي،
هڪ اسم ذاتي صفاتي سو جسم جنسار ڏس.

١٠۔ شهنشہ شهباز جا پرواز فرش و عرش تي،
عاشقان قادر قلندر عشق ۾ اظهار ڏس.

١١۔ دل ملي دامن علي ۾ "در محمد" جن سندي،
عين اختياري اندر با يا ربي اختيار ڏس.

ڪلام نمبر ١٦٣

مطلع: عشق مجازي ڪمائڻ مشڪل، سوز گداز سمائڻ مشڪل

١ـ ناز وارن جا غمزه اُونها، ناه سيڄاڻپ سيڃاڻڻ مشڪل.

٢ـ سَو لک پهرا عشق حسن تي، ڪير ملائي ملائڻ مشڪل.

٣ـ حال درد جو پيش پيارل، ڪير رسائي رسائڻ مشڪل.

۴ـ "در محمد" موهن ذاران، ڪير گذاري گذارڻ مشڪل.

ڪلام نمبر ١٦٤

مطلع: عشق جي ايوان ۾ مشتاق لک مرندا ڏٺم،
شمع واري شماع تي سؤ سؤ پتنگ سڙندا ڏٺم.

١۔ سڻ قصو سسئي سندو ڪيئن ڏيءَ ڏوہڻ جي ٻٽي،
پاند اتڪائي پنهل سان خوش ٿيئي ڪلندا ڏٺم.

٢۔ ڪيئن زليخان ذوق مان يوسف مٿي حيران ٿي،
شغفها حباً سدا محبت مٿي ملندا ڏٺم.

٣۔ رمز رانجهن کي لڳي وئي هير واري حسن جي،
جهنگ سيالن ۾ جوڳي مرليون وڄائيندا ڏٺم.

٤۔ قيس قابل ڪيئن وڃي ليليٰ مٿان مجنون بنيو،
بره وارن جا بلاشڪ لکين پنا پڙهندا ڏٺم.

٥۔ "دُر محمد" درد وارن کي دوا درڪار آ،
حُسن وارن حاذقن وٽ ڪئين قتيل قرندا ڏٺم.

ڪلام نمبر ١٦٥

مطلع: عشق ميليو مرغ دل، شوقون حسنِ شهباز سان،
مرغ دل ۾ محو تي، شهباز پُر پرواز سان.

١- عاشق و معشوق مليا، عشق جي اغماز سان،
دَور دوئيءَ جو دُور تي ويو، احديت آواز سان.

٢- مليل موجودات ۾، بيرنگ بره رنگ راز سان،
مَن عرف جي مام ۾، انجام گڏ آغاز سان.

٣- معرفت معروف ۾، عارف مليو ممتاز سان،
آمرو مامور هڪ ٿيو، امر جي انداز سان.

٤- شاه شاهان آه سوئي، سو عرض پر داز سان،
خوشدل و خوشحال سوئي، سوءِ سوزگداز سان.

٥- "در محمد" لهن در، دامن علي اعجاز سان،
راز ۾ همراز نَر، نروار نياز و ناز سان.

ڪلام نمبر ١٦٦

مطلع: عشق اندر آباد، ڪيو آ يار اسان ڪي

١۔ امر الستي دم سان دائم، ميثاقي ميعاد
ڪيو آ يار اسان ڪي.

٢۔ ڪشف ڪرامت حسن هتايا، عشق وارو ارشاد
ڪيو آ يار اسان ڪي.

٣۔ دل ۾ همدل رمز روحاني، عينن سان امداد
ڪيو آ يار اسان ڪي.

۴۔ والد دل مولود دمن ۾، اکين جو اولاد
ڪيو آ يار اسان ڪي.

۵۔ بنده علي سان "در محمد"، دم دم ۾ دلشاد
ڪيو آ يار اسان ڪي.

ڪلام نمبر ۱۶۷

مطلع: عشق آ اهڙي اُڪير، جنهن سريري سڪ وڃايا

۱۔ عشق جتي اظهار رهيو آ، اتي خود مختيار رهيو آ،
ساڳي هڪ تصوير، طرح طرح جا بيک بنايا.

۲۔ صورت ذاتي سير صفاتي. وقت مقرر هر اثباتي،
خواب زليخان جا تعبير، يوسف يڪدم صحيح سمجهايا.

۳۔ ضد جِهلَ جو علم ٻٽيو آ، ضد جنون جو عقل ڳٽيو آ،
نينهن نرالو نصير، محبت وارن منصب پايا.

۴۔ چُستون خيال جيڪا شيءِ چاهي، شوق ملهائي شهنشاهي،
هڪ معنيٰ مثيل تاثير، هر صورت جي سرت ۾ آيا،

۵۔ دامن عليءَ ۾ "در" کي ڳولج، خيال خودي جو بيخود کولج،
هر حد فوج فقير، محويت ميدان ملهايا.

آمين ثم آمين

کلام نمبر ۱۶۸

مطلع: عشق جي آواز کي، عاشق ٻڌي اعتبار ڪيو،
معنوي مورت پسي، معشوق جو ديدار ڪيو.

۱- پاڪ نيڻن جي نظر، دم نينهن ۾ نروار ڪيو،
دين مذهب کان ڪڍي، قابو زلف خمدار ڪيو.

۲- بره واري بزم کي، بسمل پروڻ تلوار ڪيو،
قتل ٿيا عاشق حسن، جان نوڪ نيڻن وار ڪيو.

۳- موهجي معنيٰ وٺي، صورت جڏهن سينگار ڪيو،
هر هميش هڪ هُجون، طرفين هي اقرار ڪيو.

۴- رنگ محل عمدا هڪو، لائيٽ پاور يار ڪيو،
گهر انهيءَ جليا پتنگ، جلوه جتي جهلڪار ڪيو.

۵- ڪربلا جي ڪرشمه، اظهر هڙئي اسرار ڪيو،
دم اناالحق اوج سان، سردار تي سردار ڪيو.

۶- مال محبت جو مليو، مرشد فعل المختيار ڪيو،
دنگ طهورا پيا پيون، رنگ حيدرِ ڪرار ڪيو.

۷- "در" علي اعجاز سان، دلدل سندو هسوار ڪيو،
ترت تعميلات لئي، مقرر سپه سالار ڪيو.

ڪلام نمبر ١٦٩

مطلع: عشق اظهار ٿيو، عقل بيڪار ٿيو

١۔ عشق اوطاقان اڏيون، عقل ٻڌيون پنهنجو مڏيون،
لڪي لاچار ويو.

٢۔ حڪم حسن ٿيو جاري، عاشق ڇڏي اختياري،
باري بار پيو.

٣۔ ساقي سرڪ پياري، ڳالهہ ڪئي ڳجهہ واري،
عاشق اعتبار ڪيو.

۴۔ معنيٰ ڪئي اثباتي، صورت صفاتي ڇاتي،
ذاتي ذم وار ٿيو.

۵۔ بنده علي ڪنيو بارو، "در محمد" دل وارو،
عجب اقرار ڪيو.

ڪلام نمبر ۱۷۰

مطلع: عشق خود عاشق رهيو، معشوق من مقرر مليو
درسِ دل دائمي، اکين اندر اظهر مليو.

۱۔ سُرڪ پياري هر سائل ۾ ساقيءِ ڪوثر مليو،
در خودي و بيخودي دم محويت ميسر مليو.

۲۔ طالب مان مطلوب در طالب موليٰ مذکر مليو،
دم ڏسڻ سان دوئي سجاڻي احديت اندر مليو.

۳۔ بحرِ دل بي انت ۾ روحانيت رهبر مليو،
ڪشتيءِ قنبر سير هر لهر ۾ لنگر مليو.

۴۔ شائقِ شاه شهيدان مثل حر همسر مليو،
جنگ اڪبري تنهن ڪٽي جنهن ۾ علي اصغر مليو.

۵۔ "در محمد" لعل در دامن علي حيدر مليو،
محفلِ محبوبيت ۾ هر فقر لشڪر مليو.

ڪلام نمبر ۱۷۱

مطلع: عشق و حسن معشوق عاشق جو ملڪ دل ڪل مَلهيو،
عاشق شڪلِ شمع حسن، معشوق پروان جان جليو.

۱_ ساڳي صورت سلمان بنيو، معنيٰ ۾ شہِ مردان بنيو،
شاہِ حسن شاهان بنيو، جيءَ عشق جو جنهن سر جهليو.

۲_ ناظم نياز و ناز سان، بيرنگ رنگيو رنگساز سان،
اعجاز جي آواز سان، هر راز خاصانہ کُليو.

۳_ ڪامل قرب حاصل ڪڍهن، جذبہ حسن جهٽيو جڏهن،
لٽيو تخت دل جو تڏهن، تنهن کي ملڪ هر دل مليو.

۴_ گلشن حسن جو گل ٿيو، بنده علي بلڪل ٿيو،
برحق حسيني هل ٿيو، هر جاءِ حسن حيدر هُليو.

۵_ نينن نظر نروار ۾، کوليو خيال خمار ۾،
”دُر“ عشق جي اختيار ۾. اعتبار سان هر دم هَليو.

ڪلام نمبر ۱۷۲

مطلع: علي مولا مِلي معنيٰ، صورت ذاتي سڃاڻا پيو،
ماڻيا معراج مورت ۾، پتا پنهنجا پَراڻا پيو.

۱۔ مليل موجودگي دم دم، پنهنجي جاٽپ ۾ ڄاڻا پيو،
اوران اورين اياڻن سان، سڪائين سوَ سياڻا پيو.

۲۔ دلاور ديد دهشت سان، ڪرين ناگھ نماڻا پيو،
نظر نينن ڪُنا جيڪي، ڏسان عرشين اُڏاڻا پيو.

۳۔ خيالي دم دلي درسن، ڪُلائي خال داڻا پيو،
عنايت عشق ۾ عاشق، جيارين دم پڃاڻا پيو.

۴۔ صدق صوفي صفي الله، تڪائين تئي تڪاڻا پيو،
تون هڪ موهن محل لاحد، لڪيان هڙ لاڙڪاڻا پيو.

۵۔ علي اعجاز پيارن سان پائين پيوند پاڻا پيو،
سدا "در" لعل محفل ۾، ماڻي تو محو ماڻا پيو.

ڪلام نمبر ١٧٣

مطلع: علي مولا مجن عاشق، هميش هر حڪم تنهنجو،
مِليئين موجود محبن سان، ٿيو معدوم گم تنهنجو.

١۔ رهين هر جا حاضر ناظر، بزم برهين نظم تنهنجو،
تئي تو عشق آفت ۾، عاشق هر هڪ هضم تنهنجو.

٢۔ آهين مطلوب مطلوبان، اول طالب آدم تنهنجو،
مَنازل نقش بندان ۾، فهم نقشِ قدم تنهنجو.

٣۔ هجي هر دم قائم لشڪر، ڪريمي سان ڪرم تنهنجو،
اندر ۾ عشق جو آڙه، رهي گرم و گرم تنهنجو.

٤۔ علم پڏرا آهن پدمين، مگر مخفي عِلم تنهنجو،
علام عشق جا پڙهيا، پَسي اڪئين عَلم تنهنجو.

٥۔ علي اعجاز جذباتي، جسم جنسي قِسم تنهنجو،
دِليون "در" لعل دل لاتي، رسم رقصي قسم تنهنجو.

کلام نمبر ۱۷۴

مطلع: علي لعل عجب اعجاز کيو، بي دست بي پا پرواز کيو

۱۔ مليو محبت ۾ موهن ميثاقي. ساغر وحدت جو پاريو ساقي،
بيخود خيال بنيو بابره باقي. عاشق اناالحق آواز کيو.

۲۔ نظر ناز نينن بي نياز کيو، عدم فراق وصل جو انداز ٿيو،
دم اسم جسم جو امتياز ويو، چرچو چال حسن چوباز کيو.

۳۔ آيو سنگت سُوڌو سرتاج حسن، ڪرڻ ڪرب و بلا ۾ ڪاج حسن،
مَلهي قرباني معراج حسن، سر انجام امام آغاز کيو.

۴۔ ڪئي مرشد لعل مهرباني، هر سَير ملهيو دَر جسماني،
دردمند ماڻن رتبه روحاني، بيرنگ راز روشن رنگساز کيو.

۵۔ موجود مليل سخي صفي الله، بقا بالله بنيل بنده علي الله،
هر طرف هُليل حسن وجہ الله، "در محمد" من ممتاز کيو.

آمين ثم آمين

کلام نمبر ۱۷۵

مطلع: علي الله عاشق جو، مليو اعتبار ۾ فرمان،
ملي معشوق سان خود عشق، ٿيو ديدار ۾ قربان.

۱۔ علي اعجاز بخشيو آ، مليو سيوهڻ اندر سلطان،
جلاليءَ سان ملي صوفي، نوازيو نينهن ۾ نيشان.

۲۔ شرابي ڏُنگ ڪليا دل ۾. پياريا بيخودي پئمان،
خودي خود خيال سان همدم، مخاطب متڪلم مستان.

۳۔ حسن شهباز سان شامل، مرغ دل جيئن شمع پروان،
محويت طلب طالب، ماڻيو مطلوب شاه مردان.

۴۔ امر سان عبديت اندر، ملايو احديت احسان،
آهي انصاف اڪين جو، مليو درسن حسن دل سان.

۵۔ دليون "در" دآن ماڻن موجان، اوجان در بحربي پايان،
حباب و آب جيئن هڪ ٿيا، لهر ۾ لعل محمد جان.

ڪلام نمبر ١٧٦

مطلع: علي اسان ۾ اسان عليءَ ۾، دم قدم سان همدم آهيون.

١ـ علي مولا رهبر روحي، سائين پنهنجو سدا ساراهيون.

٢ـ مام امام ۾ ڪام مڪمل، روشن رهيون عشق آگاهيون.

٣ـ نياز مندن سان نظر نرالي، نازنين ۾ نينهن نباهيون.

٤ـ رنداني رفتار رهت ۾، گذريون گرم گفتار گواهيون.

٥ـ "در محمد" مهدي مولا، بخشيون بالا بي پرواهيون.

کلام نمبر ۱۷۷

مطلع: علي مرشد مليو، ڇتہ شاهانہ سر تي جهليو

۱۔ عشق معشوق عاشق ۾ اوطاقي، حسن حيدر هنيئڙي هُليو.

۲۔ نينهن نشي ۾ من مخموري، خيال خوديءَ جو بيخود کُليو.

۳۔ فرق فراقي اُڏري ويڙا، واءُ وصالي هر گهر گهليو.

۴۔ ترڪ وجودي عدم امر کيو، ذڪر فڪر ڪل بلڪل پُليو.

۵۔ "در محمد" بندہ عليءَ جو، برحق مقرر آ اڻ مُلهيو.

ڪلام نمبر ١٧٨

مطلع: علي موليٰ عشاقن کي، ملايو ذوق ذاتيءَ ۾
مليا مطلوب سان طالب، حياتيءَ مان مماتيءَ ۾.

١ـ قلندر لعل سر حيدر، ساڪن قالب صفاتيءَ ۾،
صورت ذاتي سچاڻن رند، مورت معنيٰ جي جهاتيءَ ۾.

٢ـ هٿان حيدر پين پيالا، خماريا خود خيالاتيءَ ۾،
ساڳي صورت محمد سان، ماڻن معراج ڇاتيءَ ۾.

٣ـ شهيدان شاه سان شامل، ڪيپل ڪنڌ لاڄي ڪاتيءَ ۾،
نفي اثبات ڪيا عارف، رهيا هر دم حياتيءَ ۾.

٤ـ ملهائن محويت مهدي، طالب هن طلسماتيءَ ۾،
دلي درجات داخل ٿيا، دمن جي واصلاتيءَ ۾.

٥ـ علي اعجاز عاشق سان، مليو هر مصلحاتيءَ ۾،
سدا موجود "در محمد"، ميثاقي معاملاتيءَ ۾.

ڪلام نمبر ١٧٩

مطلع: علي مولىٰ اوهان جي در عشق جي انتظاري آ.
رضا پنهنجي ڪيو پيوند، اها ئي عرضداري آ.

١۔ ڪجي توڪم نہ هڪ پورو، وري ٻئي جي تياري آ،
رُدل هت هِت هلي دل هُت، اها کهڙي بيماري آ.

٢۔ خريدي خاص شيءِ سمجهي، مهل ساڳي بيزاري آ،
آيو جنهن وٽ ڏسي ٻيا هٿ، اهو کهڙو واپاري آ.

٣۔ مالڪ دل جو سچائي چو ملڪ جي بيقراري آ،
وصل جي بحر ۾ حافظ فراقي باه ٻاري آ.

۴۔ ملايو "در محمد" ۾، ڪريمي قربداري آ،
نباهيو نينهن نينن سان، اوهان جي نظرداري آ.

آمين ثم آمين.

کلام نمبر ۱۸۰

مطلع: علي مولا عاشق تنهنجا، توسان پيوند پائن ٿا،
پائي جام جلالت جو، اناالحق گيت ڳائن ٿا.

۱۔ بحر بيرنگ تريا طالب، مُوتُو موجان مچائن ٿا
انا احمد امر اظهر، ڪتي چاڪر چوائن ٿا.

۲۔ مليو ديدن اندر درسن، محويت دم ملهائن ٿا،
ويو ذڪر و فڪر وسري، خودي بيخود يلائن ٿا.

۳۔ مَجن مرشد جي مختياري، نه پنهنجا پَهه پچائن ٿا،
نياز و ناز سان طالب، طلب وحدت وڌائن ٿا.

۴۔ حسن شهباز سان شائق، مرغ دل جا ملائن ٿا،
ماٺي معراج جسماني، روحاني رنگ رچائن ٿا.

۵۔ علي اعجاز تنهنجي سان، تو ۾ سائل سمائن ٿا،
بلي "دردان" ٿيا تنهنجي، قرب تنهنجا ڪُڏائن ٿا.

ڪلام نمبر ١٨١

مطلع: علي موليٰ اُجاري دل ساڳا محل سجاتا سي.
هميشہ همرڪابيءَ ۾ نہ ڇاتل ڄاڻ ڄاتا سي.

١ـ موجب فرمان مرشد جي روحاني رنگ لاتا سي،
نظر منظور ناظر ڪيو، نباهي نينهن ناتا سي.

٢ـ ملهائي وصل محبوبي، فراقي داغ ڌوتا سي،
خلاصا خلوتي مليا، اڳيئي ويٺا ها آتا سي.

٣ـ حسيني حال ۾ همدم پنهنجا دم خيال پوتا سي،
شهيدن ساڻ شامل ٿي، لباس لعل پاتا سي.

٤ـ مهل هڪ ۾ محل هڪ مان محل هڪ تائين پهتا سي،
ماٺي مقصد معنيٰ منزل پنهنجي صورت سان پرتا سي.

٥ـ علي اعجاز پيوند ڪيو، پيالا پرت پيتاسي،
دليون "دردآن" دامن اندر وحدت جا ونڊ ورتا سي.

ڪلام نمبر ۱۸۲

مطلع: علي موليٰ اجاريو دل پسايو نور نرواري،
پيوند ڪيو عشق پنهنجي سان، پوي سڌ راز جي ساري.

۱۔ ڪيو نفس نجس غلبو، ڏنو دنوي لذت دلبو،
جتي احوال سڀ سلبو، اتي ٿيندي شرمساري.

۲۔ نحن اقرب ڏسايو خود، و في انفسڪم پسايو خود،
دلِ ويران وسايو خود، ٿئي مقبول نيزاري.

۳۔ عاشق ڪان منهن لڪايو تا چڪيل ڦٽ چو چڪايو تا،
فراقي دل سڪايو تا، وصل جي ڪيو قربداري.

۴۔ مِلو بنده علي سڪ مان، ڳنڍيو دل "در محمد" سان،
ڪيان قربان جسم و جان، ڪري ديدار هڪواري.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ١٨٣

مطلع: علي موليٰ ملائي دل نظر نينن ۾ آيا سي
سامهون مرشد ڪري سجدا، وحدت جا گيت ڳايا سي.

١- گلن وارا گلابي هٿ چمي چشمن سان لايا سي،
رکي پيرن تي پيشانيون جُتيءَ سان منهن ملايا سي.

٢- اندر ٻاهر مليو مرشد ڪريمي دم ڪمايا سي،
بره بيخود بنايو خود، خوديءَ ۾ خود سمايا سي.

٣- امالڪ عشق ناراٌ ۾ جسم خاڪي جلايا سي،
ماٽي موجان محويت ۾ مُوتو موقع ملهايا سي.

٤- ڪٿي جنگ اڪبري دمدم، متل مرڪب ڪُڏايا سي،
نفي اثبات اعليٰ ڪيو، اسب عرشين اُڏايا سي.

٥- علي اعجاز ۾ رَلمِل رندانہ رنگ رچايا سي،
دليون "در لعل" تيو متفق محبت مچ مچايا سي.

ڪلام نمبر ۱۸۴

مطلع: علي مولا عشاقن سان، ڪئي مخفي مهرباني
ملهائڻ مام مورت ۾، فراقي وصل وحداني.

۱۔ خيالي مرتبہ ماٽيا، محويت شاه مرداني،
ديهي دم ريءَ ڏسي ٻولي، حواسن بن حڪمراني.

۲۔ ڪري سر ساه قرباني. سٽن سرمايہ سلطاني،
تابع محبوب ٿيو تن جو، اُهي اِذني جا اعلاني.

۳۔ صورت محمد وحي روحي، بُراقِ نينهن نوراني،
قلوب المؤمنين مَلهيا، مَنجهئي معراج جسماني.

۴۔ بحر بيرنگ ٻهر رنگ ڪئي، ٻهر طرفين طغياني،
واحد وحدت ڪري ڪثرت، وَسايا ملڪ ويراني.

۵۔ علي اعجاز عاشق ۾، بصورت شاه شاهاني،
سڌي سائل سخيءَ بخشيو، ڏِليون "در لعل" لاثاني.

ڪلام نمبر ١٨٥

مناجات با قاضي الحاجات

مطلع: عَلم تنهنجي هيٺ يا عباس آءُ آهيان پئي،
واسطي پنجپاڪ جي ڪر مدد دل بيوس ٿئي.

١ـ حسن محفل ۾ مدامي عشق پنهنجو ڪر عطا،
عاشق و معشوق جون پيوند رهن دليون ٻئي.

٢ـ تختگاهِ قلب تي حاڪم علي حيدر رهي،
من عرِف ۾ محو تي مُوتُو قبل تيا سر ڏيئي.

٣ـ ٻاجھ ڪر ٻانهي مٿان هر شامت و شر کان بچان،
رمز رنداني ۾ رهان منظور جا مردن ڪئي.

٤ـ راز محرم ناه ڪو احوال ڪنهن سان اوريان،
درد وارن ڪي رنجائڻ لئي رسم پئجي ويئي،

٥ـ ظاهر و باطن سخي سائل سڏي ڪر ڪول تون،
سات سوڌو "در محمد" دائما پرتل اٿئي.

آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ١٨٦

مطلع: عمر آه سيني ۾ سڪڙي اباڻي،
مارن جي ملڻ لئي وتان تي ويڳاڻي.

١۔ روئان روز شب تي سانگيئڙن جي سڪ ۾،
ميلي ڪير مارو ڏسان لحظ هڪ ۾،
آيو ساه چپن تي آهي اڄ پڇاڻي.

٢۔ سجهي نا ساهيڙي هجي حال ياڻڻ،
پيو پاڙ پورن ۾ پنهنجو پڇاڻڻ،
سليان سور واري ڪنهين سان ڪهاڻي.

٣۔ مون کي ياد مارن جي محبت مدامي،
سانگين کان سوا هِت بيحد بي آرامي،
ڳاريو آه ڳڻتين وٺي اَنَ نہ پاڻي.

٤۔ وڳر کان ويچاري آورهن جي وڇڙي،
وٺي ويندا وارث لنڊي توڙي بڇڙي،
دلِ "در محمد" اصل هيءَ سيباڻي.

آمين ثم آمين.

كلام نمبر ١٨٧

مطلع: عين عقيده صاف سچاتي، صورت معنيٰ سر جي ساري

١ـ حال حسيني خيال خماريو، لعل قلندر لائي ياري.

٢ـ مام محبت رنگ رچايو، صورت محمد ڪئي سرداري.

٣ـ بيخود باخود خيال سيلاني، حد لاحد جي گم هوشياري.

۴ـ بنده علي سان "در محمد" دل، دم دم ماري وري جياري.

ڪلام نمبر ١٨٨

مطلع: عين عقيده صاف سچاتي، مرشد مولىٰ جي مختياري

١ـ مام معنىٰ هر رنگ رچايا، صورت محمد ڪئي سرداي.

٢ـ بيخود خود جو فرق عدم آ، خيال خودي ٿيو ازخود جاري.

٣ـ سودو سر ۾ دست بدستي، حد لاحد جي وئي هوشياري.

۴ـ بنده علي جي بره ڪاسائي، قتل ڪري دل "در" جي جياري.

شعر نمبر ١٨٩

طرح ڏنل ظفر علي فقير

مطلع: عيد ڪن عاشق ڏسي محبوب مل ميدان ۾،
مُنهن ميثاقي ڇو ڇپيو گذريون صديون ارمان ۾.

١- حسن ازلي رند پهلوان ڪيا پسند پنهان ۾،
دل لٽيل چشمن چٽيل اڄ ٿيا چٽا چوگان ۾.

٢- ڪڻ دونالي ديد ڪر عاشق قتل ايوان ۾،
ڪپيل ابرو سيف جا پوئج پنبڻ پيڪان ۾.

٣- حظ بهشتي باغ ماڻيو دل زلف زندان ۾،
غرق دم غبغب ڪيو، دل چاهِ زنخدان ۾.

٤- ناز نينن جي نظر آندا مُلا مئخان ۾،
سرڪ ساقي پي نشئي صورت پسن پيمان ۾.

٥- ڪنت ڪنزاً چئي سجن آئين اولي انسان ۾،
قلب مومن عرش الله درد ڳوليو ڏيان ۾.

٦- دل ڦريل دانهان ڪرن بلبل مثل بوستان ۾،
نحن اقرب نرت سان سڪ سرت دم دوران ۾.

٧- مهل مقرر جا ملاقي منتظر مَڏ ڪان ۾،
عشق جي اعتبار سان عاشق رسيا عرفان ۾.

٨- خوشدل و غمدل گڏيا يڪدم يڪا يسڪان ۾،
باطني بيحد نفعا ٿيا، ظاهري زيان ۾.

۹- ممتحن سائنسدان عالم اکيون آسمان ۾،
پرک پنهنجي جنهن نہ پئي جاهل فقہ فرمان ۾.

۱۰- بخت بالا تخت تجمل سخت سگھ سامان ۾.
لختِ دل جنهن نالڏو غافل رهيو گردان ۾.

۱۱- حيدري صوفي جلالي هڪ صورت سبحان ۾،
مالکِ معنيٰ قلندر سرگروه زندان ۾.

۱۲- رنگ نياري نينهن سان نانگا ڏسن نيشان ۾،
جابجا جلوه حسن جليا پتنگ جؤلان ۾.

۱۳- خيال پنهنجي سان خلق سڀ آه هڪ عنوان ۾،
پيا ڪَنِين پرلا علحده عشق جي اعلان ۾.

۱۴- دوست سان ڪي دوبدو ڪي آسري امڪان ۾،
مالکِ مالک بنيو جو بندهِ بند گان ۾.

۱۵- شوق ماٺيا شائقن شفقت شاهِ شاهان ۾،
هر صورت سان هڪ رهي ٿيا هم صورت سلطان ۾.

۱۶- يا محمد مصطفيٰ ڏي فهم حق فرمان ۾،
عشق وند اعجاز سان شاهِ و گدا دربان ۾.

۱۷- عيد ذوالحج ارڙهين مولا علي جي شان ۾،
ڪئي ظفر ظاهر صحن صوفي تي پاڪستان ۾.

۱۸- محو ٿيو روح محمد دل شاه مردان ۾،
"در" مليو دامن علي سان لعل جي آستان ۾.

ڪلام نمبر ١٩٠

مطلع: عيد ذوالحج ارڙهين اڄ آحسن دربار ۾
ڏي پڙهو پرتؤن لنگها برحق بره بازار ۾.

١۔ صد مبارڪ محو تي معنيٰ صورت سردار ۾،
تيو محمد ۾ محو حيدر علي اظهار ۾.

٢۔ موج مهرانِ محمد دمبدم دڌڪار ۾،
اوج لايا عشق جا حيدر جي هر حبدار ۾.

٣۔ دل روشن جي پئي نظر محمد مهدي مهدار ۾،
تيو ظهورو حسنِ رخ هر جا چٽو چوڌار ۾.

۴۔ ڪئين ڏسن ڏسندڙ اکيون سج چنڊ سوا سنسار ۾،
ڪئين سِنگهن خوشبوءِ گل جي ليس جي لاچار ۾.

٥۔ چهنب بلبل گل مثل دل دهن گيسوءَ مار ۾.
سيف ابروءَ جا ڪٺل دم دم رهن ديدار ۾.

٦۔ شه حسن جي حڪم ڪان طاقت نہ ڪنهن انڪار ۾،
شوق دل شامل جدا هر ديد جو دلدار ۾.

٧۔ عشق عاشق چونديا محبوبيت معيار ۾،
بيخوديءَ ۾ خود ٿيا مجنون رهيا هوشيار ۾.

۸۔ امر هڪ هر فهم سان ٿيو علحده اطوار ۾،
حق نہ سمجهيو هڪ حسد ڏس عشق جي اخبار ۾.

۹۔ خاص رتبو عام رخصت آه خود مختيار ۾،
سوار صورت وهڻ معنيٰ گوءِ حد اعتبار ۾.

۱۰۔ هڪ مهل هرڙ محل تيا رت نقشبند نروار ۾،
سئير عرش و فرش جا سينہ اندر سيار ۾.

۱۱۔ جنگ دو رنگي صلح سان ڪئي جيت ثابت هار ۾،
يار پارايو گلي هر قسم گل هڪ هار ۾.

۱۲۔ مليل دل سان خيال دم گفتار گڏ رفتار ۾،
يار جي سڀ تي نظر پر ڪا نظر آ يار ۾.

۱۳۔ دل روشن رهبر ڪئي اکين سندي انوار ۾،
عشق عاشق ڪُل ڪيا هڪ حسن جي سرڪار ۾.

۱۴۔ خيال خوش ڏوهن اندر ڇا اجر استغفار ۾،
دل جتي اکيون تتي بيوس بدن بيگار ۾.

۱۵۔ ناز سان اعجاز آندو عشق جي اختيار ۾،
در بحر بنده علي، "در" هر لهر هر آر ۾.

ڪلام نمبر ۱۹۱

مطلع: فرياد دل ٻڌ ٻاجھ سان، غمزن ڪيو غلبو مٺا،
احوال مخفي تو سوا، ڪيئن عام سان سلبو مٺا.

۱۔ تنهنجي زلف جو قيدي ڪنّھن، ٻيءَ جھل نہ ڪنھن جھلبو مٺا،
عاشق پتنگ تون خود شمع، جلوه اندر جلبو مٺا.

۲۔ مجنون بنيا داناءَ دل، ڏس ديد جو دلبو مٺا،
دم درد مان ماڻيا مزا، سک سان نہ پل پلبو مٺا.

۳۔ فاني دنيا جا رنگ ڇڏي، آخر هتان هلبو مٺا،
ماڻي بقا دم سو سدا، جو راز ۾ رلبو مٺا.

۴۔ بنده علي جي باغ جو ڦل، دمبدم ڦلبو مٺا،
ڏس "در محمد" اهلِ دل ڪي، ڪيئن اتي آلبو مٺا.

کلام نمبر ۱۹۲

مطلع: فرمانِ فرقان، شائق حسن شهباز سجاتو

۱۔ بيخود خيال خوديءَ سينگاريو، عاشق عشقِ معشوق اُڏاريو،
شائق شه مردان، پنهنجو هر پرواز سڃاتو.

۲۔ باقا بازيون ڪتن بقا ۾، لعل لهن هر لهر لقا ۾،
موج معنيٰ مهران، اوج صورت هر راز سڃاتو.

۳۔ حظ درد جو مرد ملهائن، ڏڙ جدا سر حڪم هلائن،
نيزن تي نيشان، عُشاقن آواز سڃاتو.

۴۔ حال حسيني شفقت شامل، خيال خدائي قدرت ڪامل،
محمودي فرمان، برحق عشق اياز سڃاتو.

۵۔ عجب رنگ اعجازِ علي جو، ناز نياز ۾ راز علي جو،
دامن ۾ "دردان" ، مورت ۾ ممتاز سڃاتو.

ڪلام نمبر ١٩٣

مطلع: فوج حسن عاشق قتل، خوش دوست دشمنِ هرجهان،
قربان اول صورت دگر، شامل ڪهڙي آخر چوان.

١ـ ظاهر ڳجهيون باطن چٽيون، ساڳيون مٽيل هڙ مورتان،
شيرين تَلخ هڪ عشق ۾، معشوق عاشق لئي عيان.

٢ـ گمراه خود راهي ٿيو، ره معرفت سِڌ جهنگ منجهان،
ڪڙيا ڪپر پرواه ۾، وه واه مليل بحر سان.

٣ـ مانديون ملڻ لئي دل اکيون، ٿي سڪ نقاشي نقش مان،
ڪنهن ڪان پڇا ڪنهن پر پڇان، پنگلو نئين ڪو پهلوان.

٤ـ بي درد محفل بند شمع، پروان جلندو ڪيئن پسان،
تورو نفع زياده ضرر، خود خيال ٿي پيچ روح ڪان.

٥ـ بنده عليءَ ۾ هڪ ڪيو، قادر قلندر حڪمران،
"دردآن" آندر معنيٰ ملي، خيبر فتح لشڪر بنان.

کلام نمبر ١٩٤

مطلع: فوجِ فقر سجاتوِ فرمان عشق سان
نينن ڏنو نِشانبرُ نيشان عشق سان.

١۔ هت حسن واڳ آهي مرڪب ڪيڏي ٻ ڪاهي،
هرگز سگهون نہ لاهي، احسان عشق سان.

٢۔ اختيار يڪ نظر نيو، اعتبار پر اثر پيو،
اظهار هر اڪر ٿيو، اعلان عشق سان.

٣۔ ڳل هار جيت جڙيو، معنيٰ سان ٻول پڙيو،
صورت حسن ۾ سڙيو، پروان عشق سان.

٤۔ دامن عليءَ ۾ "در" ڏس، سر ساز سَر ۾ سُر ڏس،
هرجا حسيني حُر ڏس، قربان عشق سان.

ڪلام نمبر ١٩٥

مطلع: فوج قلندر عرش عُلا تي، جوڙيون پنهنجون جايون، قدم وڌايون

١۔ ساجد ۾ مسجود قلندر، هر حد ۾ موجود قلندر،
رنگ رنگ روح رسايون، خيال پسايون.

٢۔ قتل عشاقان ڪاج حسن جو، عشق جا ڏنگڙا ڏاج حسن جو،
قرب وارا ڪوئايون، وَتان وٺايون.

٣۔ اڪين دل سان پاڻ سجاتو، صورت معنيٰ پيوند پاتو.
اوج الست رچايون، موج مچايون.

٤۔ گيت اناالحق پيا تا ڳايون. باجا طبلا تال وڄايون.
ڇير نچي ڇمڪايون، جام پايون.

٥۔ بنده علي سان باطن ظاهر، هر جا "در" سان موهن ماهر،
ڪين ڏسڻ ڪان ڏيون. اڪيون اُجايون.

شعر نمبر ١٩٦
طرح ڏنل ظفر علي فقير

مطلع: فيض گنج خوش خير محمد جي فقر اظهر ڪيو
الفقر فخري امر صادر سيد سرور ڪيو.

١- امر ٻڌندي ڪرڻ ۾ ڏسندي سچاتو صادقن،
عارفن ٻه ائين ڪيو، جيئن پاڻ پيغمبر ڪيو.

٢- احد احمد علي جو ذاتي حسن همدم هڪو،
پر صفاتي سمجھ لئي نالن جدا نمبر ڪيو.

٣- ظاهري تمثيل سان تا باطني باتيون ڪيون،
نقش شاهِ نقشبندان درج در دفتر ڪيو.

٤- ڪنهن اڇي ڪپڙي کي ڪي رنگ مختلف ٻئي گڏ ڏجن،
تيون نيارو رنگ نسنگ ٿئي ڪجھ نظر جيڪر ڪيو.

٥- جڏهن هاڻي رنگ جدا تيون رنگ منجهن مخفي رهيو،
جان مليا ٻئي گم ٿيا جلوه ٿئين هر گهر ڪيو.

٦- تيئن ٻنهي معشوق عاشق اندر مخفي عشق آهي تيون،
جت ملن معشوق عاشق عشق تت تصور ڪيو.

٧- رنگ رسالت رنگ امامت ٿيو ملي وحدت جو رنگ،
رنگ وحدت ۾ جو رنگيو ذاتي حسن همسر ڪيو.

٨۔ سمجهجي صورت رسالت کي امامت کي معنيٰ،
صورت و معنيٰ ملي مَحلو دلي منور ڪيو.

٩۔ صورتِ محمد سان جان ظاهر مالڪ معنيٰ مليو،
تان رِسالت با امامت احديت آرڊر ڪيو.

١٠۔ ظاهري صورت محمد باطني معنيٰ علي،
جان مليا محمد علي ثابت صورت مصور ڪيو.

١١۔ محو محمد ۾ علي ٿيو، حد غديري پئي ڏنو،
صورت و معنيٰ پنهي ميلاپ بر منمبر ڪيو.

١٢۔ طالب و مطلوب جو رنگ عاشق و معشوق جان،
عشق آمر جي امر پيوند بہ يڪ ديگر ڪيو.

١٣۔ پنهنجي صورت ۾ سڃاڻن ملنگ مورت معنوي،
مرتبہ من عرف ماڻن وهم دوئي ويسر ڪيو.

١٤۔ ريءَ علم روحيءَ ملڻ صورت ۾ مورت جو محال،
علم روحيءَ جو معلم خود علي انور ڪيو.

١٥۔ دست بعيت سٽي حڪم مرسل محمد پاڪ جو،
وَابتَغُو ارشاد سان مرشد علي مقرر ڪيو.

١٦۔ اڪيون هر انسان جون ڏسندڙ توڙي ڏسنديون نہ ڪجھ،
پر انهن سان شعاع ٻيو شامل اوهين جيتر ڪيو.

١٧۔ روشنيون جان پئي مليون تان ڪابہ تين شيءِ پيا ڏسون،
ڪن اڪيليون اڪيون تيئن ڪم جيئن انڌي احقر ڪيو.

١٨- روشني صورت سان جڏهن روشني معنيٰ ملي،
دل سڄائي تيئن ڪري جيئن محمدي مظهر ڪيو.

١٩- جوہر صورت محمدي معنيٰ سندن مولىٰ علي،
پنهنجي معنيٰ ۾ ملي نعره اناالحق نر ڪيو.

٢٠- جو جزو ڪُل ۾ مليو قطره گڏيو جڻ بحر سان،
هڪ شمع پدمين پتنگ هر هڪ آتش اخگر ڪيو.

٢١- دم اسم پيوند ڪري پيا جسم کان جالن جدا،
مرد موتو جيئن دو جڳ در بقا بندر ڪيو.

٢٢- تيغ لاسان ڪل ڪتل شامل شهيدن ۾ رهيا،
ڏار ڏڙ نيزن تي سر فرمان نيشانمبر ڪيو.

٢٣- اهلبيتيءَ جو شرف سلمان پارس کي مليو،
ذات سان همذات تيو پيوند علي رهبر ڪيو.

٢٤- محويت مطلوبيت طالب ملهائن طلب ۾،
مرشدِ ماهِ لقا موجود دل ميسر ڪيو.

٢٥- جنهن لئي جنهن جنهن جي دل تنهن تنهن چيو تنهن کي خدا،
خود خدا جو سو خدا جنهن خود خدا حيدر ڪيو.

٢٦- هر طالب حيدر عليءَ جي ڪُم باذني ڪم ڪيا،
پنهنجي سر ۾ پاڻ ويسہ واقفن ويتر ڪيو.

٢٧- منجھ فنا مائي بقا لاحد لنگهي ٿيا خود لقا،
تارڪ اثبات ٿيا سي نفيءَ کان نهکر ڪيو.

٢٨- جنهن صورت جيڪي گهريو حيدر هٿان حاصل ٿيو،
عاشقن درسن علي قائم مثل قنبر ڪيو.

٢٩- سُوَ بسُو سائل سوين سامهون سخي ساڪن سَدا،
هڪ نظر هرهڪ نوازي طلب ۾ تونگر ڪيو.

٣٠- ڏس قلوب المؤمنين عرش الله مؤمن لهن،
نحن اقرب يار نيڙي دل اندر اوجر ڪيو.

٣١- فوج ڪُل ڪلمه قول ڪيا اڄ ريجهه رنگ ۾ وسريا،
هٿ ملڪ محمود هڪ اياز آفيسر ڪيو.

٣٢- ڪيئن الستي امر ڪان عامن انحرافي ڪئي،
اهل الله الله پنهنجي هٿ پسن هر هر ڪيو.

٣٣- اَمر لامَقصودُ فِي الدّارين اِلا هُو ٿيو،
مُرڪندي منظور ملنگان قادرِ قلندر ڪيو.

٣٤- پاڻ پسجن پاڻ ۾ پيا پاڻ سان پاٿهي مليا،
جنهن نہ پسيو پاڻ ۾ ڇا ٿيو جي حج اڪبر ڪيو.

٣٥- هر عبادت هرج ڪئي بن حب علي محمد نبي،
ٿيو ساجد مسجود جنهن سجده حيدر جي در ڪيو.

٣٦- محمدي صورت نہ سڃبو منڪرِ مولا علي،
ڪاميابيءَ ڪان ڪريو تنهن قلب خود ڪمتر ڪيو.

٣٧- ناهي ڪجهه پرواه تنهن کي ڇا هتي ڇا حشر ۾،
ڪول قدمين جنهن سائل کي ساقِي ڪوثر ڪيو.

٣٨ـ نفس جي جنگ اڪبري مصداق ٿيو جنگ خيبري،
شاه مردان ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن فتح خيبر ڪيو.

٣٩ـ دل مثل ڪعبہ منجهس خطرا بتن وارو مثال،
صاف ڪعبہ بتن ڪان موليٰ علي صفدر ڪيو.

٤٠ـ راه حق تي هلڻ جي جنهن ڪئي حجت رهبر سوا،
حاڪم حڪم ڪنهن اهڙي محڪوم تي موثر ڪيو.

٤١ـ ڪي بہ ضد ٻئي جان سچاپڻ پوءِ فتويٰ ڏئي فڪر،
بن ڏسڻ باطل هم حق ڪيئن مغز مضطر ڪيو.

٤٢ـ بخت بالا سخت صدمہ ٻئي دنيا ۾ امتحان،
اختياريءَ ۾ عدل يا تخت تي تڪبر ڪيو.

٤٣ـ طالبِ دنيا و عقبيٰ مخنث و مؤنث مثل،
هرطلب ڪي ترڪ جيئن طالب مولا مذڪر ڪيو.

٤٤ـ گهرَ پنهنجي ۾ گهرُ تہ هَرَ گهرَ تنهنجي تو ۾ ختم،
مالڪِ دل تنهنجي دل ۾ تو ٻيو دلبر ڪيو.

٤٥ـ جنهن جو ٻانهو تو چوائين سو سائين اڪين سان ڏس،
پيٽ ڪاڻ لئي رڳو پريٽ ڏٽيءَ نوڪر ڪيو.

٤٦ـ منزلِ محمود ڪي جيڪي پٺي ڏيئي پيا هلن،
روح جو مقصد رندي تن نفس خوش اڪثر ڪيو.

٤٧ـ غير مسلم خواه مسلم جو بہ مذهب جنهن رکيو،
دل زبان ٻئي هڪ هجن تنهن راهگذر بهتر ڪيو.

۴٨- اشرف المخلوق واري مرتبي جو شرف ماڻ،
بعد جنگ جفتيءَ مٽان تو من پنھنجو مظفر ڪيو.

۴٩- آل محمد مصطفيٰ بر بحر ملڪ مغفرت،
سر سفينہ صادقان صادق علي جعفر ڪيو.

۵٠- آل پَنجتَن پاڪ عارف معرفت معروف جا،
خبر ڏئي تن بيخبر کي اهل الله اطهر ڪيو.

۵١- هر عاشق آل علي ماٿيو مڪانِ مطمنہ،
ڪربلا جي قافلي سان گڏ علي اصغر ڪيو.

۵٢- ٿيو خمارِ خيال دل ماضي قبل سان حال دل،
حال ۾ بيحال دل همحال دم هيڪر ڪيو.

۵٣- حسن جو شهباز ٿيو همراز مُرغ عشق سان،
اڪين ۾ اعجاز سان پرواز دل پرور ڪيو.

۵۴- ”در محمد“ دل ملي دامن علي سان دائمي،
در قلندر لعل تي سجده سجي لشڪر ڪيو.

شعر نمبر ۱۹۷

مطلع: فيضِ باطن نورِ محمد دم فقر اظهر کيو،
الفقر فخري امر صادر سيد سرور کيو.

۱۔ جيئن محمد پاڪ فرمايو تيئن ڪري ڏيکاريو،
عارفن ۾ ائين کيو جيئن پاڻ پيغمبر کيو.

۲۔ احد احمد مان سجاڻايو علي مرشد امام،
مثل وارو ميم ميلي بيمثل مظهر کيو.

۳۔ شهنشاهِ دو جهان مقرر محمد جو خطاب،
ٻيا سپاهي رعيتي زياده نہ ڪو تصور کيو.

۴۔ ظاهري صورت محمد باطني معنيٰ علي،
صورت ومعنيٰ ملي ثابت سر مُصوّر کيو.

۵۔ حد غدير پٽي ڏٺو معنيٰ مَحو صورت اندر،
دم علي احمد جسم اعجاز بر ميمبر کيو.

۶۔ جنهن ۾ صورت سان جڏهن معنيٰ ملي ٿي ڪارگر،
ڪيئن احمد ڪارِ رسالت جز علي صفدر کيو.

۷۔ معلم روحي علم جو آهي علي احمد چيو،
وَ ابتغُو ارشاد سان مرشد علي مقرر کيو.

٨- صورتِ خود تنهن سچاتي معنوي مورت پسي،
رمز روحيءَ سان جنهن جو روشن علي اظهر ڪيو.

٩- هر مهل محلِ علي موجود عرش و فرش تي،
وقت سائڻي هر صورت جلوهِ حسن هر گهر ڪيو.

١٠- آل پنجتن پاڪ عارف معرفت معروف جا،
طالبان تطهير ڪي تن اهل الله اطهر ڪيو.

١١- ذات سان همذات ٿيا نعرا اناالحق جن هنيا،
ڏار ڏڙ نيزن تي سر فرقان نيشانبر ڪيو.

١٢- ناميدي ڪئي گهٽن ڪي آسرو اڳتي رکن،
اهل الله جو ديدار هت هر هر ڪيو.

١٣- ناه ڪجھ پرواه تنهن ڪي معامل محشر سندي،
هت جنهن ڪي پنهجي حوالي ساقيءِ ڪوثر ڪيو.

١٤- دوبدو ڪلھ قول ٿيا اڄ دل رنگن ريهي وڌي،
لشڪرِ محمود جان تو واعده ويسر ڪيو.

١٥- امر لامقصود في الدارين الا هُو ٿيو،
انحرافيءَ تي عمل تو وسيلا ويتر ڪيو.

١٦- ڏس صورت خود پاڻ ۾ پوءِ ائنما تُولو سڃاڻ،
غير ڄاڻ بن هم حق ڪيئن مغز مُظطر ڪيو.

١٧- اهل حق ڪيئن تو ڪوناٺي حق نہ جنهن اکئين ڏٺو،
حڪم حاڪم ڪنهن اهڙي محڪوم تي موثر ڪيو.

١٨۔ ڪنهن جو ٻانهو تو ڪونائي جنهن نہ خود سائين ڏنو،
پيٹڻ ڪاٹڻ نفس لئي پيدا ڏٺي نوڪر ڪيو.

١٩۔ جو بہ صورت محمدي معنيٰ تنهنجي مولا علي،
پنهنجي معنيٰ جي مخالفت پاڻ ڪي ڪمتر ڪيو.

٢٠۔ هر عبادت حرج ڪئي بن حب علي احمد نبي،
جنهن نہ پسيو پاڻ ۾ ڇا تيو جي حج اڪبر ڪيو.

٢١۔ محويتِ محبوبيت ماٺي ميثاقي مست ٿيا،
دوست جي ديدن اندر معراج دل مُيسر ڪيو.

٢٢۔ خيال ۾ خود خيال گم ماضي قبل در حال گم،
حال ۾ بيحال گم هم حال دم هيڪر ڪيو.

٢٣۔ راز ۾ همراز ٿيو شهباز اعجازِ علي،
دم نياز و ناز سان پرواز دل پرور ڪيو.

٢٤۔ هر ضرر ضايع ٿيا بخشيو حسن هڪ سُودِ دل،
ڪربلا جي قافلي سان گڏ علي اصغر ڪيو.

٢٥۔ "در محمد" موج مان هٺ ۾ جهليو جهنڊهِ علي،
پارسي سلمان سان پيوند پنهنجو لشڪر ڪيو.

آمين ثم آمين۔

ڪلام نمبر ۱۹۸

مطلع: قائم ڪيو قلندر واپار عشق ۾،
درسن حسن ملايو بازار عشق ۾.

۱۔ اکين اندر اوطاقي، رکيو موهن ميثاقي،
ماٺيو وصل فراقي، اعتبار عشق ۾.

۲۔ ديدار در جهليا هن، گفتار گهر مليا هِن،
نروار نر هليا هِن، رفتار عشق ۾.

۳۔ بازار حسن پڳاسون، بر بحر ۾ پڳاسون،
مسجد مندر پڳاسون، دربار عشق ۾.

۴۔ مقيد مرغ ڦٿياسون، سٽڪن مٿان سٽياسون،
انڪار سان مٽياسون، اقرار عشق ۾.

۵۔ سامهون سخن ٻُڌاسون، ٻولن اندر ٻَڌاسون،
بن جستجو لڌاسون، جنسار عشق ۾.

۶۔ عرشن مٿي اُڏيا سون، فرشن هيٺان ڪڏياسون،
گل قل سان گڏ گڏياسون، گلزار عشق ۾.

۷۔ پيالا پرت پيون پيا، بيخود بخود ٿيون پيا،
دم دم مري جيون پيا، اسرار عشق ۾.

۸۔ پاٽا پنهنجو پليوسون، دامن سان "در" رليو سون،
جهندهِ علي جهليوسون، اختيار عشق ۾.

ڪلام نمبر ۱۹۹

مطلع: قائم ڪيو قلندر، اعتبار عشق جو،
بن جسجتو لڌوسون، جنسار عشق جو.

۱۔ عامن ليکي آڪاٽيون، سالڪ و تن سيجاٽيون،
دم دم ٿا دل ۾ ماٽيون، ديدار عشق جو.

۲۔ نروار تي ڪليو آ، گفتار ۾ تليو آ،
انڪارسان مليو آ، اقرار عشق جو.

۳۔ جاني جهولي جهليو آ، هر راز دل ڪليو آ،
هر جا حسن هُليو آ، هبڪارِ عشق جو.

۴۔ خود خيال ٿيو خبر سان، نازڪ وڪر نظرسان،
قائم بنيو ڪسر سان، واپار عشق جو.

۵۔ ڪربل جو حال حامي، نيزي تي سر ڪلامي،
سردار تي سلامي، سردار عشق جو.

۶۔ ”دردآن“ پڙهو سٽايو، دل ڏاج ۾ ڳٽايو،
بنده علي بٽايو، اختيار عشق جو.

ڪلام نمبر ٢٠٠

مطلع: قرب وڃايو قرار، گھايو غمزه ابرو.

١۔ چشمن جي چوڪن سان چت اندر چُيڪار.

٢۔ اکين واري امر سان، دل جو دار مدار.

٣۔ حيلا حسن هضم ڪيا، عشق نيو اختيار.

۴۔ فرق فراق وصل جو، وڇون ويو ويچار.

۵۔ "در محمد" موهيو، نازن ۾ نروار.

کلام نمبر ۲۰۱

مطلع: قطره اندر گم تيو بحر، هر موج مُلڪ دل مَليو
بيرنگ موهن موجود تي، رنگ عشق ۾ رَلمل رَليو.

۱۔ اعجاز سان همراز تيو، ممتاز ناز و نياز ۾،
شهباز پُر پرواز سان، در مرغ دل پيهي مليو.

۲۔ دم خيال دل همحال تيا، هر حال هر درجات ۾،
خود ذات موجودات سان، همذات تي سي سُرسليو.

۳۔ محبوبيت معراج ۾، محتاج لا احتياج تيو،
ديدن اندر درسن مليو، هت ۾ حسن هر جا جهليو.

۴۔ ناسوت سان ملڪوت ۾، جبروت مان لاهوت ويو،
باهوت وٺ برقع ڍڪي، هاهوت ڏي حاڪم هَليو.

۵۔ ديدار در دربار تيو، دلدار "در محمد" مليو،
خلعت نوراني خيال ڪئي، دلقات جسماني جَليو.

مناجات باقاضي الحاجات

ڪلام نمبر ٢٠٢

مطلع: قلندر لعل سيوهاڻي، شامل ٿئي شوق شاهانہ،
محابہ پاڪ پنجتن جي، نوازيو ماڳ مردا نہ.

١_ هجن حسنينِ جن حامي، ڪلي رهوار رندانہ،
رهي سڪ آل سيد جي، بجا ٿئي حق مريدانہ.

٢_ سڄاڻا راز روحاني، ڪلي خود خيال خاصانہ،
امر من عرف جو سمجهي، ماڻيان معراج ميرانہ،

٣_ حڪم پيرِ مغان موجب، مَلهايانِ سير سلطانہ،
ملي معشوق عاشق سان، ڪيو آ عشق عريانہ.

٤_ وهاريو ڪول قدمن جي، قرب ڪريو ڪريمانہ،
سنڀاليو سگ پنهنجي در جو، ميجو گفتہ غريبانہ.

٥_ ڪيو شامل شهيدن ۾ پياريو پاڪ پئمانہ،
حسن محفل ۾ "در محمد"، ماڻي درجہ دليرانہ.

آمين ثم آمين_

مناجات با قاضي الحاجات

کلام نمبر ۲۰۳

مطلع: قلندر پاڪ پيوند ٿي، خلاصہ خاندان ۾،
عشاقن سان رنگ و بيرنگ، هجو هر آستان ۾.

۱۔ حسن شهباز جي صورت، ڏسن اعجاز ۾ اکيون،
معنيٰ مجنون ليليٰ جان، ملي دم عاشقان ۾.

۲۔ پسي پرتون پتنگ پچليا، رهيا هم جنس جلوه ۾،
سڃاڻي خود بنيا بيخود، حسن شعلہ شهان ۾.

۳۔ عاشق معشوق جي صورت، فقط جسمي جدا آهي،
قلب بلبل ڪونهي گل کان، علحده آشيان ۾.

۴۔ محو معشوق دل اندر، عاشق جو عشق ديدن سان،
ملي امداد اکين کان، خيالاتي خزان ۾.

۵۔ محابي پاڪ پَنجتن جي، ملي رتبہ رندن وارو،
ڳنڍيو دل "در محمد" سان، ناهي دانش ديوان ۾.

کلام نمبر ۲۰۴

مطلع: کنْهن سکون ٽا، کنْهن لکون ٽا، کنْهن لکيل پيا لکيون

۱۔ ساقي ڪوثر سُرڪ پياريو، نينهن نشي ۾ خيال خماريو،
چاشان حسن عاشق چکيون.

۲۔ غمزهِ ابرو غازي گهايا، پيڪان مزگان پيوند پايا،
ڪوليون حُسن اندر اکيون.

۳۔ عشق حسن ٽيا هم اوطاقي، عاشق ڄاتي مام ميثاقي،
رمزان روح رهبر رکيون.

۴۔ ڪيو "در محمد" ثابت، ساڳي صورت حيدر ثابت،
ملڪ معنيٰ جو پيا پرکيون.

كلام نمبر ٢٠٥

مطلع: ڪري قرب قلندر لعل مليو، درسن حسن علي هر حال مليو

١ـ ملنگ محويتي مخمور رهيا، ماٺي موجوديت منصور رهيا،
حسن محفل ۾ منظور رهيا، از فراقِ وصل قرب ڪمال مليو.

٢ـ مليا طلب ۾ بامطلوب طالب، غلبي غير مٽان ٿيا غازي غالب،
اُڏيا عرشئون اڳي ڪيري پنهنجا قالب، جڏهن جلوه حسن جمال مليو.

٣ـ موتو مرد مري موجود جيا، داخل منجهه منزل مقصود ٿيا،
پيوند پاڪ مقام محمود پيا، همدم حسن رهيو محبت مال مليو.

٤ـ عشق عشاقن ۾ ٿيو اوطاقي. فنا في الله بنيا بقا بالله باقي،
صوفن سير ڪيا انفس و آفاقي. روحي راز ڪليا خود خيال مليو.

٥ـ ساقي سرڪ پياري پُر خمار ڪيو، نيبهه نينهن نصير نروار ڪيو،
ديدن "در محمد" ديدار ڪيو، دل ۾ ذوق حسن ذوالجلال مليو.

آمين ثم آمين

كلام نمبر ٢٠٦

مطلع: كونهي ڪاتي سوا تنهنجي محمد مير اهڙو ٻيو،
مگر مولا علي عاشق تنهنجي تصوير جهڙو ٻيو.

١۔ تنهنجو رخ لعل لاثاني، نوان نيشان نينن جا،
مٺو ٻولڻ لبن وارو، كونهي تفسير اهڙو ٻيو.

٢۔ جگر ۾ جهير ڀرون جا، نہ مٽ شمشير ڪا اهڙي،
تنهنجي پنبڻن مثل پيارا، كونهي ڪو تير اهڙو ٻيو.

٣۔ زلف تنهنجا اڏيل ڦاهيون، ڏسي ڦاٿا عاشق ازخود،
عجب تاثير تن ۾ آ، كونهي زنجير اهڙو ٻيو.

۴۔ اجازت ڏي پيان پاٽي، چوسي چاهِ ذقن وارو،
قتيل دل لئي مثل دلبر، كونهي اڪسير اهڙو ٻيو.

٥۔ لکين دردي ويا گذري اڃان موجود لک آهن،
مگر هن "در محمد" جان، كونهي دلگير اهڙو ٻيو.

ڪلام نمبر ٢٠٧

مطلع: ڪوئي ليکي يا ناليکي، آهيون لِک لعل جي ليکي،
محمد مهدي آخر اول لجپال جي ليکي.

١ـ آهيون موجود ماضيءَ ۾، قبل سان قال جي ليکي،
حاضر هر حال ۾ ناظر، خدائي خيال جي ليکي.

٢ـ بنيو آ الف نقط مان، الف مد دال جي ليکي،
مليو آ ميم ري پاران، ڇنين زي ذال جي ليکي.

٣ـ رهيو محڪوم خود حاڪم، حڪم اعمال جي ليکي،
جوابِ مختلف صورت معنيٰ هڪ سوال جي ليکي.

۴ـ بره بنده علي بنديا، عجب اجلال جي ليکي،
ڇٽي چشمن ڪٺا قيدي، لِکو خون خال جي ليکي.

٥ـ مڙئي مستانہ محفل ۾ درد ڏمال جي ليکي،
لکين "دردآن" ديوانہ، وصل و وصال جي ليکي.

ڪلام نمبر ٢٠٨

مطلع: ڪيون سير پيا پنھنجي پورن سان،
گڏ مولائن مخمورن سان.

١۔ ڪڏھن ملڪ ساري جا مالڪ ڏٽي،
ڪڏھن پينو تي پنون پنج ڪٽي،
اھا ڳالھ اسان کي ويئي وٽي،
ڪڏھن سک ۾ رھون ڪڏھن سورن سان.

٢۔ رھون رمز روحي سان ھر رنگ ۾،
ڪڏھن فلڪ متان، ڪڏھن جھر جھنگ ۾،
نچون نانگا تي ڪڏھن لنگ ۾،
ڪڏھن پوش پھريل ڪستورن سان.

٣۔ ڪڏھن مسجد ۾ ڪڏھن بتخانہ،
آھيون ڪڏھن مڪان ڪڏھن مئخانہ،
ڪڏھن بازر ۾ ڪڏھن ويرانہ،
رھون موھن جي مذڪورن سان.

٤۔ ھر جاءِ حسن شھباز ڏسيون،
اعجاز جو ناز نياز ڏسيون،
"در محمد" ۾ دمساز ڏسيون،
پيا تا گڏجي گھاريون گھورن سان.

آمين ثمر آمين

کلام نمبر ۲۰۹

مطلع: ڪٿي نازڪ نيڻ نهار سڄڻ، تنهنجي درسن جي درڪار سڄڻ.

۱۔ تنهنجي حسن شريف حيران ڪيو، دم ديد سعيد ديوان ڪيو،
من محبت پاڪ مستان ڪيو، هاڻي ماڻن ساڻ نہ مار سڄڻ.

۲۔ جنهن ڏينهن تو سان دل دوست اڙي، ويو سوز گداز ۾ خون سڙي،
رتيل رمز روحاني نيڻ پڙي، دل ناز ڪيئي نروار سڄڻ.

۳۔ تنهنجي نينهن نواب حجاب يڳا، تو سان ازلي پيوند پيچ لڳا،
ڪونهي طالب جو توبن توه تڳا، پياري جام وصل جو جيار سڄڻ.

۴۔ ٽيندا نيڪ نيت جا نيڪ اثر، ناهي عام کي عشق جي خاص خبر،
ماٺهو ڪيئن ٻہ چون تون مٽ نہ نظر، ڏئي پيار وري نہ ڏڪار سڄڻ.

۵۔ عاشق عشق مجاز مان چوٽ چڙهيا، حسن حقيقت ۾ اناالحق گيت پڙهيا،
رچي لعل ٽيا درقرب ڪڙهيا، ڪيا ساڳي سر ديدار سڄڻ.

۶۔ "در محمد" سان مل يار سدا، سگهڙو ڏيار بره جا بهار سدا،
دل اندر ڏيکار ديدار سدا، سڪ پاڪ ڪري دم پار سڄڻ.

آمين ثم آمين

كلام نمبر ٢١٠

مطلع: كيون خيال حسن شهباز، دمن پرواز كيا

١۔ عرش كان اڳتي عاشق اڏريا، ماڻي ملك دراز الا انداز كيا.

٢۔ ديدان دلبر اندر اُجاريا، نانگا ناز نياز موهي ممتاز كيا.

٣۔ روحي رتبہ عشق عنايت، صاحب سوزگداز: حسن همراز كيا.

۴۔ بيرنگ بيپرواه بهادر، نسنگ نينهن نواز: عرض پرداز كيا.

٥۔ "در محمد" محل منور، عشق علي اعجاز: چٽا چوباز كيا.

ڪلام نمبر ٢١١

مطلع: گلشن حسن ڪليو، گلفام مليو، درسن دل ديدن ۾ دوام مليو

١ـ انگ ازل ابد عشق اعجاز رڱو، آغاز سان هر انجام ڀڱو،
قبل ماضيءَ ڇو ڀهريو حال وڱو، شغل شاه حسن صبح شام مليو.

٢ـ طالب موليٰ ترڪ وجود ڪيو، هر وجود ۾ پاڻ موجود ڪيو،
محبت مرشد لا مقصود ڪيو، هٿئون حيدر جاذب جام مليو.

٣ـ ملنگ محل اطمينان اڏيو، ڳر گهر ۾ گڏيو هر دوجهان ڇڏيو،
سخي سائل کي سلطان سڏيو، مَسڪن محفلِ حسن مدام مليو.

٤ـ اڳ عام علم جا اياٽپ ڇٽي، صادر عقل نوراً ساڻ سياٽپ ٽٽي،
پنهنجي صورت پاڻ سياٽپ ڪٽي، مالڪِ معنيٰ عشق امام مليو.

٥ـ گڏ "در محمد" دَرِ لعل ڪيو، پايو حسن جمال جلال ليو،
نظر ناز خماريو خيال ڪيو، سَرڪام اندر اقدام مليو.

كلام نمبر ۲۱۲

مطلع: لشكر علي كي روبرو، فرمان شاهِ شاهان مليو
حاضر سپاهيءَ ۾ لقب، سلطان پاڪستان مليو.

۱۔ محبوب عاشق ۾ محو، معراج جسماني ملهيو،
زيرِ قدم شاهِ امم، ڪرسي عرش آسمان مليو.

۲۔ عملي امر شاهِ شهيدان، شان شهدا ۾ ٿيو،
گهر ٻار سر ثابت ڪري، خود قرب ۾ قربان مليو.

۳۔ خود خيال ۾ بيخود رهڻ، اسم و جسم وسري وڃڻ،
در محويت محبوبيت، مثلِ شمع پروان مليو.

۴۔ نقط نسنگ ڪيو غين ڪي، خود گم رهيو بيٺي عين هڪ،
مصداق مورت معنوي، صورت اندر سلطان مليو.

۵۔ دامن علي ۾ "در محمد" لعل مڙهيو موج مان،
هر فوج رادر اوج دل، سڪ سوز جو سامان مليو.

کلام نمبر ۲۱۳

مطلع: لعلن سان پويو لعل خود، ميرو مٽيو پيل مندر ۾،
محبوبيت محبت کيو، منظور ناظر نظر ۾.

۱ـ قائم قلندر قول کيو، کوني کنجڪ ۾ کول کيو،
ڳنڍ ڪُل ڪٽنب ڪچکول کيو، قابو ڪڙيو خود کمر ۾.

۲ـ مرشد ملائي مام دل، طالب ملهائي کام دل،
حيدر علي انعام دل، بخشيو قرب سان قنبر ۾.

۳ـ گنجي گُڏي گر سان گڏي، مورت مان تي صو... وڏي،
معراج سان مذکر سڏي، شاهِ شاهان شبقدر ۾.

۴ـ بيجان مان جاندار جيئن، ماديءَ مان نر نروار تيئن،
هٿ حيدرِ ڪرار هيئن، لوح و قلم ڪُل امر ۾.

۵ـ جيءَ ۾ جهليو جهندهِ علي، از خود آيو حُر وٺ هلي،
مقبول پئي دعوت دلي، رهبر رهيو "در" اندر ۾.

ڪلام نمبر ٢١٤

مطلع: لائق مَلهيا ائٽ لائق ۾ ذات صفات ڏي قربون ڪاهيو

١ـ صورت معنيٰ ملي وحدت ٿي، دل جي دستن دوئي کي ڊاهيو.

٢ـ هڪ سڃاڻي هڪ ٿيا سي، عشق جا ڀائر ڪاٽي آهيو.

٣ـ فَاذڪُروني اَذڪرڪُم سان، يار سڀڳي ڪي سڪ ۾ ساهيو.

٤ـ خيال شهنشہ تخت قلبگہ، رنگ روحاني نہ پھ ٿاهيو.

٥ـ بنده علي سان "در محمد"، برحق نازڪ نينهن نباهيو.

ڪلام نمبر ٢١٥

نوٽ: هي ڪلام مست فقير (اوّل) جو آهي.

مطلع: ماڙيچن جي محبت آهي مونکي واه وٽي
ميلج محب مولا پرور پاڪ ڏٽي.

١ـ ابر جان اڪرڙيو وسن، واديون وره وهن،
پلپل پنبٽيون پرتئون تن جي پهر پچن
سوز فراقن ساڙي، ڪيو پڻمالَ پَٽي

٢ـ اتم اميدون آسون اڳڻ اُهي مون ايندا.
نذر نهوڙيل نينهن جي ورتيون نال نيندا.
چوري چڏيندا چاڪئون سانگي سنيها سُٽي

٣ـ ڪيم شڪرانہ شاديون قاصد آيم ڪَهي
ڏک ڏمر ميان عمر ويا لحظي منجھ لهي
خطڙو خوشيءَ جو خاطو ڪوليو جڏهن ڪٽي.

٤ـ دل ڪان دُور ٿيا درد مڙيئي "در محمد"
حامي هوت ٿيو مرسل مير محمد
دوست ڏني دلداري آٿي گهوٽ گهٽي.

ڪلام نمبر ٢١٦

مطلع: مام پُرجهيندا محال، مَن اندر جن ناه محبت

١. بيرنگ جا رنگ ۾ اشاره، رند سمجهن ٿا بحال،
مولئٰ علي جي عشق سان، ماڻن منجهئي جلوه جمال،
غرق ٿيا در روحي رغبت.

٢. امرو نهي ٻئي ٿيا ترڪ، وسريا صرف نحو و ماه سال،
ماضي قبل جو قال رد ٿيو، حال سان توڪل ڪمال،
شوق جا پين شربت.

٣. قائل ڪشف و ڪرامت، مَحض آ مخنث مثال،
درد و فراق و دوست ريءَ، چڪندو ڪٿهن ذوقِ وصال،
راز ڪوليو عشق البت.

٤. محبوب جي ميدان ۾، آهي فقط سر جو سوال،
بازي بره غازي ڪتن، راضي مٿن جاذب جلال،
ڪئين ڪلي تن پرت پربت.

٥. روشن رهي دل "در محمد"، نياز ۾ ره نت نهال،
بنده علي جي عشق سان، پيوند جنهين جو پاڪ خيال،
سمجه تن جي صاف صحبت.

ڪلام نمبر ٢١٧

مطلع: مارو مليا منٺار، هرجا هُليون وصل واڏايون

١ـ حسن پسائي من موهيائون، ملڪيت دل جي ڌوهيائون،
نيڻ لڳا نروار، جوڙي وينا جيءَ ۾ جايون.

٢ـ ڪاجا ڪن ۾ ڳالھ ڪيائون، رمز روحيءَ جو راز ونديائون،
عشق ڏنا اعتبار، بيرنگ بازيون رنگ ۾ آيون.

٣ـ سڪ جي سرڪي ساقيءَ پياري، ناز نياز سان ڏيئي ڏيکاري،
ماٺيا خيال خمار، بيخوديءَ ۾ خود تا يانيون.

۴ـ اسم جسم جي وسري حد وئي، "در محمد" دل پيوند ڪئي،
جھندهِ علي سردار، بنده علي جا ڳڻ پيا ڳايون.

آمين ثم آمين

شعر نمبر ٢١٨

طرح ڏنل سيد علي شاه سائين

مطلع: محابہ عشق جي ساقي سگهو شراب ملي
خمار خيال بجلوهِ جذب جناب مِلي.

١۔ ساقي سائل کي سڪ مان ساغر سيرابِ ملي،
نئون نئون نشو جنهن جو پيو شامل شتابِ ملي.

٢۔ شاهي حسن هميشہ کولي نقاب ملي،
رتبن ۾ دل نہ راضي دمِ همرڪاب ملي.

٣۔ صورت سامهون جا مورت لهي حجاب مِلي،
سياهيءَ مان سفيدي نقطهءِ نياب مِلي.

۴۔ نينن جي ناز سان نيازِ نوابِ مِلي،
چوسڙ چھ ذقن مان اڃايل کي آب مِلي.

٥۔ درد هن مار زلف بَدل القاب مِلي،
بلبل چهنب ۾ جيئن گل گلاب مِلي.

٦۔ دل جي مرغ جو دم دم ڪپيل ڪباب مِلي،
لقمہ عقاب عينان بي حساب مِلي.

٧۔ صورت سان جڏهن معنيٰ سندو مهتاب مِلي،
مصور وجود با مصداق آفتاب مِلي.

٨۔ شاهه شهيدان جو سَر سُر انتخاب مِلي،
آوازَ اناالحق سان روحي رباب مِلي.

٩۔ اختيار عام اڳيان خاصو خطاب مِلي،
پروان پيرسن سان شمع شتاب مِلي.

١٠۔ طالب موليٰ مذڪر ۾ نہ انقلاب مِلي،
مخمور دم بيخود سان نتو عذاب ملي.

١١۔ مخبر بَخيال خضري تعبير خواب مِلي،
بنده علي ٿئي هڪ جيئن آب و حبابِ مِلي.

١٢۔ "در" جي مدعا جو دل ۾ جلد جواب مِلي،
من عرف جي علم جو قدسي ڪتاب ملي.

ڪلام نمبر ٢١٩

مطلع: محفل محبوب ۾ يارو، عُشاقن کي اچڻ گهرجي،
حسن جي شعاع ۾ هڪدم، پتنگن جان پچڻ گهرجي.

١ـ مَجو مَن عرف جو فرمان، سڃاڻو سِر پنهنجي سَر مان،
فخر فرعون هر هر مان، اِنهيءَ بَڪَ مان بچڻ گهرجي.

٢ـ بره بيرنگ بيچوني، حيرت ۾ هُج طالب تون ني،
چڙِي ٻيا رنگ گونا گوني، روحي رنگ ۾ رچڻ گهرجي.

٣ـ زباني ذِڪر پيو ڳائين. فڪر سان دل نٿو لائين،
چُوريون چُسڪا ڪومڻ ڪائين، مزن ۾ ڇو مچڻ گهرجي.

٤ـ رڳو ره حال ۾ راضي، نہ ڳڻتي ڳڻ قبل ماضي،
مهٽا ڏين مر مُلا قاضي، نانگو تي نر نچڻ گهرجي.

٥ـ ماڻيو جن "در محمد" ۾، اُهي ٿيا احد احمد ۾،
غازن جو گشت هر حد ۾، نہ گپ گچ ۾ گچڻ گهرجي.

ڪلام نمبر ٢٢٠

مطلع: محفلِ محبوب ۾، منظور ٿي مجرم مليو،
عشق جو احسان ٿيو، انسانيت جو دم مليو.

١۔ اوچتو اونداھ ۾، شاهِ حسن جو شمع مليو،
صورتِ لاعلم اندر، معنوي معلم مليو.

٢۔ بره بخشش ۾ مخاطب، ساڻ متڪلم مليو،
مرتبہ معصوميت ۾، لازمي ملزم مليو.

٣۔ شوق جو شهباز مرغ، دل اندر محڪم مليو،
عشق جو اعجاز ٿيو، قطره ۾ ڪل قلزم مليو.

۴۔ هر صورت سان هڪ معنيٰ ۾، حال جو محرم مليو،
يا نصارا يا يهودي يا هندو مسلم مليو.

۵۔ "در محمد" لعل در، دامن علي اعظم مليو،
رشتۂ روحانيت ۾ هر مٺيو همدم مليو.

ڪلام نمبر ٢٢١

مطلع: محبوب ساڻ مس مس، اکيون اٿئون اڙايون،
صورت وٽي تي دل کي، هرگز نہ منهن مٽايون.

١ـ عاشق مليا حسن سان خيبر جي جنگ کٽيايون،
ماڻن پيا موج مخفي، ظاهر سائل سڏايون.

٢ـ گادي نشين ها سُون، گوشہ نشين ٿياسون،
گم نام تي گهمڻ سان، تا لوڪ آزمايون.

٣ـ راز اعجاز پرجهن، عارف بالله علشق،
دانشمندن جي اڳيان، چريو پيا چوايون.

٤ـ معشوق جڏهن مليو مڙني تي ٿياسي عاشق،
عشق و حسن جي هٽ ۾، بيخود خودي نہ پايون.

٥ـ دل ساڻ "در محمد" مهدي مليو مقرر،
جنهن رمز ۾ رهائي، پيا تا عجب پرايون.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٢٢

مطلع: محبوب مليو مُرڪي، اڄ شوق سان شهر ۾،
نازڪ خيال ناظر، منظور تيو نظر ۾.

١۔ موجود حق مدامي، مقصود ٿيو تمامي،
هر وقت هَمَ ڪلامي، دلدار دل اندر ۾.

٢۔ وَنديون وروه وحدت، مقبولِ قرب ڪثرت،
هِي ٿوري حسن خدمت، ائي گهٽي اثر ۾.

٣۔ ڏئي پيار سان پرولي، جانب وهاريو جهولي،
لوڏي ڏنائين لولي، پينگهو رکي پڌر ۾.

۴۔ مَن ۾ مِليا مئخانہ، پلپل پيون پئمانہ،
ديدن سندا ديوانہ، ٿيا بيخبر خبر ۾.

٥۔ دامن علي ۾ احمد پرتؤن ملايو پيوند،
دل سانُ "در محمد"، مليو پهرين پهر ۾.

کلام نمبر ٢٢٣

مطلع: محبوب جو دل ۾ مکان مليو، حسن محفل جو ميدان مليو

١ـ شهباز علي پرواز کيو، پرواز اندر آواز کيو،
اعجاز علي همراز کيو، فرمانروا قربان مليو.

٢ـ خوش خير محمد لعل ڏٺم، دم ظفر علي مالامال ڏٺم،
خود خيال محودر حال ڏٺم، دربان اندر سلطان مِليو.

٣ـ مِليو محبت ۾ اعتبار علي، پهلوان تيو اختيار علي،
نروار رهيو جنسار علي، حسن شعاع اندر پروان مِليو.

٤ـ گفتار پڌي مستان بنيم، ديدار پسي سبحان چيم،
اظهار دلي ديوان کيم، رفتار اندر نيشان مليو.

٥ـ کليا بنده علي جا باغ دلي، روشن راز علي ۾ چراغ دلي،
ڏويا ورق الخيال سان داغ دلي، هر همدل کي مئخان مليو.

٦ـ بازار حسن ۾ يار مليو، صورت معنيٰ جو سينگار مليو،
هڪ حڪم هٿان مگٽهار مليو، "دردان" اندر دوکان مليو.

ڪلام نمبر ٢٢٤

مطلع: محبوب جو معراج لئي، هڪ پل اندر پرواز ٿيو،
گلشير دستِ شير سان، درشبقدر شهباز ٿيو.

١۔ رخ لعل محمد موهيو، اکين ڏٺو انعام دل،
هر عاشقِ روشن قلب، در محويت ممتاز ٿيو.

٢۔ طالب مولا غالب رهيا، خيبر جي جنگ اکبر ڪئي،
معراج ماڻن خيبري، هڪ خبر هر اغماز ٿيو.

٣۔ محفل حسن همدم هجي، هر حال ۾ خود خيال سان،
اربَع اڳيان هر راز ۾، حصيدار هڪ همراز ٿيو.

۴۔ محبوبيت مقصد لڌا، دل عشق جي امداد سان،
شوقِ حسن ۾ روز شب، شامل نياز ناز ٿيو.

۵۔ ساقي پياري سُرڪ هڪ، هڪ محل مان هڪ مهل ۾،
از خود خوديءَ سان بيخودي، خود عشق جو آواز ٿيو.

٦۔ سودا لڪين دم دم لڪين، گم فرق ويسر ياد جو،
بازر سڪر وحدت وڪر، هڪ هڪ اڪر انداز ٿيو.

٧۔ دل دل هٿين هرهڪ رکي، دلدل هٿين حيدر علي،
بيهڻ هلڻ جاڳڻ سمهڻ، انجام سان آغاز ٿيو.

٨۔ هر رنگ اندر باطن بره، ظاهر ذم وار ڪيا،
صورت هڪا رتبه جدا، چرچو حسن چوباز ٿيو.

٩۔ "در محمد" دلشاد سان، هٿ ۾ جهليو جهنڊهِ علي،
لشڪر فقر فخري مٿان، سايہ اندر اعجاز ٿيو.

آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٢٥

مطلع: محبوب عاشق سان مليو، چئي ڏي پڙهو مُطرب يلي،
جوڳي مثل گهر گهر گهمي، احوال ڪر مخفي جلي.

١ـ همدم رهيا همدل هڙئي، خود خيال ۾ پائي گلي،
پيرِ مغان پڪ لبن سان خود جنس ۾ هر دل مَلي.

٢ـ قلبي روحي جي سير ڏئي، اخفا خفيءَ ۾ تل تلي،
مصداق شمس الحق مليو، نفسي سريءَ ۾ ڪل ڪِلي.

٣ـ مضمون محبت جو لکي، مجنون سان ليلي ڏِلي،
صادق صبح مڪمل خبر، روح القدس ساري سَلي.

٤ـ صورت اندر معنيٰ محو، در عين دل مُصور رلي،
محل محمد لعل ۾، تيو شمع جان پروان جَلي.

٥ـ خود خيال صفي الله ۾، ساڳي صورت دامن علي،
پيوند "در محمد" رهي، خوشدل بنيو هر جا هلي.

آمين ثم آمين

کلام نمبر ٢٢٦

مطلع: محبوب جي خود مختياري آ، البت عاشقن کي اختياري آ

١۔ اختياري سان بي اختيار رهن، عاشق عشق اندر اسرار لهن،
بره بار سخي سردار سهن، تن تار سکي صبر واري آ.

٢۔ جذبو عشق رهيوجن ۾ جاذب، بنيو هر هک سو سوليءَ جو صاحب،
جن جو روح رهيو حسن سان راغب، کسڻ تن لئي قرب قراري آ.

٣۔ عاشق حسن هميش حيات رهيا، موتو مرد نہ مُور ممات رهيا،
سلمان مثل ساڳي ذات رهيا، دل جن جي عشق اجاري آ.

۴۔ پَنجپاک رهيا اندر اوطاقي، مليو محبت سان موهن ميثاقي،
فرق فراق ٽڙيا وصل بره باقي، محفل مرشد ۾ سنگت ساري آ.

۵۔ "در محمد" بنيو بنده علي، مصداق قنبر کئي دل تسلي،
جاڳيو نينهن نشو مخفي و جلي، ساقي صفي الله پک پياري آ.

۔ آمين ثم آمين

كلام نمبر ٢٢٧

مطلع: محبت ۾ موجود، يار ملائي پنهنجي مرضي

١۔ طالب مولا تارڪ هر رنگ، سجڻ بنا بي سود،
عاليٰ عهدا عرشي عرضي.

٢۔ باغ حسن جا مالهي ٿياسون، لائق لامحدود،
قرب ڪريم جا آهيون قرضي،

٣۔ صورت سجاتي سجده اندر، ساجد ٿيا مسجود،
بيخود بنيو گم خود غرضي.

٤۔ "در محمد" بنده علي جو، عاشق لامقصود،
فقر فخري فرمان فرضي.

ڪلام نمبر ٢٢٨

مطلع: محبت ۾ مشتاق، ڪيو آ يار اسان کي

١ـ هڪ صورت جا عاشق لاحد، اکين لاءِ عُشاق،
ڪيو آ يار اسان کي.

٢ـ اول آخر مُلڪ حسن ۾، وچ وصال فراق،
ڪيو آ يار اسان کي.

٣ـ بحر بره ۾ تار ترون پيا، ڪڏهن استغراق،
ڪيو آ يار اسان کي.

٤ـ عشق اعليٰ اڪسير علي جو، زهر لئي ترياق،
ڪيو آ يار اسان کي.

٥ـ "در محمد" مرشد مليو، محبوبي مصداق،
ڪيو آ يار اسان کي.

ڪلام نمبر ٢٢٩ تتبع ساڳي

مطلع: محبت ۾ موجود، ڪيو آ يار اسان کي

١۔ قصد قائم دل جو دل ۾، قاصد لئي مقصود،
ڪيو آ يار اسان کي.

٢۔ محفل موهن ڳايون وڄايون، سازن ساڻ سرود،
ڪيو آ يار اسان کي.

٣۔ اسم جسم سان ٻاهر ٻهڪئون. اندر عدم وجود،
ڪيو آ يار اسان کي

۴۔ خير و شر ۾ نيڪ و بد سان، ضرر منجهان سود،
ڪيو آ يار اسان کي.

۵۔ "در محمد" مام ملائي، درد ڏئي خوشنود،
ڪيو آ يار اسان کي.

كلام نمبر ٢٣٠ تتبه ساڳي

مطلع: محبت ۾ مخمور، ڪيو آ يار اسان کي

١۔ حسن همدم حاضر ناظر، نظر ۾ منظور،
ڪيو آ يار اسان کي.

٢۔ ناز نينان سان نينهن نباهيو، هر دم منجھ حضور،
ڪيو آ يار اسان کي.

٣۔ فکر فنا گم ذڪر بقا ۾، ذاڪر جو مذڪور،
ڪيو آ يار اسان کي.

٤۔ اندر ٻاهر عرش فرش تي، هر محل مسرور،
ڪيو آ يار اسان کي.

٥۔ "در محمد" مهدي مليو، ٻره اندر ڀرپور،
ڪيو آ يار اسان کي.

ڪلام نمبر ۲۳۱ تتبع ساڳي

مطلع: محبت ۾ ممتاز، ڪيو آ يار اسان کي

۱۔ اکين اڏيو محل دل جو، روحاني رنگساز، ڪيو آ يار اسان کي.

۲۔ مرغ عشق جو جهٽ پٽ جهٽيو، شوق حسن شهباز، ڪيو آ يار اسان کي.

۳۔ خيال آزاد رهيو دم دل کان، مقيد زلف دراز، ڪيو آ يار اسان کي.

۴۔ ڪڏهن سلطان ڪڏهن سپاهي، ڪڏهن عرض پرداز، ڪيو آ يار اسان کي.

۵۔ بنده علي سان "در محمد"، راز اندر همراز، ڪيو آ يار اسان کي.

کلام نمبر ٢٣٢

مطلع: مخفيءَ مان مشهود، آيو الله انسان ۾

١۔ في انفسکم قول قرآني، وارث اندر وجود،
فهم رکو فرمان ۾.

٢۔ معشوق حسن محفلِ سان، منجھ محل محمود،
عاشق عشق امان ۾.

٣۔ اٺ گهريا ڳڻ ڳڻ کان ٻاهر، عشق ڪيو آ سود،
احسان ٿيا احسان ۾.

۴۔ بقا بالله بنيا تارڪ طالب، نفيءَ ڪيا نابود،
اثباتي عنوان ۾.

۵۔ بنده علي سان بلڪل مليل، دانشمند موجود،
"درمحمد" ديوان ۾.

ڪلام نمبر ٢٣٣

مطلع: مرشد علي طلب تنهنجي، ملهيو ملڪ مطلوبيت،
خود خيال ۾ همحال ٿيو، دم محويت محبوبيت.

١۔ ارشاد سان امداد ٿيو، آباد استعداد ٿيو،
مذڪور وسريل ياد ٿيو، مخمور ڪيو مقبوليت.

٢۔ قاصد مليو مقصود سان، وحدت وصالِ وجود سان،
مڙهيو حسن موجود سان، در معرفت موجوديت.

٣۔ دل خاص ڪانهي عام ۾، حظ عشق جو انعام ۾،
آرام بي آرام ۾، رلمل ڪيو رنگ روحيت.

۴۔ دم پاڪ پيغمبر بڻيو، هر خبر ۾ مخبر بڻيو،
خود خالقِ اڪبر بڻيو، ماٿائي عشق اُلوهيت.

۵۔ "در" دان حسن جو هُل هليو، فوج فقر خوشدل ڪِليو،
بنده علي برحق مليو، در محلءِ محموديت.

ڪلام نمبر ٢٣٤

مطلع: مرشد واري مام، لوڻ لوڻ ۾ نئون نئون رنگ لاتو

١ـ ساقي ڪوثر پياري سُرڪي، صورت معنيٰ مليا مُرڪي،
اڪين جو انعام، اڪين ڏسي دل ساڻ سڃاتو.

٢ـ صحيح نماز نيڻن سان سڄ ۾، حج اڪبر ٿيو ابرن وچ ۾،
اڏيو عشق امام، هر طرف ڪان حسن جو حاتو.

٣ـ دام زلف ڏي دل خود ڪاهيو، نينهن نيڻن نروار نباهيو،
نفي ٿيو نسنگ نام، اثباتي ڪيو نيبھ ناتو.

٤ـ هرهڪ طالب تاج حسن جو، ماڻي ڪو معراج حسن جو،
ڪوڻ هٽي ٻيو هام، حسن ڪيو هٽ هرهڪ ڪاتو.

٥ـ "در محمد" موج مچائي، بحر روحي ۾ فوج رچائي،
محويت جو مدام، لهر لهر سان پيوند پاتو.

ڪلام نمبر ٢٣٥

مطلع: مطلوب خود مختيار سان، طالب مليا اختيار ۾،
هر امر مرشد شد ادا، از طالبان اظهار ۾.

١ـ من عرف ساڳي سر ٿيا، موتو مري جئري جيا،
تن ٻول اذني ٻوليا، بيخود خودي خمار ۾.

٢ـ ڪامل ڪڏي ڪُسندا رهيا، رنگ عشق جا رسندا رهيا،
عاشق حسن هسندا رهيا، سوليءَ توڙي سنگسار ۾.

٣ـ قادر ٻهر قدر و قضا، ته ٻه طلب ڪن روحي رضا،
ملهيا درد درجاتي مزا، هرهڪ ٻره بيمار ۾.

٤ـ نينن نظر نروار سان، درسن رليا ديدار سان،
دل ڪئي وحدت واپار سان، بيشڪ حسن بازار ۾.

٥ـ دم گهور "در محمد" مٿئون، مليو اسم حق حيدر هتئون،
بنده علي بخشيو اتئون، دل جو نشو ديدار ۾.

ڪلام نمبر ٢٣٦

مطلع: مطلوب طالب ۾ طلب سان، مَحو ٿي مليو اچي،
گفتار ۾ رفتار ۾، خمار دل ڪليو اچي.

١ـ رب عرب روشن مليو، گويا بلبل و گلشن مليو،
دل سان ائين درسن مليو، شمر ۾ پتنگ جليو اچي.

٢ـ اڪين اڳيان احتياج ۾، ڪشتہ قلب تيو ڪاج ۾،
سائل سندو سرتاج ۾، معراج دِل ملهيو اچي.

٣ـ اعجاز تيو اغماز سان، همراز ناز و نياز سان،
شاغل مرغ شهبازسان، پرواز ۾ پليو اچي،

۴ـ احسان شہ مردان تيو، هر ملڪ پاڪستان تيو،
دل خست جو درمان تيو، مهدي تخت مَليو اچي.

٥ـ "دُر لعل" در دامن علي، محفل حسن ڪئي منجلي،
لشڪر فقر هڙتئين هلي، سڪ جو قصو سليو اچي.

ڪلام نمبر ٢٣٧

مطلع: مِعراج دل ماڻايو، اڪين انعام اندر،
آغاز راز روحي، آيو انجام اندر.

١۔ روحڪ روحي جو فرمان، مصداق شمع پروان،
مرشد ملهايون موجان، قلبي قيام اندر.

٢۔ عاشق رهيو اوطاقي، محبوب تيو مُلاقي،
سائل نواز ساقي، مستيءَ مدام اندر.

٣۔ خود خيال ۾ خداوند، پاڪيزگي جا پابند،
خاصن جا خاص خاوند، عزت نہ عام اندر.

۴۔ معنيٰ سان هم ڪلاسي، صورت اندر اُداسي،
پلپل پرت پياسي، مهدي امام اندر،

۵۔ دامن علي ۾ ديدان، مِليو ملهايون عيدان،
پرتئون پسايون "دردان"، مورت جي مام اندر.

كلام نمبر ۲۳۸

مطلع: معنيٰ حسن محو تي، احوال عشق ۾،
صورت اندر سمايو، خود خيال عشق ۾.

۱۔ مليو حسن جمالي، اجلال كئي كمالي،
تيو باه سان بحالي، لنگ لعل عشق ۾.

۲۔ معشوق مهرباني، عاشق اندر عياني،
معراج تيو روحاني، اقبال عشق ۾.

۳۔ كي ناز ۽ پون پيا، كي نياز ۾ نون پيا،
ماضي قبل چون پيا، هر حال عشق ۾.

۴۔ ”در محمد“ سيبايو، جهنڊه علي جو سايه،
بنده علي اگهايو، هر سوال عشق ۾.

ڪلام نمبر ٢٣٩

مطلع: معشوق عاشق کي گهرايو، عشق جي دربار ۾،
ناگهہ نشو نروار ٿيو، درسن مليو ديدار ۾.

١۔ نينن نظرسان دل لٽي، دم محو ٿيو مهدار ۾،
عاشق سمايو عشق سان، معشوق خود مختيار ۾.

٢۔ طاقت زبان ڪانهي ڪري، مخفي قصو اظهار ۾،
سالڪ سڃاڻن حال دل، جن جو دخل اسرار ۾.

٣۔ معروف عارف کي آڻايو، معرفت مڱڻهار ۾،
قربان قدمن تان رهيو، ڪامل عقل اختيار ۾.

٤۔ سو دو سِرن جو ساب پيو، اعتبار جي بازار ۾،
بهره بره برپا ٿيو، وحدانيت وهنوار ۾.

٥۔ بنده علي جي امر سان، دليون مليون ديدار ۾،
هُج "در محمد" دمبدم، حب حيدرِ ڪرار ۾.

۔ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢۴٠

مطلع: معشوق سان عاشق مليو، اڄ عشق جي اعجاز ۾،
خود خيال جو خاوند رهيو همراز سان هر راز ۾.

١۔ هر جا حق موجود آ، ساجد اندر مسجود آ،
هر حد مثل محدود آ، بي مثل بي انداز ۾.

٢۔ هڪ حال جهتيو هم بغل، ماضي قبل پٽيو دخل،
خوف ورجا مٽيو محل، انجام گم آغاز ۾.

٣۔ ڪڏهن ڪربلا ۾ خوش ڪلڻ، ڪڏهن عيد ۾ ماتم روئڻ،
بيخود خوديءَ سان خود هئڻ، مخبر رهڻ ممتاز ۾.

۴۔ ڪوجهي ڪڪڙ ڪولي ڪڏي، ڪنجڪ قلندر ۾ ڪڏي،
عرشون لنگهي اڳتي اُڏي، شهباز سان پرواز ۾.

۵۔ جهنڊو علي هٿ ۾ جهليو، پاڇي هينان لشڪر پليو،
"دردانؔ" حڪم هر حد هليو، هڪ عشق جي آواز ۾.

ڪلام نمبر ٢۴١

مطلع: معشوق عاشق ۾ محو، هڪ عشق ٿيو آهي عيان،
بيخود خوديءَ جي خود خبر، دل مان ونان دل ۾ ڏيان.

١۔ عاليٰ مراتب عرش جا، بخشا بره سي فرش تي،
ماضي قبل همحال ٿيو، هر حال ۾ از خود اڳيان.

٢۔ عاشق آهن منهنجا مرٿي، معشوق آهيان عشق جو،
صورت محمد ظاهري، معنيٰ علي باطن بيان.

٣۔ پنهنجو سڄاڻي پاڻ ۾، ماڻين قلب موجودگي،
مرشد مهربانيون ڪيون، قربان قدمن تان ٿيان.

۴۔ خود خيال پاليو خيال ڪي، جاليو جسم ڪان دم جدا،
ري دم گهمان ريءَ دم سُمهان ريءَ دم مران ريءَ دم جيان.

۵۔ دل "در محمد" لعل ڪئي، شامل شهيدان شاه سان،
هر دم هتان حيدر علي، پيالا طهورا پيو پيان.

ڪلام نمبر ٢٤٢

مطلع: معشوق محفل عشق ۾ عاشق حسن آٽائيي،
دیدن ۾ درسن دل مليو، علم عقل اڪاٽائيي.

١ـ انور عينان پر عجب، مخمور ڪيو موهي قلب،
مجذوب ۾ جاذب جذب، معراج دل ماٽائيي.

٢ـ شامل شاه مردان ٿيو، جان و جسم قربان ٿيو،
صورت شمع پروان ٿيو، سر معنوي سجاٽائيي.

٣ـ مرغ عشق اعجاز سان، شاغل حسن شهباز سان،
پيوند سدا پرواز سان، وحدت وصل واٽائيي.

٤ـ بيرنگ بحر بارنگ رچي، بر سر ڪيون موجان مچي،
هر لهر ۾ از خود اچي، ڄاڻ جو حق ڄاٽائيي.

٥ـ "دردآن" علي الله آ، هر دو جهان همراه آ،
موجود موتو ماه آ، الحد عڪس أماٽائيي.

ڪلام نمبر ٢۴٣

مطلع: مليو عشق و حسن من ۾، اناالحق گيت دل ڳايو،
دوئيءَ معشوق عاشق کي، احديت پوش پهرايو.

١- طلب مطلوب طالب کي، محويت ملڪ ماڻايو،
مخاطب متڪلم منجهئي، غائب حاضر هلي آيو.

٢- محو دم حسن صورت ۾، سُڪر معنيٰ جو سامايو،
عاشق ابروَ اشاري سان، عينن جي گهور ۾ گهايو.

٣- بمنزل مُطمئن پل ۾، اسب اعتبار پهچايو.
محلو محموديت ملهيو، پيوند مغلوبيت پايو.

۴- پسي هر دوجهان پرکي، سڃاتو دل روحي رايو،
جيئڻ ۾ هار جيتڻ کان، مرڻ مبدل ڪيو ڪايو.

۵- عشاقن کي اندر محفل، دليون "در لعل" آڻايو،
بلي بنده علي آهيون، فائق فرمان فرمايو.

کلام نمبر ۲۴۴

مطلع: مليو هادي حيدر شاه ميان، گهر ويني گهر حُر حاکم جان

۱۔ نظر عليءَ سان نينهن نوازش، نسنگ ٿيو نيباه ميان.

۲۔ ساجن ساريو اکين اندر، حسن رهيو همراه ميان.

۳۔ عهد الستي عشق ادا ڪيا، عاشق ٿيو آگاه ميان.

۴۔ دوئي ملايو دم ۾ دل سان، وحدت جو ويساه ميان.

۵۔ "در محمد" دامن لڳڙو، مرشد صفي الله ميان.

ڪلام نمبر ٢۴٥

مطلع: مِليو صورت جو سردار ميان، نظر نينن جي ملڪ دل مِليو

١ـ بلبل گل جان داخل دل ۾ دلدل جو هسوار ميان.

٢ـ شير شڪاري شوق شغل ۾، ڪيڙو شاه شڪار ميان.

٣ـ ڏسي نظارو نينن وارو، ماٽيو خيال خمار ميان.

۴ـ بيرنگ جو رنگ ملنگ ملهائن، اندر ۾ اظهار ميان.

٥ـ محفل موهن لعل محمد، ماٽيو "دُر" ديدار ميان.

کلام نمبر ٢٤٦

مطلع: مليو حسن حضور، ناز نيڻن نروار نچايو.

١۔ هٿئون حيدر لعل جي، پيتم جام طهور،
خيال روحاني رنگ رچايو.

٢۔ محو معنيٰ صورت ۾، مورت مجمع نُور،
خيال خزانهءِ دم خرچايو.

٣۔ محويت ميوه مِليا، باغ بره ڀرپور،
پيرِ مغان جي پِڪ پَچايو.

٤۔ آمر علي اعجاز ڪيو، امر اندر مامور،
ڪيئن ڪپاه ڪي باه بچايو.

٥۔ "در محمد" مُرڪي موهن ڪيو منظور،
محبت من ۾ مچ مچايو.

ڪلام نمبر ٢٤٧

مطلع: مليو محرم يار، جُهليو سر تي ڇٽ سلطاني

١ـ حسن حقيقت واري هادي، پوش مجازي ڪيو بربادي،
نينهن اندر نروار، خيال پهري پوشاڪ نوراني.

٢ـ هر دو صورت معنيٰ هڪڙي، دوئي ڪئي صادر وحدت سڪڙي،
عبديت اقرار، احديت اڳيان ثابت ثاني.

٣ـ ناز اعجاز جي راز رچايو، پاڪ محبت جوش جڳايو،
دلدار اندر دلدار، رلمل ڪيڙي رمز روحاني.

٤ـ شان حسن جو شائق جاڻن، نينهن نظاره صحيح سڃاڻن،
عشق ڏنو اعتبار، عاشق ساڳي سر سبحاني.

٥ـ "در محمد" مهدي دل ۾، ذوق ظهورو هر محفل ۾،
دلدل جي هسوار، مرڻي مشڪل ڪئي آساني.

ـ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ۲۴۸

مطلع: ملي معنيٰ صورت تي وحدت، ڏسيو احد احمد سردار بنان

۱ـ بيخود دم خود خيال ۾، وجود مثل لاوجود صورت،
بي اختياريءَ اختيار ڏنان.

۲ـ سياه محل ۾ مرشد، لعل پهرائي خود خلعت،
دلجاءِ جڙي پرت بار پُنان.

۳ـ فَاذڪُروني فرمان، ڪيو قادر جي قدرت،
لاخوف هڙئي هڪوار ڊنان.

۴ـ بيرنگ بيحد رنگ ۾، عشق حسن ماڻن الفت،
ڪيا بره بقا اطوار فنان.

۵ـ باغ اعجاز جو برسيل، رس پيڻ سان ماڻي عبرت،
بره بوندن ۾ "دردآن" ينان.

ڪلام نمبر ٢٤٩

مطلع: ملنگ مگٽهار، ميليو موهن لعل لعابي
نين مليا نروار، نشو ڪليو ناب نايابي.

١- نظر ۾ منظور مليا سي، درسن حسن حضور مليو سي،
محويت مهدارِ بيخود ڪيو خود خيال خطابي.

٢- متفق معنيٰ عين نوازش، صورت مورت ساڳي سازش،
روحاني رفتار، توڙ رسيا شائق شتابي.

٣- خاوند جا خود خاوند آهن، لوح قلم تا ٿاهِن ڏاهن،
عشق اندر اختيار، ماڻن عاشق ابو ترابي.

٤- طلب مرشد طالب ماڻن، خيال خلاصہ طرف نہ تاڻن،
عشق سنديِ اعتبار، رليا رلمل همرڪابي.

٥- رهبر روشن ڪئي دل ريهي، نينهنِ نباهيو نازڪ نيهي،
مرشد خود مختيار، ميليو مشهده نور نقابي.

٦- اڄ گهريا احسان مليا سي، وسري ويل سامان ملياسي،
ياد ڏياريا يار، ڪُهن ساليءَ ۾ شغل شتابي.

٧- ملڪ حسن ماڻن مردانہ، مصداقِ شمع پروانہ،
بلبل باغ بهار، گل سان گڏ بيحد بيتابي.

٨- ”در محمد“ لعل محمد، پاتو دامن عليءَ ۾ پيوند،
بنده علي هر بار، همدم هڪ جيئن آب حبابي.

ڪلام نمبر ٢٥٠

مطلع: مُلڪ اُتو مارن جو، ويا پنھنجي وطن ورِي،
ويا پنھنجي وطن وري، سانگي سانگ چَري.

١۔ اُڪندي اباڻي اُتڻ جيءَ اندر منجھ جڙي،
محبت تن جي سرتيون مورون نہ جا وسري،
ياد ڪري ڳُڻ ڳالھيون، پون لحہ ڳچ ڳري.

٢۔ درد منديءَ جي دل تي، دردن لاتي ڏڙي،
عيش ارم ڪائڻ خوشيون بَرسَر يايان پري،
ملنديس ماڳ مارن، ڪوتي توڙي ڪري.

٣۔ شھد شَڪر کير ڪندبون مکڻ ماکي يا مصري،
ڪائڻ پيئڻ خوش نہ اچي يايان زھر ذري،
ڏور رھڻ ڏوتن ڪان، تيڙي ڳالھ ڳري.

٤۔ "در محمد" درد مارن جي ڪولي دل جي دري،
سوز ھجر ڪان ھاٽي ھينئڙو پيم ڏري،
پھچ پنھوارين پل ۾، موتو قبل مري.

نوٽ: ھي ڪلام مست فقير در محمد اول، جو چيل آھي.

ڪلام نمبر ٢٥١

مطلع: منڙو مانيءَ لئي مشتاق، تئي تو چڳڻ پڳڻ سان چاق

١۔ رات اوبر تي ڪائي ڪانو، صبح سويرو نيٺ نيرانو،
نيڻ نهارن دستر خانو، خاص هُجي خوراڪ.

٢۔ پيٽ پرين آ جيتر خالي، ڪين وٺي تي قيل مقالي،
ذڪر فڪر جي ويسر حالي، ياد ناهي رب پاڪ.

٣۔ سوا ڪاڏي جي ڪين سيباٽا، رقص راڳن جا مرڪڻ ماٽا،
سيج سنايا طول وهاٽا، اُچي توڙي اوطاق.

٤۔ راتيان ڏينهان آهي لوري، ڪائڻ پيئڻ جي جيءَ ۾ جهوري،
ڳنڍتي ڳاري هيءَ پڻ ڳوري پهريان پٽ پوشاڪ.

٥۔ "در محمد" دوُر انهيءَ ۾، ڪين ڪيئي ڪي غور انهيءَ ۾،
شاغل تيو آن شور انهيءَ ۾، وسري ويئي ميثاق.

ڪلام نمبر ۲۵۲

مطلع: منهن مسجود تي سجده آهن، ساجد ساريا ناز نگاهُن

۱- پڙهن نماز نياز جي نانگا، حج حسن ڪن برهين بانگا،
سر گهر گهورن سٽيون سانگا، مرن جين دم چاڙهن لاهن.

۲- ياد خدا ۾ خود ويا وسري، بيخود بيٺا نازڪ نسري،
مُنهِ ڪنعان موهيا مصري، اکين اگيان دليون دانهن.

۳- ڪشش ڪريمي ابر عنايت، جنگ صلح سان امر هدايت،
شوق حسن در شهر شهادت، پتنگن جي مٽ پوپٽ ناهِن.

۴- حسن ڪيا حقدار حڪم تي، صابر شاڪر شادي غم تي،
جابر قادر لوح قلم تي، مندرج درجه ڏاهِن ٺاهِن.

۵- دل وارا همدم درسن ۾، رنگيا رنگ اسم احسن ۾،
"در محمد" بزم حسن ۾، نينهن نصير نسنگ نباهِن.

ڪلام نمبر ٢٥٣

مطلع: منظور نظر ناظر، امداد عشق سان،
شيرين سخي سجاتو، فرهاد عشق سان.

١_ نيڻن دلي نهاريو، اعتبار دم بيهاريو،
بنياد ياد ڏياريو، استاد عشق سان.

٢_ هر نقش تا اڪيريو، دل تان نه خيال ڪيريو،
ناظم حسن نبيريو، فرياد عشق سان.

٣_ صورت مورت هڪائي، سيني اندر سمائي،
ماڻن عشاق جائي، اتحاد عشق سان.

٤_ بنده علي سجاتو، پيوند خيال پاتو،
مرشد نباهيو ناتو، ”در“ شاد عشق سان.

کلام نمبر ۲۵۴

مطلع: مولیٰ علي مرشد مليو، هينئڙي اندر هر حال ۾،
سر پاڪدامن سان مليو، سائل نوازيو سوال ۾.

۱۔ اڪين اڳيان اظهر مليو، دل ۾ دلي دلبر مليو،
راضي رهي رهبر مليو، عاشق جي استقلال ۾.

۲۔ ماٺي عاشق مُوتُو مدعا، دم جسم کان جاليو جدا،
حظ وصل و غم فرقت فدا، ٿيو عشق جي احوال ۾.

۳۔ نيبه حسن نروار ڪيو، بيخود خوديءَ خمار ڪيو،
مَن عَرف سان اظهار ڪيو، اعتبار دم خود خيال ۾.

۴۔ مضطر مرغ ممتاز ٿيو، پرواز باشهباز ٿيو،
اعجاز دل همراز ٿيو، هر فعل حال و قال ۾.

۵۔ "دردآن" حسن سرتاج ٿيو، گڏ عشق جو اخراج ٿيو،
محبوبيت معراج ٿيو، محلءِ محمد لعل ۾.

ڪلام نمبر ٢٥٥

مناجات با قاضي الحاجات

مطلع: مولا علي آباد رک، دل عشق سان اظهار تون،
نر نينهن پنهنجي ۾ نپي، نبيباه ڪر نروار تون.

١- هر دل دوئيءَ کان دور ٿئي، مقصد وحدت منظور ٿئي،
محفل فقر مخمور ٿئي، پيالا طهورا پيار تون.

٢- چوگان ۾ چاهي چلي، مُوتُو قبل منصب ملي،
بسمل بزم تنهَنجي بلي، جڏڙن ڪي جلد جيار تون.

٣- مَن عرف جو مصداق ڪر، گم فرق وصل فراق ڪر،
مقبول هر مشتاق ڪر، معراج ۾ مهدار تون.

٤- مرڪب خفي منزل رسن، درسن ملي دليون وسن،
هر حال هر عاشق حسن، ثابت قدم بيهار تون.

٥- دامن علي اعجاز ۾، رَل "در محمد" راز ۾،
بنده علي آغاز ۾، تنهنجو يقيناً يار تون.

مناجات با قاضي الحاجات

ڪلام نمبر ٢٥٦

مطلع: موليٰ علي هر دمبدم، موجود سائل ساڻ تُون
احوال دل توکي عيان، ڄاڻين سيئي تو ڄاڻ تون.

١۔ دل صورتي سينگار ۾، ڦاٽي مڃي جان ڄار ۾،
دم معنوي ديدار ۾ پنهنجي امر سان آڻ تون.

٢۔ جيئن حق حسن جو پيو پلي، تيئن قرب ۾ قبضو مِلي،
موجود گيءَ سان دم هَلي، وحدت اندر دل واڻ تُون.

٣۔ جو بيش ڪم برسر بٽيو، سو سمجهندم توکي وٽيو،
تن طلب تنهنجيءَ ۾ ٽٽيو، من اندر موجان ماڻ تون.

۴۔ پيهي آئين اکين پسيو، ويران گهر برحق وسيو،
پر رنج هي دل کي رسيو، ڇيڇي رهئين ڇاڪاڻ تُون.

٥۔ صدقي شهيدِ ڪربلا، ڇن سيگهه ۾ ٻيا سر سلا،
ڪُل مان جزو هڪ ڪر يلا، پُر پيار محبت ماڻ تون.

٦۔ "در" ميل در دامن علي، دل عامَ ڪان پلجي يلي،
امداد ڏي مخفي جلي، ڪر وس پنهنجي ۾ پاڻ تون.

کلام نمبر ۲۵۷

مطلع: مولا علي مدامي، حاضر ناظر نگهبان
تختِ قلب تي ساڪن، هر دم آهي حڪمران.

۱ـ فَاَینَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجۡهُ اللهِ يڪسان،
حُبَ اللوَرِيد پختہ، پيوند پيا دل وجان.

۲ـ موجودگي محبت، گم ڪيا خوشي و ارمان،
شوقِ حسن وساريا، هر سوءِ سُود و تاوان.

۳ـ ڪيو اوج بحر بيرنگ، اظهر ٿيون مخفي موجان،
لڙهي ناز نياز جي حد، ٿيا غرق دين و ايمان.

۴ـ بنده علي بهادر، محبوب شاهِ شاهان،
ماڻن معراج "دردآن"، الفقر فخري فرمان.

مناجات با قاضي الحاجات

ڪلام نمبر ٢٥٨

مطلع: موليٰ علي موجود آن، موجود رک هن حال کي
ثابت ڪري سک ساڻ دل، هڪ عشق جي اقبال کي.

١۔ انگ عشق جا نازڪ نوان، ڪهڙيءَ طرح پورو پوان،
سمجهاءِ تيئن توکي چوان، مقبول ڪر تنهن سوال کي.

٢۔ ذي فهم حق فرمان روا، ڪر دور هر حرص و هوا،
گهرجي نہ ڪجھ توکان سوا، جلدي جلاءِ جنجال کي.

٣۔ الفقر فخري فائدو، قدرت قوي جو قاعدو،
پاڙيو نہ مون ڪو واعدو، ڪر عدم هن احوال کي.

٤۔ لاتقنطو وحدت وسان، من عرف جي رتبہ پسان،
موتو قبل مصداق سان، پورو ڪيان پرتال کي.

٥۔ شيشي اندر شمع جو ٻري. پروان جي دل لئي پري،
دم محو ٿئي درسن ڪري، رخ تان هٽاءِ رومال کي.

٦۔ دل سان اکيون همرنگ رهن، دم ۾ دوئي جا دنگ ڊهن،
جيئن يار هن جا انگ نهن، تيئن ڪول ڪر ڪنگال کي.

٧۔ ڪپيا قلب خاصن کلي، عرش و فرش مُرڪيا ملي،
رت روح جي دعوت دلي، خلعت ملي خود خيال کي.

٨۔ طالب موليٰ تارڪ مرد، ماڻن خوشي اندر درد،
حِظ معنوي مورت زرد، حاصل پرت پشمال کي.

٩۔ روشن علي اعجاز ڪر، "دردآن" کي ممتاز ڪر،
شهباز سان پرواز ڪر، مرغ محمد لعل کي.

مناجات با قاضي الحاجات

کلام نمبر ٢٥٩

مطلع: مولىٰ علي موجود آن، ماٺاءِ خود موجودگي،
معدوم سير صفات کر، تئي ذوق ذاتي زودگي.

١۔ شاهد شهادت ۾ ملهائن مرتبہ مشهود گي،
ٻاهر اندر اثبات هڪ، تئي دوئي نفي نابودگي.

٢۔ ماٺي محويت احديت، در عبديت آلودگي،
معراج جا محتاجمند، عاشق لهن آسودگي.

٣۔ خيبر ۾ کر مظفر ملنگ، تئي غرق غير غنودگي،
بخشش بره بر هر فقر، بيخود خودي خوشنودگي.

٤۔ گم کر شکايت از شکم، بلکل بندش بيهودگي،
فاني في الله جسمات تئي، باقي بالله بهبودگي.

٥۔ دامن علي ۾ "در" نپيل، مقرر ملي معبودگي،
محبت ايازي من اندر، مکمل مڃين محمودگي.

مناجات باقاضي الحاجات

ڪلام نمبر ٢٦٠

مطلع: موليٰ علي مشڪلڪشا، واهر ڪيو وارث اچي،
ماڻن مجازي موهيو، جوشن سبب جند پئي پچي.

١ـ دم خيال سان پيوست ڪيو، دلي تخت پنهنجي دست ڪيو،
پر جام پياري مست ڪيو، راضي رهو رنگ پئي رچي.

٢ـ نفسي مصيبت تاريو، روحي لقا ڏيکاريو،
قلبي ڏئي ڪي ٻاريو، ٻاهيون ٻره ڀڙڪن مچي.

٣ـ آهون اوهان وٽ تو ڪيان، هڪ عشق ڏيو پنهنجو عيان،
منظور ٿئي منهنجو بيان، ڪتان نينهن جي بازر نچي.

٤ـ دل "در محمد" شاد ٿئي، اعجاز سان آباد ٿئي،
مرشد سگهو ارشاد ٿئي، ثابت رهي سڪڙي سچي.

ـ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٦١

مطلع: موليٰ علي مدد ڪريو، ملي رنگ راز رهبر جو،
ديوانہ دم ماٽي منصب، طالب موليٰ مذڪر جو.

١ـ طلبِ مطلوب ۾ طالب، ملهائي معرفتِ درجو،
امر مَن عرف سان عارف، ٿئي معروف مُخبر جو.

٢ـ ملي صورت مورت معنيٰ، مَلهي معراج مندر جو،
ڏسن جمشيد جون اکيون، آئينہ دل سڪندر جو.

٣ـ محمد پاڪ جي صدقي، ملايو قرب قنبر جو،
پيوند سلمان پارس جان، ڪيو خواهان خيبر جو.

٤ـ دائم دم "در محمد" سان، هُجي حبدار حيدر جو،
ملي ديدن اندر درسن، قائم قادر قلندر جو.

٥ـ ـ آمين ثم آمين

کلام نمبر ۲۶۲

مطلع: موليٰ علي جي سڪ جنهين تن تي سلام آ،
گواه هن سخن سندو سيد انام آ.

۱۔ حب علي موليٰ نہ جن، رکيو نبيءَ سان بغض تنِ،
رنج خدا ڪڙکيو مٿن، محڪم مدام آ.

۲۔ روزه نماز نيڪ ڪم، حق ڏي رجوع قلب اتم،
اَحسَنُ آرَبُ حَيا شَرمُ، حَسَدُ حَرامُ آ.

۳۔ لاَتَقْنَطو فرمان ربي، صاحبِ رحمت احمد نبيِ،
تي ويا ردي مشرڪ غبي، ربي انجام آ.

۴۔ سيد سوا ڪانهي ڳلي، پڙهه "در محمد" يا علي،
حامي تو سان خفي جلي، علي امام آ.

۔ آمين ثم آمين

مناجات با قاضي الحاجات

كلام نمبر ۲۶۳

مطلع: مولا علي مشتاق كل، محبت اندر مائل كيو،
هر حال ۾ همخيال هك باقربِ، حق قائل كيو.

۱ـ شامل اسم شب روز تنهي، سازش جسم پُر سوز تنهي،
راجا رونق افروز تنهي شوقِ شغل شاغل كيو.

۲ـ صادر صلح در جنگ جتي روشن حسن بيرنگ تتي،
ننگي نباهي ننگ هتي، ديدن ۾ خود داخل كيو.

۳ـ دريائي دل تارو ترن، لهرن كان لرزي ناورن،
لذا لعل ماڻڪ مذكرن، تن سير هر ساحل كيو.

۴ـ بلبل بگلشن سك سدا، پروان شمع تي سر فدا،
گهمي محويت ۾ پيو گدا، حسنِ علي حاصل كيو.

۵ـ مرغِ دل حسن شهباز سان، اُڏري امر اعجاز سان،
”درُ“ ناز روحي راز سان، سنگت سوڌو سائل كيو.

ـ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٦٤

مطلع: مولِيٰ علي مرشد مليو، ارشاد حق اظهار ٿيو،
مطلوب طالب ۾ محو، سڪ طلب جو تقرار ٿيو.

١۔ لشڪر اندر حيدر هضم، بخشش بره برسر بزم،
نظريو نهان نوري نظم، نيبھ نشو نروار ٿيو.

٢۔ خود خيال و دم همحال ٿيو، فرقِ فراق وصال ٿيو،
من مست محمد لعل ڪيو، مختيار بي اختيار ٿيو.

٣۔ معدوم ٿيو موجود آ، موجود اندر وجود آ،
ڏکيو حُسن جو دود آ، جليا پتنگ جهلڪار ٿيو.

۴۔ من عرف جي اهڃاڻ ۾، پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ۾،
موتو قبل مهراڻ ۾، هر لهر سان هڪ يار ٿيو.

٥۔ بنده علي ٻٽيو جتي، "در" لعل رنگ وٽيو تتي،
انگ ساڻ انگ ڳنيو ڪتي، حصيدار جت حقدار ٿيو.

مناجات باقاضي الحجات

ڪلام نمبر ٢٦٥

مطلع: مولا علي مشڪلڪشا، مشڪل مڙئي آسان ٿئي
خطرات وهمي دور ٿين، هڪ ياد رب رحمان ٿئي.

١۔ دائم رهي روشن قلب، ٿئي روح کي ذاتي طلب،
رهجي اچن دم با ادب، ثابت قدم گذران ٿئي.

٢۔ ڇٽان نفس جي پٽ کوه کان، شيطان جي فند ڊوه کان،
ظالم سندي اندوه کان، هر وقت امن و امان ٿئي.

٣۔ محبوب جلوه گر ٿئي، غم غير کان ويسر ٿئي،
هر دو جهان بهتر ٿئي، پُر فيض جسم و جان ٿئي.

۴۔ دُک "در محمد" تان ٽرن، دم وصل جا جلدي ورن،
پسي يار کي اکيون ٺرن، دلڙيءَ سندو در مان ٿئي.

۔ آمين ثم آمين.

ڪلام نمبر ٢٦٦

مطلع: مولىٰ مهدي موالن سان، روحي رنگ راز سي سلجي،
مجازي موه مبدل ٿئي، حقيقي حڪم سان هلجي.

١ـ ڪلي رنگ راز رندانو، ملي اعجاز ميرانو،
جهٽي شهباز شاهانو، مرغ دل جهام ۾ جهلجي.

٢ـ نظر جي قسم نوراني، ضايع ٿئي جسم ظلماني،
ملو موجود دلجاني، محل محمود جو ملهجي.

٣ـ دلي ميلاپ دمدم ٿئي، خمر خيالات همدم ٿئي،
حسن شعلات هڪدم ٿئي، پسي پروان جان جلجي.

۴ـ حسن محفل ۾ هيڪاندا، ڪوني ڪاهل عشق آندا،
درد ڪان دم ناهِن واندا، عشاقن سان ڪيئن الجي.

٥ـ ملي "در" لعل محمد ۾، مليل جيئن احد احمد ۾،
فقر حيدر سان هر حد ۾ روحاني راضپو رلجي.

ـ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٦٧

مطلع: موج جمال جلال جو مالڪ، دم قلندر صوفي سالم

١ـ دل ۾ ڏڪ خود خيال هٽي تو، فوج فقر سان فائق فالم.

٢ـ بيرنگ بره جي بازي بنيل، بعضي راحم بعضي ظالم.

٣ـ عشق حسن جي مخفي معنيٰ، صورت سمجهي لدني عالم.

٤ـ باطن ذات صفات ظاهر ڪئي، وحدت وارث ڪثرت ڪالم.

٥ـ بنده علي سان بره سفينہ، "در محمد" برحق بالم.

كلام نمبر ۲٦٨

فرمان برمومنان

مطلع: مومنِ جو كم آ دمبدم ۾ شاهِ مرتضيٰ كي سڏ كجي،
يدالله تي عين الله كي، مشكلكشا كي سڏ كجي.

۱۔ بعد از علي المرتضيٰ حسنِ رضا كي سڏ كجي،
ڏوهٽي نبيءَ جي نور منور، مجتبيٰ كي سڏ كجي.

۲۔ هر وقت مشكل جي شهيدِ كربِ بَلا كي سڏ كجي،
هل تئي مشكل كلئي، صاحبِ سخا كي سڏ كجي.

۳۔ بعد از حسين ابن علي، زين العبا كي سڏ كجي،
باقر تي جعفر و كاظم و موسيٰ رضا كي سڏ كجي.

۴۔ سيد تقي حق جو ولي، ماهِ لقا كي سڏ كجي،
سيد نقي تي عسكري. مهدي هدا كي سڏ كجي.

۵۔ وري پاكدامن تي محمد مصطفيٰ كي سڏ كجي،
"در محمد" هر گهڙي، شير خدا كي سڏ كجي.

ڪلام نمبر ٢٦٩

مطلع: موقع ميل محبت مچي ويو مچي،
ڪوڙيا عشق خيمہ امالڪ اچي

١۔ جليو جڏهن العشق ناراً نيارو،
ڪليو تڏهن العقل نوراً نظارو،
روشن رمز تي ڪل پڪي يا ڪچي.

٢۔ وجودي ترڪ ساڻ موجود طالب،
اڏامن عرش تي ڪري عدم قالب،
جسم کان جدا پيو روحي رنگ رچي.

٣۔ ذڪر ۽ فڪر سان فنا مان بقا ٿئي،
حاصل پنهنجي هينئڙي لاهوتن لقا ٿئي،
نوبت نينهن نيهي نباهِن نچي.

٤۔ حسن عشق همدم عشاقن اوطاقي،
گلن ساڻ جيئن گڏ وصالي فراقي،
سوزش کان سگهن ڪين بلبل بچي.

٥۔ داخل ٿيو بدامن علي "در محمد"،
پيوند پرت محڪم مثل خير محمد،
ماٽيو عين مقصد ثابت سڪ سچي.

ڪلام ۲۷۰

مطلع: موهيو سهڻي صورت سبحاني، ڏني عشق حسن ۾ حيراني.

۱ـ محبوب مجازي ماڻن سان، ڪئي دل حقيقت ديواني،
بيتاب حسن جي تاب ڪيو، شل ساب پوي رت روحاني.

۲ـ آيم چاه ذقن مان آب پيڻ، ڪيو حسن زلف جو زنداني،
چڪچور اکين جي گهور اندر، مخمور رهي دل مستاني.

۳ـ جاڪون نيڻ لڳا اڄي نيڻن سان، تاڪون پل پل آهي پريشاني،
سڪ پاڪ سيني ۾ سوز ڪيو، شب روز جلي رت جسماني.

۴ـ "در محمد" مهدي مام ڏني، آهي تو ۾ صورت سلطاني،
من عرف جي معنيٰ اندر ملي، رک شوق شغل شه مرداني.

ڪلام نمبر ۲۷۱

مطلع: موهيو نينهن نواز، نظر نيڻن ۾ خيال خماريو

۱ـ هٿان حيدر پيتم پيالو، ڏُڪ ڏُڪ ۾ نشو نينهن نرالو،
ڪليا روحي راز، نازن سان ننگپال نهاريو.

۲ـ ذوالفقار ابرو سَر ڪپيو، ڏڙ دونالين ديدن ڏَڪيو،
ماري حسن مجاز، جوانيءَ ۾ ڪُهن سال گذاريو.

۳ـ فرش مٿان معراج ماڻيوسون، عرش ڪرسيءَ تي ڪاج ماڻيو سون،
شينهن مثل شهباز، موج محمد لعل اڏاريو.

۴ـ سُرت ترت وئي پرت پلي پئي، ڪرت قدم گم نرت هَلي پئي،
سڪ ۾ سوز گداز، فرق فراق وصال وساريو.

۵ـ ڪيئي دَر دَر پائن ڦيريون، ڪيئي گهر گهر ڪائن سيريون،
رنگ رنگ ۾ رنگساز، پنهنجو حسن جمال ڏيکاريو.

۶ـ صاحب صورت مالڪ ماڻن، طالب معنيٰ پاڻ سڃاڻن،
"در محمد" اعجاز، سڪ وارن جو حال سينگاريو.

کلام نمبر ٢٧٢

مطلع: موهيو محبوب ماٹن سان، حاصل ٿيو ذوق همداني،
عاشق عارف اندر از خود، لايو رنگ عشق روحاني.

١۔ ملنگ خيبر جو مخبر ٿيو، ساڳي سر ساه سلماني،
اندر عاشق صادق سيد ٻاهر درجات درباني.

٢۔ حسن شهباز مرغ دل، ڪئي پيوند يارانی،
مثالِ بلبل و گل آيا، شمع سان شوق پرواني.

٣۔ ماٹين محبوبيت عاشق ملهيو معراج جسماني،
ڪيو بيخود خودي يارو، جُهليو سر تاج سُلطاني.

٤۔ رسالت سان امامت ۾، وارد رتبات وحداني،
ملي دل "در محمد" ۾ شامل ٿيا شغل شاهاني.

۔ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٧٣

مطلع: موهن جو مڪمل نسنگ ٿيو نياپو،
صورت سان معنيٰ ڪيو مقرر ميلاپو

١۔ حسن معنوي ٿيو محو محل من ۾،
اُداسي اکيون ٿيون صورت جي صحن ۾،
وصل سان فراقي ڏئي ڪيئن ڏوراپو.

٢۔ روشن دل ڪئي آه انوار عينن،
نباهيو نازڪ نينهن نروار نينن،
حسن عشق ٿيو هڪ لٿو بيو لاڳاپو.

٣۔ ترڪ دنيا عقبيٰ ڪيو ترڪ طالب،
لائي لا جي ڪٺنچي ڪپيو پنهنجا قالب،
امر من عرف سان صحيح ٿي سڃاپو.

٤۔ درد مند دل ساڻ پيوند پساري،
ميثاقي موهن ڪئي نوازش نياري،
اچي اوچتو پيو اندر مان اولاپو.

٥۔ ماڻين محويت "دردآن" دامن عليءَ ۾،
خودي ڪيڙو بيخود عاشق اردليءَ ۾،
اسم ۾ جذب ٿيو جسم جو جياپو.

ڪلام نمبر ٢٧٤

مطلع: موهن ٻيا موه ڪئين موهيا، موهن جي موه ميثاقي،
السّتي حسن جا عاشق، ازل کان عشق اوطاقي.

١_ فعل المختيار مردانہ، جيارن جسم بيجانہ،
خمارن خيال خاصانہ، سڏي پيارن سُرڪ ساقي.

٢_ طلب مطلوب ۾ طالب، ڪٽن جنگ اڪبري غالب،
اُڏيا عرشين ڪيري قالب، صاحب النفسي و آفاقي.

٣_ حڪم شه حسن جا هرجا، گهوري گهر سر ڪَرن برجا،
ماٽيا دردن دلي درجا، عدم اُتي عِلم اخلاقي.

۴_ گاهي مفقود معدومي، گاهي موجود مخدومي،
گاهي محبوب معصومي، گاهي مغموم مشتاقي.

۵_ دليون "در" لعل در آندا، فراقي مُلڪ مان ماندا،
وصل ويڙهي ۾ هيڪاندا، ويڙهي ورتا بره باقي.

ڪلام نمبر ٢٧٥

مطلع: موهن پڌ مذڪور، درد فراقيءَ ڦٽيو.

١ـ حسن پسائي پهريون، موتي ڪيئي مستور.

٢ـ گهايو غمزه ابرو، چشمن ڪيو چڪ چور.

٣ـ نينهن نباهه نظر ۾، ناظر ٿئي منظور.

٤ـ پياري جام طهورا، محفل ڪر مخمور.

٥ـ عشق اعجاز علي سان، محله "دُر" معمور.

شعر نمبر ٢٧٦
طرح مليل ظفر علي سائين

مطلع: ميدان معرفت ۾ الله آ قلندر،
مصداق شھ شھيدان شھنشاھ آ قلندر.

١- صورت علي قلندر، ھر ھڪ اوصاف اندر،
معنيٰ مھديءَ جو، سر ساھ آ قلندر.

٢- نينن جا تير مارن، ھر وار سان جيارن،
نئون نئون خطاب ڏيارن، خود گواھ آ قلندر.

٣- ڪنھن ڪنو ڪنھن ڪھايو، ڪنھن سَنو ڪنھن سھايو،
رنگ رنگ اندر نھايو، ھر تاھ آ قلندر.

٤- محبوب منھن پسايو، ويران قلب وسايو،
رنگ روح جو رسايو، وہ واھ آ قلندر.

٥- اعجاز سان اُڏاٽو، دل جو مرغ نماٽو،
شھباز ٿي سيباٽو، دلخواھ آ قلندر.

٦- رِيءَ گھير گھٽ گھريا سون، لھران لنگھي ترياسون،
دُر لعل لڪ لڌاسون، درياھ آ قلندر.

٧- علم اليقين پاتم، عين اليقين جاتم،
حق اليقين سڃاتم، آ گاھ آ قلندر.

٨- لشڪر دمن جو مالڪ، خود خيال جو بہ خالق،
دمر دمر خزينہ دل سان، همراه آ قلندر.

٩- عشق و حسن سدائي، گڏجي گهمڻ گدائي،
ناز و نياز هڪ ڪيو، ناگاه آ قلندر.

١٠- نروار نور ذاتي، رتبہ سوين صفاتي،
برحق ڏنو وحدت جو ويساه آ قلندر.

١١- بنده علي بٽيو هڪ، وارث "در" وٽيو هڪ،
صوفي نصير لئي، صفي الله آ قلندر.

ڪلام نمبر ۲۷۷

مطلع: ميدان دل ۾ آيو، مرڪب خيال ڪاهي،
معراج تيو معنيٰ سان، صورت جو ميل آهي.

۱۔ صادر صورت صفيءَ ۾، معنيٰ مورت خفيءَ ۾،
اثبات نر نفيءَ ۾ لا جو لباس لاهي.

۲۔ رنگ مختلف مليا ٿئي، بيرنگ مورت رنگ سان ٿئي،
دم جي دوئي دم ۾ ويئي، وحدت ويساه ٿاهي.

۳۔ دلڙي دڪايا دونهان، نينن نپايا نوحان،
جت روح جون وروهان، تت تاب نفس ناهي.

۴۔ ڪٿي جوان جنگ اڪبر، غازي غلام صفدر،
موجود مهدي مخبر، معدوم مُلڪ چاهي.

۵۔ "دُردان" پيتو دستؤن، مليل ميثاقي مستون،
اقرار تيل الستون، نصير پيو نباهي.

مناجات

ڪلام نمبر ٢٧٨

مطلع: مير محمد موليٰ سائين. نور حضور پسايو،
مُرده دل کي زنده ڪريو، دم ويران وسايو.

١۔ قلبي قوت قوي بنايو، روحي رستي ساڻ هلايو،
حرص هوا کان جلدي ڇڏايو، نفسي فند ڦسايو.

٢۔ وقت گهڻو غفلت ۾ ترِيو، نظر نوازش هڪدم ڏريو،
حال رندانہ قائم ڪريو، خيال بره برسايو.

٣۔ ناه رفيق نہ ثمر سفر ۾، واٽ وڃائي بيٺم بر ۾،
هر آفت کان رکو نظر ۾، منزل توڙ رسايو.

۴۔ عشق پنهنجي سان جان جياريو، ظاهر باطن فيض ڏياريو،
پيالو ڪوثر سندو پياريو، آهي ساه تسايو.

۵۔ "در محمد" تان دک لاهيو، دل تان باطل خطرا ڊاهيو،
شوق وارن سان شامل آهيو، ڇو پيا ڏور ڏسايو.

ڪلام نمبر ۲۷۹

مطلع: نمازي نينهن جا نانگا، پنهنجي اظهار ڪان اليا،
چُمن ڪعبه قدم مرشد، حسن جا حج ڪري هليا،

۱ـ ماٺيائون معنوي مورت، سجاتائون پنهنجي صورت،
پيوند قلبي ڪني پورت، روحاني راز ۾ رَليا.

۲ـ ملي وٺي مام مهتابي، ڏني خوش خواب بيخوابي،
شمع جو تاب بيتابي، پسي پروان جلد جليا.

۳ـ موهن اڳيان مهل هڪ ۾، ڪليا مخفي محل لڪ ۾،
نينان نروار ٿيون سڪ ۾، دلي جذبه جاذب جَهليا.

۴ـ مليون منجهه قيد آزاديون، عدم موجود غم شاديون.
ڏنيون بيخوديءَ امداديون. خودي لشڪر پنهنجا پليا.

۵ـ سدا موجود صفي الله، بهر صورت بقا بالله،
بنيو بنده علي الله، دلي "در لعل" سِر سليا.

ڪلام نمبر ٢٨٠

مطلع: نيباه نازڪ نينهن ٿيو، حق اليقيني يار جو،
معراج دل مقرر ملهيو، ديدن سان دم ديدار جو.

١۔ محفل حسن مستان ڪيو، عاشق اندر آستان ڪيو،
بيابان ۾ بستان ڪيو، غنچہ ڪليو گلزار جو.

٢۔ شاغل حسن مشغول ٿيو، ماڻن موهيو مقبول ٿيو،
برحق بجا بهلول ٿيو، عالم علم اسرار جو.

٣۔ مطلوب در طالب رهيو، مغلوب ۾ غالب رهيو،
ڪامل ڪيري قالب رهيو، راغب روحي رفتار جو.

٤۔ روشن رهيو دل جو ڏيئو، نظريو نہ هڪ ٻاجهون ٻيو،
هڪ هڪ سان دم همدم ٿيو، هر هڪ پرين جي پار جو.

٥۔ "در لعل" دَرْ دامن علي، قنبر مثل هَر حدَ مَلي،
سائل بنيو سڪندر ٻلي در حيدرِ ڪرار جو.

ڪلام نمبر ۲۸۱

مطلع: نينهن جو ناياب نقط، نينهن جو ڪولي نظم،
ريءَ آئينہ رخ پنهنجو پاڻا پسن عاشق اتم.

۱۔ امر سمجهي تن سجاتو، جن ڏٺو اولو الامر،
سي سڃاڻائينِ تا، فرمانبرداري فهم.

۲۔ جن سڃاتو خود خوديءَ ۾ بيخوديءَ جو هر بيان،
وصل پنهنجي ۾ فراقي پاڻ ماڻن خرم و غم.

۳۔ خاص مختياريءَ اندر، پيا عام اختياري ڏين،
نفيءَ مان اثبات تي، فاني في الله باقي بزمِ.

۴۔ هڪ شهر گهڻيون گهٽيون، هر گهٽيءَ سان جنسار جدا
جنس جا جنهن کي وٽي، تنهن ۾ ڪيائين هڙ هضم.

۵۔ قلب مومن عرش الله، گڏ رهيو گادي ڏٺي،
"در لعل" سيوهڻ ۾ مليو، مالڪِ مُلڪ عرب و عجم.

ڪلام نمبر ۲۸۲

مطلع: واپار دلين جو وڏيو، نيڻن نظرداري ڪئي،
ابرو اشاره امر سان، خاصن خريداري ڪئي.

۱۔ پيڪان مزگان پڙ مليو، شهه حسن هسواري ڪئي،
ڪيڙا قتل طالب طلب، مطلوب مختياري ڪئي.

۲۔ قالوبلا جي قول سان، سرعين اظهاري ڪئي،
معشوق عاشق عشق ۾، همدم دخلڪاري ڪئي.

۳۔ جفَ القلم جنسار ۾، گُل آب گلزاري ڪئي،
اعتبار دل اختيار سان، سڪ ۾ سزا واري ڪئي.

۴۔ مرشد سڏي محفل اندر، مڪمل قربداري ڪئي،
مجنون جان منصور ٿي، حر پاڪ حقداري ڪئي.

۵۔ اعجاز محبت شاه سان، واه گرم گفتاري ڪئي،
شهباز جي پرواز ۾، "در" ناز نرواري ڪئي.

ڪلام نمبر ۲۸۳

مطلع: وجهين ديدان چو در در ۾، تون اکيون ڪول اندر ۾

۱ـ جڏهن سجاڻي صورت پنهنجي، مِليئي معنيٰ هر مظهر ۾.

۲ـ ماڻ سفيدي منجهان سياهي. ريءَ گهر گِهر پوءِ گهر گهر ۾.

۳ـ پوش ۾ لک لک پوش پنهنجا تي، پيو پهر تون پَهر پهر ۾.

۴ـ مير بحر تون مطيع مڙيئي، لڙهين چا لئي لهر لهر ۾.

۵ـ "در محمد" جو بڻيو جيڪو، سر تاج رهيو هر سَر ۾.

ڪلام نمبر ٢٨٤

مطلع: وڃان ملڪ پنهنجي عمر ڏي اجازت
ڏکن ڪئي ڏکيءَ جي هتي هيٺي حالت.

١۔ تنهنجون ٻن پٽڙيون پلنگ محل ماڙيون،
سانگيئڙن جا سهڻا پڌر پٽ ۾ واڙيون،
چوئنرن ۾ پکن جي چڱيري اڏاوت.

٢۔ پلڪ ۾ پري ڪر پنهنجا سون ڳهڻا،
سانگيئڙن جا سهندس مؤرون ڪوڙ مهڻا،
رڳو رهڻ هتڙي مون لئي آ ملامت.

٣۔ مارن کان مون کي جيئن تي جٺري جدائي،
اهڙو ظلم ڪنهن سان ڪونهي منجھ خدائي،
پنهنجي هِنيانوَ تي هٿ رکي ڪر عدالت.

٤۔ آهي درد دل ۾ اهو "در محمد"،
تنتي دم دوئي جو تئي پورو مقصد،
وحدت جي وطن ۾ وري تئي وصالت.

ڪلام نمبر ٢٨٥

مطلع: وِيا آهيون وڃڙي اسين هڪ شهر جا،
آدم ذات جيڪا آهيون هڪ پدر جا.

١ـ منجها ذات هڪڙي بنيا لک فريق،
صلح سانت ويئي جدا ٿيا طريق،
ڪي مسلم نمازي ڪي مالڪ مندر جا.

٢ـ بحر جا نه تارو وجي تار پياسي،
غوطن منجھ غوطا لک اونهي آر وياسي،
پهچون پار شالا لڙهيل هر لهر جا.

٣ـ پرن ريءَ پکيئڙا چڳڻ لئي چلياسي،
اچي اوچتو مُنهن ماريءَ جي ملياسي،
مڙئي مار ٿياسي، نازڪ هڪ نظر جا.

٤ـ درد "در محمد" شائق ساڻ شامل،
نيو حب وطن جي سارو هوش ڪامل،
ويا ورق وسري نظم ۽ نثر جا.

ڪلام نمبر ۲۸۶

مطلع: هر فوج تي در سلطنت، فرمان سر سلطان ٿيو،
حاضر سپاهيءَ جو لقب، پڳدار پاڪستان ٿيو.

۱۔ شادي شهادت شوق ۾، ماڻيو مزو شاهِ شهيد،
جنهن حسن سان لاوان لڌيون، عاشق شاهِ شاهان ٿيو.

۲۔ طالب مولا مذڪر رهيو، مؤنث مخنث ٻيا مڙئي،
جو رنگ وٺيو سو رنگ ٻٽيو، هر کيل هڪ ميدان ٿيو.

۳۔ صورت هڪي ٻئي ضد ڪيا، پنهنجي سڃاڻڻ سبب،
العقل نوراً في القلب، پرکي اول انسنان ٿيو.

۴۔ بيرنگ بره ڳالهيون ڳجهيون، ظاهر ڪيون دل ۾ سُجهيون،
پنهنجو پاڻهيءَ پيا ڪائون، نہ هڪ همخان ٿيو.

۵۔ بنده علي بر بحرِ دل، هٿ ۾ جهليا جهنبه ٿئي،
حيدر هٿان "دردآن" مٿان، سائل سندو احسان ٿيو.

کلام نمبر ۲۸۷

مطلع: هر صورت ۾ هڪ يار مليو، دل عاشقن ۾ ديدار مليو

١۔ اعجاز عينان اغماز اندر، رَليو راز نياز و ناز اندر،
حظ حيرت سوز و گداز اندر، حسن محفل ۾ هر بار مليو.

٢۔ نيڻن نازڪ نينهن نروار ڪيو، پاڻي پاڪ زبان پُر خمار ڪيو،
بقا بالله بره باغ بهار ڪيو، گويا بلبل با گلزار مليو.

٣۔ روشن شعاع شمع گمنام پتنگ، حسن محويت ۾ مدام ملنگ،
نظر خاص نوازيا عام نسنگ، اعتبار روحي اظهار مليو.

۴۔ فَقَر فَخُريءَ جو فرمان ڪليو، همذات حسن سلمان مليو،
جنگ اڪبر جو ميدان ملهيو، دل ۾ دلدل جو هسوار مليو.

۵۔ "دُر لعل" محمد اندر ٿيو، اسم عشق غلام قلندر ٿيو،
قطره صورت ساڳي سمندر ٿيو، مورت معنيٰ جو مهدار مليو.

ڪلام نمبر ۲۸۸

مطلع: هر دم هاديءَ ۾ هڪ آهيون، ڪنهن جو پڇايون ڪاڏي ڪاهيون

۱ـ خيال پياريا لعل پيالا، خمر ڪُليا نروار نرالا،
حسن شهباز جي شفقت شالا، عشق اعجاز ۾ نينهن نباهيون.

۲ـ هوالأول هوالـآخر، هوالباطن هو الظاهر،
مرشد مولا حاضر ناظر، اسان علحده هرگز ناهيون.

۳ـ اسم جسم ڪان ڏار رهياسون، بحر خوديءَ ۾ بيخود پياسون،
مرڻ جيئڻ ۾ ٻوڙي ترياسون، چڙهي چڪياسون چاڙهيون لاهيون.

۴ـ دين ڪفر ڪان آهيون آجا، خيال ملايو احمد خواجا،
راڻيءَ سان مس ريڏو راجا، ويهيو وحدت وند ورهايون،

۵ـ دامن علي ۾ "در" تيو پيوند، لائق لاحد لعل محمد،
دل ۾ مليو عربي احمد، چاه منجهان آيو چستو چاهيون.

ڪلام نمبر ۲۸۹

مطلع: هر رنگ ۾ هڪ يار ڏسون ٿا، دم نہ دلبر ڌار ڏسون ٿا.

۱ـ ڪڏهن پنهنجو منهن نہ وٺي ٿو، ڪڏهن هر قدم سان پيار ڏسون ٿا.

۲ـ ڪڏهن بيخود بي اختياري، ڪڏهن خوديءَ ۾ خمار ڏسون ٿا.

۳ـ ڪڏهن ڏيهن ڪي ڏاڻ ڏيون ٿا، ڪڏهن پاڻ ڪي خوار ڏسون ٿا.

۴ـ وڻ وحدت جو تخم نوراني، ثمر رضا ڏک ڌار ڏسون ٿا.

۵ـ ڪڏهن ٻهاريدار ٻانهپ ۾، ڪڏهن "در محمد" سردار ڏسون ٿا.

ڪلام نمبر ٢٩٠

مطلع: هڪڙي صورت جو هڪڙوئي دم، ڪٿهن الله ڪٿهن آدم

١ـ ڪٿهن موج محبوبي ماٿي، ڪٿهن عاشق در بحرِ غم.

٢ـ ڪٿهن مالڪ ملڪ دلين جو، ڪٿهن خاص عام جو خادم.

٣ـ ڪٿهن فريادي دُزد ومفتي، ڪٿهن گواه وڪيل مقدم.

۴ـ ڪٿهن پنهنجو حسن لڪائي، ڪٿهن حاضر ناظر ناظم.

۵ـ ڪٿهن مقيد "در" زلفن ۾، ڪٿهن بنده علي حاڪم اعظم.

ڪلام ٢٩١

مطلع: هُليو حڪم علي اصغر جو، ڪليو راز روحي رهبر جو.

١۔ جسم دم ريءَ اسم قدم سان، وڳو ناد ظفر خيبر جو.

٢۔ شاه شهيدان شامل ڪيڙو، دل ڪشتهءِ ناز نظر جو.

٣۔ حال حُلا جي هر دم ماٿي، حُبدار علي حيدر جو.

۴۔ غمدل اندر رُم رُم روشن، گم شعاع شڪم پرور جو.

۵۔ اندر دامن "دُرّ" آٿايو، هر همسر سَر اطهر جو.

ڪلام نمبر ٢٩٢

مطلع: همراز راز روحي، رلجي ٻه نٿو پيو،
سُورن جو حال سي سان سلجي ٻه نٿو پيو.

١- مصداق پاڪ موهن، ڪاٿي نظر نه آيو،
اکين جو دم اُداسي، پلجي ٻه نٿو پيو.

٢- ڏاهَن ڏسي اُمالڪ، مجنون ڪيو مقرر،
ساجن جو آه سودا، الجي ٻه نٿو پيو.

٣- شعاع شمع ۾ پروان، جهٽ پٽ جيئن جلن ٿا،
افسوس جوش هن ۾ جلجي ٻه نٿو پيو.

٤- بنيو مثال بلبل، دل لاءِ "در محمد"،
اوٻر اندر جو هرگز جهلجي ٻه نٿو پيو.

ڪلام نمبر ٢٩٣

مطلع: همصورت حيدر علي، قادر قلندر لعل ۾
در قلندر لعل تان، سائل نوازيا سوال ۾.

١. در قلندر سَر سٽي، اڙيا نہ اِستدلال ۾،
عين اثباتي عشاقن، ڪئي نفي نيڪال ۾.

٢. جذب سان مجذوب ڪيو، جاذب جلال جمال ۾،
طلب سان مطلوب ٿيو، طالب ڪريم ڪمال ۾.

٣. اختيارِ عاشقان، معشوق واري مال ۾،
محويت محبوبيت، سان عشق استقبال ۾.

٤. شائقن ماٽي شهادت، خال مان خود خيال ۾،
لعل از سَر تا قدم، همدم حسيني حال ۾.

٥. ”در محمد“ لعل ڪيا، لک لعل تيا لجپال ۾،
دخل ڪن دُولهہ دلاور، احديت احوال ۾.

کلام نمبر ۲۹۴

مطلع: ھِن مَھل ھِن محل جا، دَر لعل محمد لاھيا،
انعام اکين دل مليا، سُوريءَ تي سر سنباھيا.

۱۔ صورت ۾ محو معنيٰ، کليا خفي خزانہ،
آباد ٿيا ويرانہ، ھِج قرب علي کاھيا.

۲۔ ابرو ڏنا اشارا، نيڻن ڏنا نظارا،
دم دم نوان نيارا، رنگ عشق حسن ٺاھيا.

۳۔ عامن ليکي اياڻا ساجن اڳيان سيباڻا،
ڪُھنہ عاشق اگھاڻا، چاھون جوان چاھيا.

۴۔ ماڻي مجاز ڪاتا، حسن حقيقي ڄاتا،
اعجاز نينھن ناتا، دليون "در محمد" نباھيا.

۔ آمين ثم آمين

مناجات باقاضي الحاجات

ڪلام نمبر ٢٩٥

مطلع: يا علي مشڪلڪشا، هر دم مهرباني ڪيو،
مشڪلاتون معاف تين، هر حال آساني ڪيو.

١۔ قلبُ مومن عرش الله هر حڪمراني ڪيو،
اوتِ ظلماتي عدم تئي نظر نوراني ڪيو.

٢۔ در پنهنجي تان خير ڏيو، پئي در نہ سيلاني ڪيو،
حاضر و ناظر سدا، همدم نگهباني ڪيو.

٣۔ بخشيو پنهنجي محبت رند رنداني ڪيو،
خوش هُجي اولاد عاشق شاد دلجاني ڪيو.

۴۔ "در محمد" جي وسي دل بره باراني ڪيو،
لعل موهن جي محابي، باغ سُليماني ڪيو.

۔ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٢٩٦

مطلع: يا الاهي پاڪ پنجتن، جيءُ جڏو منهنجو جيار،
لڄپال تي ننگپال تي، يا سيدا سگھڙو سنيار.

١۔ ذات تنهنجي پاڪ آهي اندر منهنجي ڪي اُجار،
غير غم سڀ غرق ٿئي، ڪو فيض جو بھرو ڏيار.

٢۔ نفسِ نجس نابود ٿئي، آءُ هڻ تهنڪي تون ترار،
قلبي ڪعبہ ٿئي صفا، پيالو پرت وارو پيار.

٣۔ ڇا ظاهري ڇا باطني، مدعي منهنجا دم اندر مار،
قلب منهنجو ٿئي قوي، آءُ ذوق ذاتي ڪي اٿار.

۴۔ بنده علي بردو ڪري، دربار پنهنجيءَ تي بيهار،
ساٿ سڀ پرتل اٿئي، درسن "در محمد" کي ڏيکار.

۔ آمين ثم آمين

ماناجات باقاضي الحاجات

ڪلام نمبر ۲۹۷

مطلع: يا الاهي برهہ پنهنجو بخشيو، پاڪ پنجتن جي سدا سڪ ڏيو

۱ـ جو مجازي محل ۾ چپندا وتو، تني حقيقي روشني پايو ليو.

۲ـ ظاهر و باطن ڪيو مهر و وفا، رمزرنديءَ سا رهان راضي تيو.

۳ـ سوز عاشق لئي سُنو معشوق جو، حال محرم عشق سان همدم ڪيو.

۴ـ باز بچيو بره جو بنده علي، "در محمد" مرغ دل جهپجي ويو.

مناجات باقاضي الحاجات

كلام نمبر ٢٩٨

مطلع: يا خدا پنجپاڪ جو بخشيو پيار،
غم مجازي ۾ ٿيو دم بيقرار

١۔ راه سڪ ۾ ٿئي نہ شل دل منتظر،
جوش جاڳيو بره جو چڙهيو بخار.

٢۔ پاڪ نيڻن جي نظاري مست ڪيو،
شوق سان شاهِ حسن دل ڪئي شڪار.

٣۔ ويو ذڪر وسري فڪر سينو وڍيو،
دم جدائيءَ ۾ جيئڻ ٿيو ناگوار.

٤۔ بره جو بار ڪنيو بنده علي،
"در محمد" جو نہ هليو اختيار.

٥۔

کلام نمبر ۲۹۹

مطلع: یا خدا جاني جدا هرگز نہ کر،
راه سک ۾ تئي نہ شل کو منتظر

۱۔ درد دلبر جي کيو دلخستہ جو،
آه عاشق اه پرتون پر اثر.

۲۔ بره کيڙو برطرف هر کار کان،
هوش نيڙو ناز وارن جي نظر.

۳۔ غور سان جاچي ڏٺم ثابت ٿيو،
کونہ خوش دنيا اندر ديوان مگر.

۴۔ "در محمد" ماڻ موجودات دم،
قول رندانہ اٿئي چاٿين اگر.

مناجات باقاضي الحاجات

کلام نمبر ٣٠٠

مطلع: يا قلندر لعل سيوهاڻي بخاري بادشاه،
فيض برڪت بره سان پرپور تنهنجي بارگاه.

١۔ هر طرف محفل حسن ۾ نوان ناز وغماز،
سال گذريو جن جي سڪ ۾ سي ملايو شهنشاه.

٢۔ نينهن جي نوبت وڄي، نروار صبح شام جو،
ملنگ مست و مست ٻولن، اثر سان ٿئي تن جي آه.

٣۔ فوج سيوهڻ ۾ فقر جي، موج مستي سان رهي،
ملڪ جا مالڪ اوهين، شاهِ شاهان ٻيا سڀ سپاه.

٤۔ شوق شادي لئي عجب، موقع مليل شعبان ۾،
ارڙهين اٺوهين ويهين ايڪهين واه واه.

٥۔ سوال دل سان جو گهري، دربار ۾ ٿئي مستجاب،
عشق طلبي ٿو اوهانجو، "در محمد" دلخواه.

۔ آمين ثم آمين

مناجات با قاضي الحاجات

کلام نمبر ۳۰۱

مطلع: يا محمد مصطفيٰ دل عشق سان معمور ٿئي،
ذوق ذاتيءَ سان جسم بهرِ اسم پرپور ٿئي.

۱۔ پنهنجي صورت سان ملايو، معنوي مورت سگهو،
سياه نقط مان سفيدي نظرسان پرنُور ٿئي.

۲۔ وصل وحدت ۾ ملن فوجان فراقي ڪثر تي،
اشرفِ مخلوق وارو، امر دم مامور ٿئي.

۳۔ پارسي سلمان سان، پيوند ڪيو صدقہ حسين،
شهنشہ شفقت اندر، ناظر نظر منظور ٿئي.

۴۔ "در محمد" مهدي آخر، عشق سان دل ۾ ملي،
محفلِ معشوق ۾، عاشق موهن مخمور ٿئي.

۔ آمين ثم آمين

مناجات باقاضي الحاجات

ڪلام نمبر ۳۰۲

مطلع: يا محمد مصطفيٰ فرياد هن جو داد ٿئي،
حق بنا خطرات خامن ۾ نہ دل برباد ٿئي.

۱۔ مرتضيٰ مولا علي يا پاڪدامن پاڪ تن،
دل سندو ويران ڪعبہ عشق سان آباد ٿئي.

۲۔ شاه حسن المجتبيٰ، شاه شهيدان يا حسين،
ميتجي قلبي ڪثافت، دم نہ هڪ افراد ٿئي.

۳۔ شاه زين العابدين، يا شاه باقر با وفا،
هر مصيبت معاف ڪريو، دائما دل شاد ٿئي.

۴۔ شاه جعفر شاه ڪاظم، شهنشہ موسيٰ رضا،
در رضا روحي رلايو، عشق جو امداد ٿئي.

۵۔ مل سگهو سيد تقي، سيد نقي شه عسڪري،
"در محمد" ڪي دلي مهدار مهدي ياد ٿئي.

۔ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ۳۰۳

مطلع: يار عاشق ڪان منٹ منهن ڳالھ ناشائستگي،
تو سوا دل مونجھ ۾ موڳي رهي سربستگي.

۱۔ پيار سان تون يار پهريون ٻول کهڙا ٻوليا،
ناه واجب جو چنين ازلي پيل پيوستگي.

۲۔ ناه ڪنهن دم خيال خوش غلبہ ڪيو نفسِ پليد،
دشمنِ ناڪام ڪي دلبر رساءِ شڪستگي.

۳۔ ساه سختي ناسئي ويو جاڻ بت بيمار ڪان،
جلد پانڌي ميل پيارل ڏي چڏي آهستگي.

۴۔ "در محمد" دوست بن فرياد دل ڪنهن کي ڏئي،
روز شب رت ٿو روئي. شل دور ٿئي دلخستگي.

۔ آمين ثم آمين

ڪلام نمبر ٣٠٤

مطلع: يار جو دل سان ڏسي، قلبي ڪثافت کي ڇڏي

١۔ شهنشاهِ حسن سان عاشق ملائن تا اکيون،
سِر ڏئي بنيا سپاهي، بادشاهت کي ڇڏي.

٢۔ ناز غمزهِ يار جو، جيڪو ڳڏل مشتاق آ،
سُور سختيون پيو سهي پر نا صداقت کي ڇڏي.

٣۔ دوست جي ديدن دونالين سان قتيل کي اي طبيب،
ڇا ڪنديون تنهنجون دوائون ڏي طبابت کي ڇڏي.

٤۔ دوست جو درسن ملهايو مرد جنهن دل جي اندر،
سو فراقي تيو وصالي هر ملامت کي ڇڏي.

٥۔ "در محمد" در علي موسيٰ رضا ره دَر رضا،
ڪر قدم بوسي قلب سان ڏي رياست کي ڇڏي.

ابيات

(١)

ٿيو ذات جو صفات سان آه سير منجهان سڪ
وحدت ڪيا ڪثرت ۾ کهڙا کهڙا لڪ
دُرمحمدؐ ڏس دل سان ۽ دل جي ڪنين ٻُڌ
هرشيءِ ٿي چوي هيئن ته مان هڪ آهيان هڪ.

(٢)

پسي ٿيم حيران حسن حبيب شريف جو
نينن سندي ناز ڪيو هڪدم من مستان
درمحمدؐ دل ۾ دلبر ڪوليو دڪان
مليو سوز سامان وصل خواهه فراق ۾.

(٣)

پرينءَ جا پيغام اچ مِليم اوچتو
سمجهي سگهيم ڪين ڪي محبوبن جي مام
عشق نيا آرام درمحمدؐ دل جا

(٤)

جانب آجٽ ڪٽ رمز تنهنجيءَ جو رنگڙو
درمحمد جي ديدن اڳيان وجهه نه دم هڪ وٽ
رٽ اها ڪارٽ جو توسان نينهن نيباه ٿئي.

(٥)

دلبر جي دستور عاشق اداسي ڪيو
دوست سمايو دل ۾ اڪين پرايو پور
محبوب جي ماڻن جا ڪنهن سان ڪيان مذڪور
ساٿي تيڙا سور درمحمدؔ دم سان.

(٦)

دامن علي سان دل ٻڌي تون گولو تي گذار
هر حدِ ۾ جي رنگ ڏسين اٿئي اعجاز علي اظهار
درمحمدؔ دلبر سهڻو مرشد خود مختيار
خير محمد خلوت ۾ تيو خيالي خريدار
الله مرشد هڪا هڪ حد عشق ڏنو اعتبار
هن عاصي جي عيبن جو سرپوش آستار
ڪرا ڪوتا ڪارا ڪوجها سڀ ڪول ڪيا سردار
مقصد هر گز ناهه ٻيو هڪ بره رهي برقرار
آه مرشد ذميوارِ هر طالب جو توڙ ڪان.
آمين ثم آمين.

(٧)

روئن اکيون روز پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي
سڪ ۾ وڌيو سوز درمحمدؔ دل جو.

(٨)

سڪ ۽ سور ٻئي سڄڻ مڪا سوغات ڪري
عمداً اوڪي جاءِ ۾ لايم ناتو نيئي
درمحمد دوست سان پَڙَنِ سخن سيئي
خيال دم دل تيئي چوٽ چشمن چڪ چور ڪيا.

(۹)

سڪ ته مڙئي سڪ پر سڪ سڄڻ جي سهڻي
درمحمدؐ دل سان پيتي پرينءَ جي پڪ
مليو محرم من جو ڪري لوڪون لڪ
هتسي گم تي هڪ ته ماڻي خيال محو تان.

(۱۰)

سڪ جو پيالو پيءُ هٿان حبيب شريف جي
درمحمدؐ دلبر اڳيان جال ادب سان جيءُ
نين ملائي نينن سان قربان حسن تان ٿيءُ
هئڻ نفي ڪر هيءُ ته هو اچي اثبات ٿئي.

(۱۱)

سڪ جو سبق پڙهيو درمحمد دل ۾
من محبوب شريف سان محبت منجهه مڙهيو
چارئي چشمان هڪ ٿيون چوڏول تي خيال چڙهيو
روح قلب ڪڙهيو شاهه حسن جي حاويءَ ۾.

(۱۲)

سندي سڪ سزا سهڻ سوز صبر سان
باه منجهان ٿي باغ بره جو ملندي جلد جزا
ماڻج پوءِ مزا درمحمدؐ دوست سان.

(۱۳)

سونهن لويون سانگن کيۡ پهرن مورن پٽ
بهتر بستر مرڪ نہ مارن سمهن متاهين پٽ
پلپل آهي پٽ درمحمد دل ۾.

(۱۴)

صدمہ سنيمہ هزار هر گز متي نہ حالت
جيئن جيئن عمر وڌي ويئي تيئن تيئن وڌي ضلالت
نفسي سڌن ڪيو آ تاراج دل جو تخت
يا رب درمحمدؔ کي بخش پاڪ طاقت

(۱۵)

ضياءُ ڪيو ظلمات مان بجلي بره برق
بنده علي خود بنيو جليا فڪر فرق
حق مليو حقدارن ۾ ٽيڙو غير غرق
درمحمدؔ وحدت ورق خيال امالڪ کوليا.

(١٦)

عشاق ٿيا ساجد سوين سردار جي دربار ۾
هر طرف کان فوجان حسن جون هر ڳليءَ بازار ۾
سوَ سڪايل پيا ملن هن ميل جي موقع اندر
درمحمدؔ جي نظر دم دم دلي ديدار ۾.

(١٧)

عشق جون لاوان لهن باقابره بردار ميان
بحر بيرنگ جا رنگيلا پار پيا پينار ميان
بلبلا وقتِ خزان ماٺي رهيا گلزار ميان
درمحمدؔ لعلَ چشمان لعل رنگ رخسار ميان.

(١٨)

ڪڏهن لات لڪي ڪيون ڪڏهن هوڪا سَرِ بازار
ڪڏهن ساجد سڀ جا ڪڏهن پاڻ ڪان پاڻ بيزار
ڪڏهن ڪيل بزم جو ميل نہ دم سان ڪڏهن برتر گهر گلزار
ڪڏهن بهار دل درمحمدؔ ڪڏهن روئي دل زارو زار

(١٩)

لوڪ پڇيو توڪ طرح ڏس يار اٿئي پرتو
هڪ پير امير ڪرو فرساڻ بنايو گدا اٿئي پرتو
درد پريل درمحمدؔ دم دم پيرين اٿئي پرتو
پسي تنهنجو پرتو ٿيو پاڪ قلب ڪثيفي.

(٢٠)

محرم حال ٿيا غمزه جن جي گهائيو
ويني مليا ويچ مون مرضِ مجاز ويا
پيوند حقيقت پيا درمحمدؔ دل ۾.

(٢١)

ملڪ ساري ۾ قلندر مست جو مٹ ناھ ٻيو.
ميل جنهن وٹ مام ۾ شادي غميءَ جو هڪ ٿيو.
من موهيندڙ موقع تي عجب عشاقن ڪيو
راز دل اعجاز وارو درمحمدؔ ڏس پيو.

(٢٢)

مستيءَ جي موج سان ڪيو پورو قصد قلندر
ڪري دست ملڪ دل جو بنجي ويٺو تونگر
نوبت وڄي ٿي نينهن جي نروار صبح شام
دل ساڻ درمحمدؔ هر سير صحن اندر.

(٢٣)

نوراً اعليٰ نور شان شهنشاهہ جو،
آيو اڳڻ عاشق جي دعوت ٿي منظور،
ڪيم سجدا سيد کي ٿيڙو حج حضور،
محبت ۾ مخمور دم دم درمحمدؔ ٿيو.

(٢۴)

ناز نينن جي خماريو خوديءَ ۾ بيخود خيال
تخت دل اعجاز سان هٹ ڪيو قلندر پاڪ لعل
ملي موهن ڪان ملڪيت مُلڪ محبت لازوال
دُر مليو دامن علي سان قرب ٿيو قنبر مثال.

(٢٥)

هڪ سڪ سڄڻ جي سوز ڏنو ٻيو خلق ملامت مٿان مڙهي
خود خيال عاشق بيهوش ٿيو جان جوش سان آيت عشق پڙهي
ذڪر ڪيان يا معنيٰ سمجهان قلب فڪر ۾ پيو ڪڙهي
درمحمدؐ ماٽن موهيو چوٽ حسن اٺموٽ چڙهي.

(٢٦)

هن مثل جي وسيلي بي مثل ٻوليندڙ
هر وقت گونا گون آهي حڪم ڪوليندڙ
درمحمد مهدي آ دل ۾ مقرر
سلطان ولي سرسان تون طرف ڳوليندڙ.

(٢٧)

هڪ جوڙيندڙ پر آساز رنگا رنگ
هڪ ٻوليندڙ پر آواز رنگا رنگ
هڪ موهيندڙ پر آ ناز رنگا رنگ
هڪ ڪوليندڙ دُر پر آ راز رنگا رنگ.

(٢٨)

يار جا ساجد ٿيا سڀ انس و جن حورو ملڪ
منهن جبين روشن ڪيا زمن و زمين عرش فلڪ
ناز بي انداز درمحمدؐ ڏسي ديوان ٿيو.
يار جا سينگار سو هر رنگ نوان هن هر پلڪ.

پلنامه مکنوزدُر لعل (حصه اول)

نمبر	غلط لفظ	صحيح لفظ	صفحو نمبر	سٽ نمبر
١	خوش محمد	خوش خير محمد	١٥	٢
٢	مان	سان	١٦٧	١٠
٣	بند علي	بنده علي	٩	١٢
٤	مست فقير	مست در محمد فقير	٢٠٤	نوٽ
٥	ملو	ميليو	٩٩	٨
٦	مشتاق	منٺار	٩٨	٧
٧	نبيه	نيبه	٤٦	٦
٨	کتا	کيا	٣٨	١
٩	اخيتار	اختيار	١٢٨	٥
١٠	حقدا	حقدار	١٦٤	١١
١١	پاريو	پياريو	٢٠٤	٢
١٢	صو	صورت	٢٥٢	٧
١٣	ۀ	۾	٢٧٨	٧

فقير احسان علي هيسباڻي، خوش خير محمد هيسباڻي، فقير جو پوٽو فقير خير محمد (سوم) جو ٻيو نمبر فرزند آهي. درگاه سان لاڳاپيل بزرگن جي ڪلام سان تندي هوندي ڪان ني نينهن جو ناتو لڳائيندو پيو اچي.

درگاه جي موسس خوش خير محمد هيسباڻي فقير جو ڪلام ڊاڪٽر تنوير عباسي مرتب ڪري ڇپايو هو، جنهن کي سنڌ ۾ بيحد مقبوليت حاصل ٿي. هي ڪلام درگاه جي چوٿين سجاده نشين فقير در محمد "دُر لعل" هيسباڻي جو مرتب ڪرڻ جي سعادت فقير احسان علي هيسباڻيءَ کي نصيب ٿي رهي آهي. فقير احسان علي گريجوئيشن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪري هينئر پورٽ قاسم اٿارٽي ڪراچي ۾ سرڪاري خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. فقير احسان علي هن ڪتاب کان پوءِ فقير در محمد "دُر لعل" هيسباڻي جو سرائيڪي ڪلام مڪنوز "دُر لعل" (حصو ٻيو) جي صورت ۾ پڻ مرتب ڪري رهيو آهي، جيڪو انشاءَ الله هن کان پوءِ سنت ني شايع ٿيندو.

طارق حسن هيسباڻي